सिन्धी साहित्य में

सन्त कंवरराम



छपाईन्दड़

अमर शहीद सन्त कंवरराम मिशन

''शिव शान्ती, सन्त आसूदाराम आश्रम''

वी.आई.पी. रोड, आलिम बाग़, लखनऊ (उत्तर प्रदेश)



مهورتي جلسي ۾ جوت جڳائيندي سائين موهن لعل، وشن روپاڻي، شري لعلواڻي ۽ ٻيا

...धी साहित्य में सन्त कंवरराम

...ाहित्यिक सेमीनार में पढ़ियल मक़ाला

...ल भारत सिन्धी ब॒ोली ऐं साहित्य प्रचार सभा
...01, शिल्पा अपार्टमेन्ट, उल्हास नगर-421003

महूर्त कन्दड़ :

...साईं मोहनलाल सुपुत्र स्वामी चाण्डूराम जी

मरतब ऐं देवनागरी उल्थो कन्दड़ :

डॉ. कमला गोकलाणी

सहकार :

टेकचन्द मस्त

डॉ. लता टहिल्याणी

छपाईन्दड़ :

...अमर शहीद सन्त कंवरराम मिशन

शिव शान्ती, सन्त आसूदाराम आश्रम

...ी.आई.पी. रोड, आलिम बाग़, लखनऊ (उत्तर प्रदेश)

फोन: 2457573, ई-मेल: ssaol@silfy.com

छपीन्दड़ : आशा प्रिन्टर्स, अजमेर। फोनः 2626372

Sant Kanwarram in Sindhi Literature

40 Nation Seminar by:

Akhil Bharat Sindhi Boli & Sahit Prachar Sabha
Flat 301, Shilpa Apartment, Section 18
Ulhas Nagar-421003
Mob: 09422683946

Published by:

Amar Shahid Sant Kanwarram Mission
Shiv Shanti, Sant Assudaram Ashram
V.I.P. Road, Alam Bagh, LUCKNOW (U.P.)
Ph: 2457573
E-mail: ssaol@silfy.com

Scholarly Papers by:

Dr. Kamla Goklani
Dr. Jetho Lalwani
Miss Veena Shirangi
Shri Gyan Prakash Tekchandani 'Saral'

40 सेमीनार जी रिपोर्ट

अमर शहीद सन्त कंवरराम

- टेकचन्द 'मस्त'

11 मार्च 2005, सुबुह जो सवेल, चईं बजे खां, पूज सिन्धी सेन्ट्रल पंचायत वाराणसीअ जा बानीकार हथनि में गुलनि जा हार खणी, हर ईन्दड़ ट्रेन मां लहन्दड़ साहित्यकारनि जो सन्मान करण लाइ, अची स्टेशन ते हाज़िर थिया। मोको हुओ अखिल भारत सिन्धी ॿोली ऐं साहित प्रचार सभा तरफ़ां मन्दरनि जे शहर, प्राचीन इतिहासिक, गंगा नदीअ जे किनारनि ते वसियल बनारस शहर में, अमर शहीद सन्त कंवरराम साहिब ते रिथयल सेमीनार जो। ट्रेन मां हर लहन्दड़ जो गुलनि जे हार सां स्वागत कन्दे जय झूलेलाल जा नारा हणन्दे, मोटरुनि जे काफ़ले में, सभिनी साहित्यकारनि खे जसलोक होटल में आन्दो वियो। आराम देह कमरा, दिल पसन्द नाश्तो ऐं उते जे शहर वासियुनि जो प्यार पाए, सभिनी जा थक दूर थी विया। नाश्तो करण बइदि वरी बि आयल 50 साहित्यकारनि खे अलॻि अलॻि मोटरुनि में विहारे, पंचायत जा बानीकार काशीअ जो दर्शन कराइण लाइ सुबुह जो 11.30 निकता। ॿुद्ध धर्म जे इतिहासिक शहर सारनाथ, अनेक मन्दरनि जा दर्शन कराईन्दे 1.30 बजे मंझंदि जो वरी अची होटल पहुता। रसोई खाराए वरी बि मोटरुनि जो क़ाफ़िलो बिरला मन्दिर, दुर्गा मन्दिर, मानस मन्दिर, संकट मोचन, काशी विश्व विद्यालय वग़ेरह जो दर्शन कन्दे, साहित्यकार जसलोक होटल पहुता, जिते चांहिं जी चुश्की चाढ़े, ताज़ा तवाना बणिजी वरी घुमण निकिता। गंगा माता जे आरतीअ सभिनी जे दिलियुनि खे मोहे छडि॒यो। विश्वनाथ मन्दर में सभिनी सीस झुकाए आसीस वरिती। बनारस जे मशहूरु लेमन चांहिं जो लुत्फ़ माणे, सभिनी खे होटल आन्दो वियो।

सन्त श्रोमणी साईं चान्डूराम साहिब (लखनऊ) जे आसीस सां, 12 मार्च 2005 सुबूह जो यारहें बजे झूलेलाल मन्दिर में झूलण अगि॒यां सीस निवाए, शाही शामियाने में शानदार स्टेज ते सन्त साईं मोहनलाल साहिब जे हथां सेमीनार जो मुहूर्त थियो। सभा जी सेक्रेट्री डॉक्टर लता टहिलियाणी, अमर शहीद सन्त कंवरराम ते सभा तरफ़ां थीन्दड़ 40 सेमीनार में आयलनि जी आजियां कई ऐं मुइज़िज़ महिमाननि खे अर्ज़ु कयो त स्टेज ते अचण जी इनायत कनि। सन्त श्रोमणी साईं मोहनलाल, स्वामी हरिहरदास, मुख्य महिमान दादा रोचीराम थावाणी, मोके जी सदर डॉ. कमला

गोकलाणी, सर्व श्री पदम शर्मा, सरल ज्ञाप्रटे ऐं सभा जे सेक्रेट्री जनरल टेकचन्द मस्त सां गडु पूज सिन्धी सेन्ट्रल पंचायत जो प्रेज़ीडन्ट श्री एस. कुमार, सेक्रेट्री श्री रमेश लालवाणी, एम.एल.सी. श्री मोहनलाल खटर बि स्टेज ते बिराजमान थिया। मुहूर्ती इजलास जी कार्रवाई हलाईन्दे सेमीनार जे कनवीनर विशनलाल रूपार्णा, स्टेज ते वेठलनि जी वाकफ़ियत डिनी। साईं कंवरराम जे आदम कद मूर्त अगियां साईं मोहनलाल ऐं महिमाननि जोत जगाई। कार्रवाई हलाईन्दे श्री विशनलाल रूपाणी, अखिल भारत सिन्धी बोली ऐं साहित प्रचार सभा तरफ़ां, अखिल भारत सतह ते सन्त कंवरराम साहिब ते पहिरियों दफ़ो सेमीनार करण लाइ चयो त हीउ सन्त कंवरराम ते थीन्दड़ सेमीनार हिन जे जीवन ऐं कार्य खे आम अगियां आणण लाइ अहिमियत भरियो कदम आहे। हिन सभा तरफ़ां साहित, बोली, तइलीम ऐं कला जे ख़ातिर वरितल कोशिशुनि जी साराह कई। पंचायत जे बानीकारनि तरफ़ां स्टेज ते वेठल महिमाननि जो सन्मान गुलनि जे हारनि ऐं शालुनि सां कयो वियो। आयल डेलीगेटनि जो स्वागत गुलनि जे हारनि, मोमेन्टो ऐं सूखड़ियुनि सां कयो वियो। मोके जी सदर डॉक्टर कमला गोकलाणीअ सभा तरफ़ां गुज़रियल 20 सालनि जे कार्यनि ते रोशनी विझन्दे चयो त सभा, साहित, तइलीम ऐं कला सां गडु अनोखनि ऐं अलोहदनि विषयनि ते बि सेमीनार करे रही आहे। उज्जैन में सन्त साहित्य ते, वृन्दावन में श्री कृष्ण भगवान जो सिन्धी साहित में ज़िक्र ऐं हाणे सन्त कंवरराम ते अखिल भारत सतह ते सेमीनार करे साहित क्षेत्र में नवाणि आन्दी आहे। मुहूर्ती इजिलास में मुख्य महिमान दादा रोचीराम थावाणी, श्री सरल ज्ञाप्रटे, श्री लाल थधाणी, नन्दलाल सचदेव, मोहनलाल खटर, सन्त कंवरराम ऐं सभा जे कार्य ते पंहिंजा वीचार पेश कया। सन्त श्रोमणी साईं मोहनलाल सेमीनार जे कामयाबीअ लाइ आसीस कन्दे चयो त सन्त कंवरराम जे जीवनी ऐं कार्य खे माण्हुनि ताईं पहुचाइण लाइ कोशिशूं वठण ज़रूरी आहिनि। सभा जे सेक्रेट्री जनरल टेकचन्द मस्त पूज सिन्धी सेन्ट्रल पंचायत जे बानीकारनि तरफ़ां महिमान नवाज़ी, रिथाइते बन्दोबस्त, आयल सभिनी डेलीगेटनि जे सन्मान लाइ शुक्राना मञिया। हिन आयल साहित्यकारनि, पत्रकारनि, दूरदर्शन जे बानीकारनि ऐं हिन्दी पत्रकारनि जा वि शुक्राना मञिया, जिनि मुहूर्ती इजिलास जे कार्रवाईअ जी रिकार्डिंग कई ऐं अख़बारुनि लाइ ख़बरूं ऐं इन्टरव्यू वरिता।

पहिरीं साहित्क बैठक में डॉक्टर कमला गोकलाणीअ ''सिन्धी साहित में सन्त कंवरराम जो ज़िक्र'' विषय ते खोजनात्मक मक़ालो पेश कयो, जंहिं में

हिन सिन्ध ऐं हिन्द में सन्त कंवरराम ते छपियल साहित ऐं आरतीअ जो ज़िक्र कन्दे इन ग़ाल्हि ते ज़ोर ड़िनो त स्कूली दरसी किताबनि में सन्त कंवरराम साहिब ते लेख शायइ थियण घुरिजनि, जीअं नईं टहीअ खे ज़ाण पवे त सन्त कंवरराम जो ग़रीबनि, मुहिताजनि लाइ केतिरो न हड़ु कुरकन्दो हो, हुन जे गले में केतिरो न मेठाज हो। हुन भगति जी परम्परा सां कीअं निभायो। हिन बैठक जी शुरूआती कार्रवाई हलाईन्दे श्रीमती शालिनी सागर, डॉक्टर कमला गोकलाणीअ जे साहित्क योगदान जी वाकफ़ियत ड़िनी। सदारत कन्दे श्री पदम शर्मा, बहस में भाग़ु वठन्दड़ साहित्यकारनिजे शंकाउनि खे दूर करण लाइ डॉक्टर कमला गोकलाणीअ जा तस्सला-बख़्श जवाब ड़ियण जो ज़िक्र कन्दे पंहिंजा बि राया पेश कया। शुक्रगुज़ारी लता टहिलियाणीअ मञी।

खुलियल इजलास-

पहिरीं साहित्क बैठक बइदि खुलियल इजिलास रखियो वियो, जंहिं में सर्वश्री नानकराम लेखवाणी, दादा रोचीराम थावाणी, श्री राधाकृष्ण आलिमचन्दाणी, सरल ज्ञाप्रटे, सुन्दर ढंगवाणी, लच्छमण केसवाणी, टीकम आफ़ताब, द्वारकादास सन्ताणी, गोरधन शर्मा घायल, ज्ञानचन्द शहदादपुरी, गंगाराम उत्तमचन्दाणी, तेजूजा प्रेमी, नन्दलाल सचदेव, विशनलाल रूपाणी भाग़ु वठी, सन्त कंवरराम जे कार्य ऐं प्रचार लाइ पंहिंजा राया पेश कया। कार्रवाई टेकचन्द मस्त हलाई।

सिन्धी हिन्दी मुशाइरो-

रात जो श्री मोहनलाल खटर जे सदारत हेठि सिन्धी ऐं हिन्दी मुशाइरो पेश कयो वियो। जंहिं में सर्वश्री सांड बनारसी, रियाज़ बनारसी, मारकन्दे त्रिवेदी, राजेन्द्र गुप्ता, अशोक तलरेजा, विशनलाल रूपाणीअ हिन्दीअ में ऐं श्री बलू चोइथाणी, गंगाराम उत्तमचन्दाणी, द्वारकादास सन्ताणी, ज्ञान शहदादपुरी, तेजूजा प्रेमी, लच्छमण केसवाणी, साजनदास कुन्दनाणी, अमृतलाल दहिलाणी, माधव चेटवाणी, गोरधन शर्मा घायल, श्रीमती नीलम छाबड़िया, इन्दुमती शहिदादपुरी, शालिनी सागर, कुमारी वीना श्रंगी, डॉक्टर कमला गोकलाणी बज़्म सुख़न में मौज मचाई। सिन्धी हिन्दी शाइरीअ जी पलट पलटां कन्दे मुशाइरे जी कार्रवाई श्री टेकचन्द मस्त हलाई। मुशाइरो निहायत ई कामयाब रहियो।

सेमीनार जी ब़ीं बैठक 13 मार्च 2005 ते कुमारी वीना श्रंगीअ सन्त कंवरराम जी जीवनी ''तूं छप्पर तूं छांव'' निहायत ई काबलाणे अन्दाज़ में मय्यारी

मक़ालो पेश कयो, जंहिं में सन्त कंवरराम जे जीवन जा बाब निहायत ई दिलचस्प नमूने पेश कया। नंढपुणि खां शहादत ताईं हिनजे जीवनीअ बाबति मक़ाले में हर घुरबल ज़ाण ड़िनल हुई। श्री लच्छमण केसवाणीअ कार्रवाई हलाईन्दे वीना श्रंगीअ जे साहित्क एं कला क्षेत्र में कयल कार्य जी ज़ाण ड़िनी। उथियल बहस में वीना श्रंगीअ सभिनी खे सुठी ज़ाण ड़िनी। सदारत कन्दे श्री टीकम आफ़ताब पेपर जे मय्यारी एं हलन्दड़ बहस लाइ ख़ुशी ज़ाहिर कई।

सेमीनार जी टीं बैठक में डॉक्टर ज़ेठो लालवाणीअ जो लिखियल "सन्त कंवरराम एं भग़त" विषय ते मक़ालो हिनजे न अचण सबबु श्री पदम शर्मा पेश कयो। मक़ाले में भग़ति जी टेकनीक एं सन्त कंवरराम जो भग़त सां निभाइण, भग़ति जी परम्परा काइम रखण लाइ मुकम्मल ज़ाण ड़िनी। कार्रवाई गोरधन शर्मा हलाईन्दे, डॉक्टर ज़ेठो लालवाणीअ जी ज़ाण ड़िनी। बैठक जी सदारत कन्दड़ श्री द्वारके सन्ताणीअ पढ़ियल पेपर बाबति पंहिंजा राया पेश कया।

चोथीं साहित्यिक बैठक में श्री सरल ज्ञाप्रटे हिन्द में सन्त कंवरराम जा यादगार विषय ते पेपर पढ़न्दे ब़ुधायो त सन्त कंवरराम जे नाले हिन्दुस्तान जे घणनि ई प्रान्तनि में कॉलोनियूं, स्कूल, कॉलेज, धर्मशालाऊं, प्याऊ एं पुतलनि जी ज़ाण ड़ीन्दे ब़ुधायो त सभ खां मथे सन्त कंवरराम लाइ कार्य कन्दड़ संस्थाऊं, लखनऊ जे अमर शहीद सन्त कंवरराम मिशन सां जुड़ियल आहिनि। कार्रवाई हलाईन्दे श्री टेकचन्द मस्त श्री सरल ज्ञाप्रटे तरफ़ां साहित अकाडमी, पत्रकारिता एं मिशन सां जुड़ियल कार्य जी ज़ाण ड़िनी। सदारत कन्दे साईं मोहनलाल सभिनी आयलनि ते आसीस जी वर्खा कई।

सन्त कंवरराम जे जीवन एं कार्य जी ज़ाण संस्थाउनि, पंचायतुनि, स्कूलनि, कॉलेजनि एं लैबररियुनि ज़रीए प्रचार करण लाइ सन्त श्रोमणी साईं मोहनलाल खे अर्ज़ कयो वियो त सेमीनार में पढ़ियल मक़ाला एं रिपोर्ट अमर शहीद सन्त कंवरराम मिशन तरफ़ां छपाया वञनि। साईं मोहनलाल इहो अर्ज़ कबूल कन्दे चयो त इहे मक़ाला छपाया वेन्दा। शाम जो पूज पंचायत वाराणसी पारां गंगा नदीअ में ब़ेड़ीअ जे सैर जो प्रोग्राम रिथियो वियो। गंगा माता जे आरतीअ में सभिनी खे शरीक कयो वियो। टिन ड़ींहंनि जो हीउ सन्त कंवरराम साहिब ते थियल सेमीनार हद कामियाब वियो एं यादगार थी रहन्दो।

मक़ालो

सिन्धी साहित्य में भग॒त कंवरराम

- डॉ. कमला गोकलाणी

"अदब सां कौम जी सूंहं सुञाण
सचो साहित्य रोशन मीनार
पढ़ण सां ऊचा थियनि वीचार
खज़ानो सचो कौम जो ज॒ाण
अदब सां कौम जी सूंह सुञाण।"

सिन्धुड़ी आ भूमी सन्तनि ऐं दरवेशनि जी, साधुनि पीरनि जी, अल्लह लोक फ़कीरनि जी।

सिन्ध जी भाग॒नि वारी भलारी भूंइं जी कहिड़ी ग॒ाल्हि कजे? सचु पचु उहा मिटी सभाग॒ी आहे। उहो पटु पाक आहे, जिते जे ज़रे ज़रे में महान आत्माउनि पाणु पसायो। उहे कवी हुजनि या लेखक, सन्त महात्माऊं या पीर फ़कीर, भग॒त या सन्त, ग॒ाइणा सज़िंदा या संगीतकार। मतलब अणग॒णियनि अमर आत्माउनि पंहिंजा पेर घुमाए न रुग॒ो पंहिंजी भूइं जो मानु मथाहो कयो, पर ब॒ियनि हंधनि खे बि पंहिंजी खुश्बू सां वासे छड॒ियो। अहिड़ियुनि ई ऊंच हस्तियुनि मां हिक अहम तरीनि नालो आहे अमर शहीद सन्त कंवरराम। जीअं त हिन सेमीनार में भग॒त साहिब जे जीवन ते जुदा खोजनात्मक मक़ालो पेशि थियणो आहे, इनकरे मां पंहिंजे तरफ़ां इहो दोहराउ अजायो थी समुझां। आलमनि जे हिन सेमीनार में साहित छाहे? सिन्धी साहित जे ओसर वग़ेरह जे उपटार खां बि पाण बचाईन्दे यूनीवर्सिटीज़ में सन्त कंवर चेयर बर्पा करण जे कोशिशुनि जी ज॒ाण हून्दे बि मां ख़ुदि खे ड॒िनल विषय ताईं ई महदूद रखां थी। साहित जूं ब॒ अहम शाख़ूं आहिनि नसुरु ऐं नज़्म। नसुर में जुदा जुदा के वीहारो सुन्फ़ूं शामिल आहिनि ऐं उन खां वधीक घाड़ेटा वरी नज़्म में बि आहिनि। अचो त ड॒िसूं असांजे प्यारे हर सिन्धीअ जे दिलयुनि ते राज॒ कन्दड़ दुलारे, परोपकारी, सोज़ भरियल मिठड़े अवाज़ जे मालिक नि:स्वार्थ नींहं जे सागर, भग॒त कंवरराम खे सिन्धी साहित में कहिड़ो मुकाम हासिल आहे? हिते मां वर्सियुनि मेलनि ते थीन्दड़ प्रोग्रामनि, नज़्म, साईं चान्डूराम या ब॒ियनि पारां थीन्दड़ प्रचार बाबति बि कुझ न चई, फ़कति साहित सां वास्तेदार ज॒ाण जी उपटार कन्दसि।

नज़्म

इहो हिकु अजब में विझन्दड़ सचु आहे त दुनिया जे हरहिक बोलीअ जे अदब जी शुरूआति शइर सां थी आहे। छाकाणि त शाइरी अन्दर जे छोह मां पैदा थिए थी बेवस जे-

"अन्दरियों जे उछल डीन्दो, बाहिरियों न सट झलीन्दो" मिसल। इन हिसाब सां कंहिंजे साराह में, विछोड़े जे ग़म में लिखियल रचनाउनि जो रवाजी तरह साहित्यिक मय्यार बि रवाजी समुझियो वेन्दो आहे। उन्हनि में आलिमगीरी, लाज़मान, लामकान वारी ख़ूबीअ जी उम्मेद घटि रखी वेन्दी आहे। पर के शख़सियतूं रचनाकार जे दिल दिमाग़ में एतिरो वल्वलो पैदा कनि जो हू वास्तेदार शख़्सियत सां एकाकार थी वञे। संदसि कलम ख़ुदि बि ख़ुदि किल्करानी करे त उहे सुठियूं साहित्यिक रचनाऊं बणिजी पवन्दियूं आहिनि। मूं छण्डछाण कन्दे डिठो त अजु जे मशहूर साहित्यकारनि भगत कंवर ते कलम लगभग न हलायो आहे, जेतोणीक कंहिं कौम लाइ इहा गाल्हि डुखोईन्दड़ ई चइबी। कंवर जहिड़ी शख़्सियत जेकडहिं फ़नकार खे लोडे नथी, त सचु पचु "असां मरी ऐं मिटिजी बि मुल्हु न सुञातो" खे साभ्यां कन्दासीं। पर इहो डिसी फ़ख़ुर गाडिड़ ख़ुशी थी त सिन्धी कविता जे नएं दौर जे बानी कवि बेवस कंवर जे शहादत ते करुण रस सां भरपूर कविता लिखी आहे।

कतलाम कंवर राम जे मातम मचायो, आराम फिटायो
छा सिन्ध में छा हिन्द में जोलान जगायो, आराम फिटायो
जंहिं रुक जे जंक्शन खे कतल गाह बणायो ऐं पाण छुपायो
तंहिंजे बि गुझारत ते ज़रा ध्यान लगायो, आराम फिटायो
हिन सन्त जो हो वेर ऐं विंजोग न कंहिं सां, हथ जोड़ मिड़यनि सां
हो राम ऐं रहमान बिन्हीं जो हू उपायो, आराम फिटायो
भगतियुनि में भरे झोल ग़रीबनि खे दिनाईं ज़ातियूं न डिठाईं
हिन्दू ऐं मुसलमान जो हिन भेद भुलायो, आराम फिटायो।

कविता में बेवस जी सुजाग अखि, संवेदना, सामाजिक वास्तेदारी साभियां थी बीठी आहे।

सागी गाल्हि परसराम ज़िया जे हिन नज़्म में मौजूद आहे, जंहिं में अर्श फ़र्श ते आहूं दांहूं थियण, अबलाउनि जूं आलियूं अखियूं, विधवाउनि जा विर्लाप, लखनि हज़ारनि कुल्हनि ते कंवर जो सरीर हुजण जहिड़ा मन्ज़र साभियां बणिया आहिनि।

नर बि रुनो थे नारि रुनो थे, बुढे रुनो थे ॿार रुनो थे,
जोॻा मान्दा मुहब बिना सभु हिन्दू मोमिन ज़ार रुनो थे।

1. पिटे कढियाईं पार पिरींअ सलकनि थे मातामु कयो,
अर्श फ़र्श ते आहूं दांहूं, कंवर कंवर थे आम कयो।

2. वैराॻी त विमान में वेही, दिलबर थी वियो दूर,
धधिका पहुता दिल वारनि खे, विरह कयो वहलूर।

3. अखड़ियूं आलियूं अॿिलाउनि जूं, विधवाउनि विर्लाप कया,
नीर वहाईनि नियाणियूं निमाणियूं, आह भरिया आलाप थिया।

4. लखनि हज़ारनि कन्धनि ते, सन्त जो आहे सरीर,
शान सां अर्थी अची रही आहि, दिलयूं सभेई दिलगीर।

5. दुआ वठी दरवेश खां, ख़ूनियुनि छोह मां हंई तोखे गोली,
घाव सही गोलियुनि जा, तिनि ते होत मल्हाई ख़ून जी होली।

6. राम नाम जा अखर खंयाई, वियो विलायत वणजारो,
सिक जा सौदा करे सौदागर, पिरींअ खे पहुतो प्यारो।

7. जरवारनि जो जान जिगर हो, सिन्ध सॼीअ जो साह,
गुलनि अन्दर हो गुल त गुलाबी, तारनि में हो माह।

सन्त कंवर जे जीवनीअ में अनेक गीत जुदा जुदा घटनाउनि सां वास्तेदार तुलसियो-र-तलरेजा लिखिया आहिनि, जंहिंजा पिण कुझ मिसाल ॾियण ज़रूरी थी समुझां। किताब जे मुहाॻु में 11 नवम्बर 1939 दर्ज आहे।

कीअं करे उपमा सघे, हीअ दास तुलसिये जी ज़बान,
सन्त माला जो मणियो, मनठार हो साईं कंवर।

- - -

हो मधुर आवाज़ तुंहिंजो ऐं मिठी वाणी,
पिण ॿुधी प्रॿोध तुंहिंजो, थिया पत्थर पाणी,
हिकु दफ़ो मोहे संगति खे, मौज का त वठाइ।

- - -

अदा जे लाल था घर में अमुल्ह औलाद जा चिमकनि,
सॼो ई तुच्छ लगे तुलसिया दुनिया ऐं मान जो आनन्द।

- - -

साईं सतराम जे सुर्गवास थियण ते लिखे थो-

कहिरी काल अचानक आयो, खणी सन्त बि सीस निवायो,
वियो पंहिंजो पाण समाए कीन बुधाए,
सुहिणो शेरु भगत जुंग जानी, जंहिंजो मटु न बियो को सानी,
अहिड़ो केरु बुलन्द बियो गाए साज़ मिलाए।

तुलसिये जीवनीअ में 13 गीत रचिया आहिनि, कविता जो अभ्यास अथसि, छन्द जी ज़ाण अथसि। घायल वांगुरु तुलसियो बि कंवर में एतिरो एकाकार हो जो कोशिश करे हा त महाकाव्य लिखण में बि कामयाब वञे हा।

केतिरो ग़म भरियल मन्ज़र जो डियारीअ जे डीअनि वारे डिण सिन्धियुनि खे ख़ूनी होलीअ जो दर्दी नज़ारो डिसण लाइ मजबूर कयो। सिन्धियुनि जे सीने ते इहो ज़ख़्म अजु बि ताज़ो आहे। साल 2004 में सिन्धियुनि सिन्ध में आन्दोलन कयो त रुक स्टेशन जो नालो बदिलाए भगत कंवर रखियो वञे। वर्सीअ जे मोके ते हज़ारें माण्हू अची गाहट थिया। असां सभु ज़ाणूं था त हर साल कंवर जे मेले ते हर शहर में गाइणा फिल्मी तर्ज़नि ते गीत जोड़े गाईन्दा आहिनि।

जेठानन्द गुल जो "छम छम करे तूं साईं
बे बका जो ओ सिन्धुड़ीअ जा सरदार कंवर
ओ जर वारनि जा जानिब कंवर।"

साध मोतीराम साइल जा-

सिन्धुड़ीअ जो सरदार कंवर वियो रास रचाए।
ऐं
सदिके सदिके यार कंवर तां छोन वञां बलहार कंवर तां
कांगा दिजां कंवर खे पैग़ाम रोई रोई।

भगत परमानन्द जो-

असांजो कंवर भगत अवतार आ, जंहिंजो बार बुढे सां प्यार आ
कहिड़ी महिमा करियां दरवेश जी, सारी सिन्धुड़ीअ जो सरदार आ
मूंखे तारीन्दो तारण वारो, मुंहिंजो साईं कंवरराम प्यारो।

जहिड़ा झझा गीत मिलन्दा।

भाई रोड़ाराम (भाइटियो सन्त सतरामदास) जी रचियल हीअ आरती त हर प्रेमीअ खे याद हून्दी।

आरती

ओ३म् जय कंवरराम प्यारा, स्वामी जय कंवरराम प्यारा,
निस दिन तोखे ध्यायूं पल पल दर्शन पायूं शुद्ध हृदे वारा। ओ३म् ....
कंवर कृष्न जो रूप हुएं तूं भगतनि जो प्यारा,
प्रेम जी मुरली केर बुधाईन्दो पखियुनि जा सहारा। ओ३म् ....

ज़ाहिर आहे मथियनि गीतनि जो साहित्यिक मय्यार एतिरो तस्सला बख़्श न हून्दो, पर साज़ ऐं आवाज़ सां बुधन्दड़नि जे मन जी सिक ऐं श्रद्धा माहोल खे कंवर मय बणाए छडीन्दा आहिनि।

कंवर जूं रातियूं कंहिंखां गुझियूं आहिनि? बराबर अजु जे टहीअ खे इहे बुधण लाइ नथियूं मिलनि, न चाह अथनि, पर मां उन्हनि भाग वारनि मां आहियां, जंहिं रातियूं बुधी, माणे, रोई, सन्त ते श्रद्धा जा गुल चाढ़िया आहिनि। कुझ मिसाल सन्त पहिलाज जे रचना मां–

रातियूं

1. **पहिरीं रात प्रभात जो, हलियो रेल चढ़ी राणो,**
   रहड़िकी छडे मांझांदनि में, लथो सोढल सियाणो।
2. **बीअ रात बहिकन्दो जो, उथियो होत हींएं जो ठार,**
   छेर बधाईं पेर में, पाए जामो ज़रीदार,
   पीली पगिड़ी मथे ते, वार सुहिणा घुण्डीदार,
   कृश्न वांगुरु कननि में, हुया कुण्ढल कीमियांदार।
3. **टीअं रात जो टाईम सां, कई सांवल तैयारी,**
   सभा लगी लखनि जी, आई कंवर जी वारी।
4. **चोथीं रात चाह मां, मिड़िया माण्हुनि जा हशाम,**
   छिम छिम पाए छेर सां, कढियो सुर मिठो सतनाम।
5. **पंजीं रात पंगत सां, सन्त दादूअ में आयो,**
   मिली सभिनी सुबुह जो, प्रभाती गायो,
   संगत कयो सुवाल, साईं को मारू बुधायो,
   मारू गाइण सां महबूब जे, आब अखियुनि में आयो।

6. छहीं रात जो छिकजी, हलियो रहड़कीअ में गणो,
वसण साईअ जे वर्सीअ ते, सम्भारियो सोढल मियाणो,
बस गोली हणी घोट खे, कयो घायल घराणो,
गाडो भरिजी वियो रत सां, सजो हन्धु विहाणो।

7. सतीं रात सन्त खे, खणी सखर में आया,
दर्शन ख़ातिर दिलदार जो कएं आलिम आया।

प्रोफ़ेसर राम पंजवाणी त पाण भगत कंवर बणिजी पीली पगिड़ी- जामो पाए छेर छिमकाए, जडहिं वर्सीअ ते अची प्रोग्राम डीन्दो हो त मथिसि माण्हू मफ़्तूं थी पवन्दा हुआ। गाइक कलाकारनि सां गडु हू कवि ऐं लेखक बि हो। संदसि हिक रचना जो मिसाल डियां थी।

सिन्धुड़ीअ जा ओ सन्त सूंहारा कंवरराम प्यारा,
हरहंधि तुंहिंजा मेला लगनि था, पीली पगड़ीअ वारा,
मिठड़ा मिठड़ा राग तो गाए, रांवल खे रीझायो,
यार कंवर तुंहिंजा बोल बुधण लाइ, हरिको भजन्दो आयो,
इश्क सन्दो आवाज़ इलाही बिरह सन्दा वस्कारा,
आहे सभ में सागियो साजन, सिक सां तो समुझायो,
ऊच नीच जो भेद भुलाए, सभ खे गले लगायो,
तुंहिंजो नींहुं न्यारो जग में, तुंहिंजा रंग न्यारा।

कविता में सभ खां अहम किताब जंहिं डांहुं सिन्धी जातीअ जोगो ध्यान न डिनो आहे, सो आहे रूप कुमार घायल जो महाकाव्य "लाखीणो लाल" जंहिं में सजी जीवनी कविता में रचियल आहे। सिन्धीअ में महाकाव्य लिखन्दड़ हीउ ई कवि आहे, जंहिंखे हिन्दीअ में बि महारत ऐं तइलीमी लियाक़त करे नेम मइलूम आहिनि। पंज छह महाकाव्य लिखिया अथसि। मज़कूर किताब महाकाव्य में कुल 81 सुफ़्ह आहिनि। 1994 ई. में छपियल हिन किताब ते आलिमनि बि यारह जूं सुर्ख़ियूं भरियूं आहिनि। हिन में ब़ारहं बाब आहिनि- अव्वलि 1. (अ) अर्पण (ब) निवेदन (स) वन्दन 2. बचपन ऐं जवानी 3. गुरू भगती 4. कंवर कलावन्त 5. लोक गायक 6. परमार्थी 7. दासन जो दास 8. एकता जो हामी 9. शाही संस्था 10. लाखीणो लाल 11. पहुतल शख़्स 12. अमर शहीद।

घायल साहिब महाकाव्य जूं जेके 10 ख़ुसूसियतूं बुधायूं आहिनि, से हिन में मौजूद आहिनि, जीअं-

(1) भगुत कंवर जहिड़े महान् हस्तीअ जे जीवन जो मुकम्मल चिट।
(2) हर बाब जी शुरूआति देवी देवता या कविता महिमा सां आहे।
(3) नायक जो ऊच घराणो गुणवान ऐं तवारीख़ी शख़्स आहे।
(4) घटि में घटि अठ सर्ग हुजनि, हिन में 12 आहिनि।
(5) हिकु मुकरर छन्द हुजे। ब़ियनि छन्दनि जो बि सुन्दर इस्तैमाल हुजे।
(6) हर सर्ग में उस्ततीअ बइदि हासिल मतिलबु निकिरे थो।
(7) वीर सींगार ऐं शान्त रस हासिल थियनि था।
(8) पछाड़ीअ जे सिटुनि में ईन्दड़ बाब जे मौज़ूअ जी ज़ाण पवे थी।
(9) कुदरती नज़ारनि जो ज़िक्र आहे।
(10) गीतनि जो सुभावीक इस्तैमाल आहे।

वन्दन

जामो छेर कुण्डल पाए, कीअं कंवर ड़िसु पियो ग़ाए
मिस्रीअ खां वधि मिठड़ो सुर, साहिब जो नित मञे शुक्र
जा बि भगुत मां रकम कमाए, उन्हीअ घड़ीअ सा दान ड़िए
झोली ख़ाली करे उथे, अहिड़ो नाहे मिसाल किथे।

– – –

कुदरती दिलकश माहोल में ज़िले सखर ग़ोठ जरवार में,
ब़ार जो जनम वड़ो करिश्मो, पिता लाइ हो ख़ुशीअ जो समो।

– – –

हाइको - ब़ालक जो चहिरो / सले सभिन खे थो / अर्थ सदा गहिरो,
हाणे कंवर जी शादी तय थी, गुरू घोट पीउ चौधर जय थी,
शादीअ बइदि बि निर्मोही हो, निर्लेप न को जहिड़ो ही हो।

महाकाव्य में सज़ी जीवनी, गुण, कविता जूं सुनफ़ूं, कुदरती नज़ारा, अहम घटनाऊं जंहिं असराइती भाषा में बयान आहिनि, तंहिं मां ज़ाहिर आहे त घायल न रुग़ो जीवनीअ जो गहिरो अभ्यास कयो आहे, पर कंवर जे जीवन सां एकाकार थी सुहिणे नमूने महाकाव्य जी रचना कई आहे। महदूदगीअ करे मां केतिरा उम्दा मिसाल ड़ियण खां ब़ि ख़ुद खे रोके रही आहियां। के चून्ड मिसाल ई ड़ियां थी।

कुदरत जो बयान-

तो बिन धरती व्याकुल आहे, साईं चादर ओढण चाहे,
सावक सन्दो ख़गार खणी अचु, प्यारा मेघ मल्हार।

सखर में गांधीअ जे अचण ते सभा में डाढो गोड़ हो, नेताउनि जे अपीलुनि जो बि असर न थियो, तड़हिं कंवर जो जादू हीअं थियो-

कंवरराम जीअं साम्हूं आयो
ऐं हुन मिठड़े सुर में गायो,
खिन में जणु को जादू थी वियो
गोड़ समूरो ग़ाइब थी वियो।

गुरू ग्रन्थ साहिब जे आरतीअ जी झलक हिननि सिटुनि में आहे-

सिज चण्ड रूपी डिसु डीआ उभ थाल्ह में,
शब रोज़ थीन्दी थी रहे हीअ आरती।

घायल न रुगो कंवर बाबति पर कंवर जा गातल गीत कलाम बि सुहिणे नमूने महाकाव्य में ठहिकाया आहिनि, जीअं नाले अलख जे लोली डुंवां निके जहिड़े बाल नूं वग़ेरह।

कंवर त हो हिक ज़िन्दह संस्था
छा संदसि कमनि जी कजे कथा
मधुर कण्ठ जो हो मालिक मगर धणीअ दर हो सालिक।

- - -

सजीअ सिन्ध में जो मातम थियो उनजो मिसाल कोन्हें को बियो
बार बुढा सभु नर ऐं नारियूं, रुना दर्द मां ज़ारूं ज़ारूं।

- - -

अमर शहीद हुओ कंवरराम, मेला जंहिं ते लगनि था जाम,
शल थोरो कुझ खणी कंवर मां, पार पऊं पक जगत भंवर मां।

मथियनि मिसालनि मां तव्हां बखूबी अन्दाज़ो लगाए सघो था त रूप कुमार घायल ही महाकाव्य रचे न रुगो कंवरराम खे सच्ची श्रद्धांजली डिनी आहे, पर सिन्धी साहित्य में बि हिक तरफ़ महाकाव्य सुन्फ़ सलामत रखण जो उदम कयो आहे। बिए तरफ़ सिन्धियत काइम रखण जो फ़र्ज़ निभाए मातृ भाषा जो क़र्ज़ चुकायो अथसि। मां न संभिरां त कंहिं बिए कवीअ महाकाव्य त छाडुयो को खण्ड काव्य ई लिखियो हुजे। ज़रूरत आहे हुनखे नृत्य नाटिका जो रूप डेई मंच ते पेश करे अवाम में मकबूल करण जी। गोरधन भारती सरगरम हुजे हा त उहो उदम अवसि करे हा। शल मुंहिंजो ही सडु पड़ाडो वणिजी कलाकारनि ताईं पहुचे। सन्त कंवरराम खे नईं टहीअ ताईं बि पहुचाए ऐं प्यारो बणाए।

नाटक छपियल नज़र न आयो अलबति फिल्म ज़रूरु ठही आहे। के.टी.एन. ते बि आयल आहे।

जीवनी-

जुदा जुदा शहरनि जे स्मारिकाउनि, सालियाननि रसालनि, अख़बारुनि में कंवर जी मुख़्तसरु जीवनी छपिबी रही आहे। इहा बि अवाम जे ॼाण ऐं प्रचार लाइ निहायत ज़रूरी आहे। पर सचु पचु जीवनी लिखण को ॿाराणो मज़मून लिखण कोन्हे पर तमाम अहम कला आहे।

बकौल तीर्थ बसन्त, ''जीवनी महज़ ठोस हकीकतुनि जी फ़हिरस्त न आहे पर अन्तर्ध्यान द्वारा या यादगीरीअ जे सतह ते जीवन जाग्रत करण में मानसकि ख़्वाहि शारीरिक घटनाउनि जो वर्णन करण वाजिब आहे। ॻाल्हि खे वट ॾेई सच सां कचु मिलाइबो त जीवनी कसी थी पवन्दी। मामलनि जी चोखी चकास ऐं सच्ची भावना सां चून्ड ई जीवनी कला जो उत्तम करतब आहे। दिली सच्चाई ऐं कलब जी ऊजलता हिन कार्य लाइ तमाम ज़रूरी आहे। कामयाब जीवनी कार में मनोविज्ञानी दृष्टीअ सां गॾु अन्तर सूझ ऐं कल्पना शक्ती घुरिजे, जा किरादार जूं सूक्ष्म ऐं तुच्छ भावनाऊं ज़ाहिर करे। ज़हिनी जुम्बिश ऐं तर्ज़ बयान जी ॾाति त ज़रूरी आहे ई, गॾोगॾु विषय सां मनमानी न करे वफ़ादारी रखिणी आहे, जो संदसि पेर जकड़ियल आहिनि। हू आज़ाद नाहे। हुनखे न रुॻो हकीकतूं सच्चाईअ सां पेश करणियूं आहिनि, पर कलात्मकता सां पेश करणियूं आहिनि। हू जेकी ॾिसे ॿुधे, तंहिं सां पंहिंजे वजूद खे हमसाज़, हम आवाज़ बणाए लफ़्ज़नि जो कालिब थो घड़े। खेसि वास्तेदार शख़्स जे ज़हनियत ऐं उन-ज़हनियत जे आॻे पीछे जी ॼाण घुरिजे। छाकाणि त माण्हूअ जे मनवृतीअ जो संदसि ॼम, नेपाज ऐं समाजिक परीवेश में ओसर सां सम्ॿन्ध आहे। हयातीअ सां तालुक रखन्दड़ हर मामले जी विचूर हथि करिणी अथसि, जंहिं लाइ जाखोड़ खपे जो उन्हनि मां निकिरन्दड़ नतीजा संदसि दिल दिमाग़ ऐं रहिणी कहिणीअ ते असर अन्दाज़ थियनि था। मोज़ूनियत ऐं मुनासिबत बि बयान जा अहम अंग आहिनि, सिलसिलो त घुरबल आहे ई। गॾोगॾु सादगी, सदाकत, रवानी, तरतीब ऐं सभ खां अहम आहे रोशन तुज़ ऐं आम फ़हम इबारत। ॿोली को रान्दीको नाहे, जंहिं सां जीअं वणे, तीअं खेलिजे। लफ़्ज़ ऐं उन्हनि मां जुड़ियल जुमलनि जी रचना आहे ॿोली, जंहिं सां इज़हार थिए थो। हरहिक लफ़्ज़ में जान आहे ऐं उन जान जो इतिहास आहे। लफ़्ज़ जो तुज़ इस्तैमाल ई त लिखण जो फन आहे, ॿीअ हालति में रचना लिचकन्दड़ मास जहिड़ी या रुॻो हॾियूं ई

हड्डियूं भासन्दी। मतलब वास्तेदार शख़्स ऐं जीवनी कार जी अनोखी शख़्स्यत में जेके रंग तरंग वास धूप आहिनि, से निकरी निरवार थियनि। जीवनी हिक उम्दे बाग़ मिसलि थी पवे, जंहिंजे तरतीब वार पोखियल बूटनि में भांत भांत जा गुल टिड़नि, पन झुलनि, फूहारा नचनि, सावकूं बहिकनि, पखी लंवनि, जवान खिलनि ऐं बुढा विश्राम वठनि। भुले भुलाए बि इहो सुन्दर बाग़ पशु शाला न बणिजे।''

मथियूं ख़ूबियूं रवाजी जीवनियुनि में नज़र अचण जो सुवाल ई कोन्हे।

भेरूमल महरचन्द आडवाणीअ ''सिन्ध ऐं सिन्धी'' किताब जे आख़री बाब में भाई कंवरराम जे भगति ते मज़मून लिखियो आहे, जेको आगस्ट 1946 में सिन्ध में छपियो। उनमें भगति जी झलक ई आहे, पेशकश वणन्दड़ आहे। द्वारकादास सन्ताणीअ जे सिन्धु संस्कृतीअ जे सुगन्धि में ''कंवरराम जीअं मूं डिठो'' सिरे सां मज़्मून में शहीदीअ वारी घटना सां मज़्मून शुरू कयल आहे ऐं कंवर बेताज बादशाह, एकता जो अम्लबरदार, अवामी भगत वग़ेरह गुणनि जो ज़िक्र कयो अथसि। पर जेके सच्चायूं अखियुनि डिठियूं गाल्हियूं सन्ताणीअ लिखियूं आहिनि, से सचु पचु जोगो ध्यान छिकाईनि थियूं। अठनि सुफ़्हनि जो ही मज़मून जीवनी साहित्य में इज़ाफ़ो आहे।

कुझ किताबनि बाबति ज़ाण अथमि, पढ़ियल बि आहिनि, पर हिन वक्त उहे मूंखे बावजूद घणी कोशिश जे न मिली सघिया, बेशक उहे जीवनी साहित में इज़ाफ़ो आहिनि।

(1) जनम साखी सन्त कंवरराम साहिब जी-(तियार कयल: उत्तमचन्द शास्त्री)

(2) अमर शहीद सन्त कंवरराम - (प्रिन्सीपाल कन्हैयालाल तलरेजा)

(3) सिन्ध जूं यादगीरियूं (गुलाब गिदवाणी)

(4) अमर शहीद भगत कंवरराम साहिब जो जीवन चरित्र (लेखक - जेठानन्द लालवाणी)

डॉक्टर जेठी लालवाणीअ जे सिन्धी भगत शैली नाले किताब में खोजनात्मक ज़ाण आम फ़हम बोलीअ में डिनल आहे। वरी किताब हिन्दीअ में हुजण करे असांजी नईं टही तोड़े ग़ैर सिन्धी हिन किताब जे मदद सां भगति ऐं सन्त कंवरराम बाबत ज़ाण हासिल करे फ़ख़ुरु महसूस सघनि था। सिपूं रसाले (21) में भगति ते थियल कौमी सेमीनार में पेश कयल मकाला शामिल आहिनि, जेके पिण बेहद आलिमाणे ढंग सां पेश कयल आहिनि। हक़ीक़त में उन्हनि जो पिण हिन्दी तरजमो करे अवाम आडो आणण घुरिजनि।

डॉक्टर दयाल आशा जा बेशक सिन्धी समाज सां वड॒ा वड़ लेखिबा, जंहिं ''सिन्ध जा सन्त'' किताब में आम फ़हम ब॒ोलीअ में सभिनी महान् शख़्सियतुनि जो बयान कयो आहे। सुभावीक उन में सन्त कंवर जी जीवनी पिण शामिल आहे, जंहिं मां मुख़्तसरु ज॒ाण मिले थी।

ताज़ो 6 फबरवरी 2005 ते हम लोग सर्किल उल्हास नगर-4 पारां कोठ॒ायल सन्त कंवरराम साहिब सेमीनार जे मौके ते टिन भेनरुनि- मीना गोप रूपचन्दाणी, प्रोफेसर सरिता देवीदास शर्मा ऐं प्रोफेसर आशा रंगवाणीअ पंहिंजे सलीस असराइती भाषा में जेके मक़ाला पेश कया, तिनि खे सर्किल पारां छपारायो पिण वियो आहे। टिन्हीं मक़ालनि में गागर में सागर भरण जी कोशिश में भेनरुनि काम्याबी हासिल कई आहे। मीना लिखे थी- ''हिक हिक पेर में अढाई अढाई सव घुंघरू ब॒धी कंवर सांदहि नची ऐं ग॒ाए सघन्दो हो, बाकी न त आम माण्हुनि वांगुरु धोती, सोननि बटणनि सां ख़मीस, कुण्ढल ऐं ग॒ोठाणी ब॒ सेर वज़न वारी जुती पाईन्दो हो।'' इन्द्रलाल सोमाणी वैराग॒ीअ जे अनमोल मोतियुनि जे माल्हा जो हिकु जरकन्दड़ मोती सन्त कंवरराम पिण आहे, जंहिंमें कंवर जी जीवनी, भग॒ति ऐं शहीदीअ ते 9-10 सुफ़्हनि जो मज़्मून सुहिणी इबारत में लिखियल आहे।

अजमेर जे रिटायर मास्तर थांवरदास जो लिखियल सन्त कंवर जी जीवनी (सिन्ध जा सन्त पुस्तक) अटिकल सौ सुफ़्हनि में मूरतुनि, भज॒ननि, कलामनि, स्लोकनि सां सजियल साल 1984 में छपियो आहे, जेको चङो ध्यान छिकाए थो।

पर सभ खां अहम ऐं जीवनी कला जो शानदार मिसाल आहे तीर्थ वसन्त जो लिखियल 'कंवर' पुस्तक जो 56-57 में छपियो जंहिं लाइ लाल सिंघ अजवाणीअ सुहिणो मुहाग॒ लिखियो आहे, जंहिंखे साहित्य अकाडमीअ जो पहिरियों आबरूदार इनाम अत्ता थियो ऐं जंहिंजो देवनागरी उलथो करे डॉक्टर मोहनलाल शर्मा 1996 में देहली सिन्धी अकाडमीअ जे माली इमदाद सां छपारायो। 182 सुफ़्हनि जे हिन किताब में जीवनी कला में मथे बयान कयल समूरियूं ख़ूबियूं मौजूद आहिनि। पुस्तक जुदा जुदा 14 बाबनि में विरहायल सुहिणी इबारत, वणन्दड़ पेशकश स्लोकनि ऐं कलामनि सां सजियल आहे, जो सज॒े जो सज॒ो हर सिन्धीअ खे पढ़ण ऐं सांढण जुग॒ाए। लेखक ख़ुदि इहा दावा कई आहे त पोइ जेके बि चौपड़ियूं छपियूं, से संदसि किताब जे आधार ते। लिखे थो-

''हाणे ब॒धो सूरंतीअ सूर, तव्हीं बि लाशक सूरनि वारियूं आहियो। गर्भ थियो अथव या न, सो पाण खां पुछो। आऊं त सदाई गर्भवती आहियां। गरच ब॒ारु

को विरलो ॼमे ऐं जे ॼमे थो त उन खे झोल में विझो घुमां। छाकाणि त लोकनि खे पंहिंजा ई घणा आहिनि, जंहिंकरे मुंहिंजे ॿार खे पुचकारण जी ज़रूरत ई कान अथसि। पर हिक दफ़े अहिड़ो सुहिणो सुलछिणो पुट ॼणियुमि जो अलाजे कीअं माण्हुनि खे वणी वियो। ॾिठुमि त हरिको पियो चुमेसि, चटेसि, बल्कि मुंहिंजे मोकल बिना पंहिंजे गोद में खंयो घुमाएसि। उहो नूरचिश्म हो कंवर, जंहिं ते मज़मून संदसि शहादत खां बि टे महिना पोइ लिखियो होमि ऐं सिन्धू में शायइ कयो होमि। तंहिं पुॼाणां अण ॻणियूं चौपड़ियूं निकतियूं आहिनि, जिन में किन उन्हीअ ॿच्चे खे ॻभा ॻभा करे पंहिंजो ॿोड़ तैयार कयो आहे त किन उन खे काढ़े शोरवो ठाहियो आहे। अजब नाहे जो उहे दम पुख़्त ऐं शोरवो मूंखे भांइं न पवन्दा हुजनि, भला माउ कीअं पंहिंजे ॿच्चे जो पचणु खामण सही सघन्दी। आंऊं का माटेली माउ कान हुईमांसि, जो चवां मारियो मुओ भलो आहे।''

14 बाब आहिनि- 1. प्रकाशक 2. मुहाॻ 3. जनम साखी 4. स्वामी सतरामदास 5. किशोर अवस्था 6. भॻती मार्ग 7. वचन पालना 8. नम्रता 9. कृत कार 10. जीवन सिख्या 11. लोक गीत 12. कलम ताज़ो 13. देवस्था पुरुष 14. रिकार्ड।

सचु पचु तीर्थ जे कंवर जो जेको सुफ़्हो खोल, जेका पैरा पढ़ु, अन्दर खे अनोखो आनन्द अत्ता थियो वञे। ॿुधो के मिसाल-

कोहर विकणणु- किशोर अवस्था में कंवर कोहर बि विकणन्दो हो ऐं कड़हिं माणसि पकोड़ा तरे विकरे लाइ पिण ॾीन्दी हुअसि। कंवर कोहर विकणन्दे होका ॾीन्दो हो-

चणा वठो मुंहिंजा लाल, खाई थियो ख़ुशहाल,
आहे लाशक उम्दो माल, चणा चोरगरम प्यारा।

होको ॾीन्दे अचानक गले मां को ॾोहीड़ो या कलाम बि वही वेन्दो होसि। संदसि ॿोल अहिड़ो त सॿाझो ऐं आवाज़ सुरीलो हो, जो माताऊं फुलको अधु वेलियल चकले ते छड़े ऐं कन्याऊं भर्त सुई सगे सां अटिकियल खणी ॿाहिरिएं दर जे चांउठ वटि बीही खेसि तकीन्दियूं हुयूं ऐं ॿालक डुमक डुमक कन्दा, थिड़न्दा थाबिड़न्दा, मिट्टीअ में रेढ़ियूं पाईन्दा ऐं के ख़ुशीअ मां ठेंग ॾीन्दा नचन्दा टपन्दा वटिसि झुरमट लॻाए बीहन्दा हुआ। संदसि जेॾा सरता त झुमिरियूं पाए कन ते हथ रखी अहिल पिण कन्दा हुआ ऐं पाउ पलक में खोमचो ख़ाली थी वेन्दो हो। अहिड़ो हो तासीर किशोर कंवर जे आलाप में, जंहिं नर नारी, ॿार ॿुढा, लम्बू लंघा, मीर पीर मस्त करे विधा। कंवर हो अत्ताई जो बिना ॼाण वियो थे वाडखी

कन्दो ऐं सोभ्यावान ऐं कलावन्त हुअण करे दिलियूं घाइण अकनि छकनि करण संदसि सुभावीक कृत थी पेई हुई।

स्वामी सतरामदास जो जनम-

अमृत वेले जडुहिं विश्व सागर शान्त हून्दो आहे ऐं कारी रात कर मोड़े, चगूं छोड़े ख़ुमारी नेण खणी, उरह में आस रखी पूरब मां निकतल प्रकाश जो ओसीड़ो कन्दी आहे, तडुहिं बादल दूर दराज़, जर थर झागे रहड़कीअ जे नन्ढिड़े गोठ मथां महिर जो मेघ वसाइण ख़ातिर अची गाहट थिया हुआ। सीतल हीर पिए लगी ऐं ताज़े गाह जी सुगन्धि आसपास जे सरसब्ज़ खेतनि तां खणी थे आई। अहिड़े वक्त भाई खोताराम जे छिनल छिने में हिकु निहायत सुन्दर बालक जो जनम थियो। सन्ही सन्ही बून्द जी वस्कार, बादल जी माठी दबियल गजकार, सीतल हीर जी सुरही हसकार ते संदसि हिंओं पिए वसियो। अहिड़े सभागे सुरहे समें पुट जमन्दो डिसी हुरी आयुसि त उन्हीअ बालक ते धणीअ जी ख़ास महिर आहे।

कंवर जी नम्रता-

"कंवर जी आदत हून्दी हुई त माण्हुनि जे हशाम विच में राग गाईन्दे जेकडुहिं को वेझो ईन्दो होसि त तुक अण-पूरी छडे यकिदम उनजे पेरनि ते हथ रखी भाकुरु पाईन्दो होसि। इहो भाकुरे भीड़ो करण असां सिन्धियुनि जी कुर्बाइती रस्म आहे। जंहिं में असांजो तबई ख़लूस यकसान्गी ऐं भाइपी थे बखी। बिया हथ मिलाईनि, हथ जोड़ीनि, सलाम कनि। ब टे दफ़ा गोडुनि ते हथ रखी निमनि, या फ़कति कन्धु हेठि भरोकनि पर छातीअ सां छाती मिलाइण में जो कुर्ब आहे, सो असां सिन्धियुनि जो ई गुण आहे। बार साल पुजाणां माता जी गोद छडे थो पर असीं बिना जाण उहा गोद सांढीन्दा था अचूं ऐं भाकुर पाए पिया पाण खे ख़्वाहि बियनि खे लुत्फ़ वठायूं।"

मथियनि मिसालनि मां न रुगो तीर्थ जे पेशकश जे ख़ूबियुनि जी जाण मिले थी पर जीवनीअ जे बहाने जातीअ जा गुण बि वाज़ह करियो छडे।

शेवा भाव-

कंवर कडुहिं गेड़ू न पातो पर सजी उम्र निर्लेप निर्मोही थी रहियो। दुखी इन्सानन जी शेवा संदसि धर्म जो मूल अंग हो। रहिड़कीअ में अन्धनि मन्डनि जी दवा दरमल पाण कन्दो हो, बल्कि संदनि गंदगी बि पाण मेड़ीन्दो हो। संदसि हमदर्दी माण्हूअ ताईं महदूद न हुई। इत्फ़ाक सां का किवली कागज़ ते अची वेन्दी हुई त कलम खणी रोकीन्दो हो जीअं मर्ज़ीअ मुताबिक उहा लुडणि उतां लंघे वञे। केडो न धीरज हो हिन प्राणी मात्र सां प्यार कन्दड़ शेवक खे।

कंवर गुरुद्वारनि ऐं गऊशालाउनि लाइ बि पैसा गड़ु कन्दो हो। हिक दफ़े बवाहलपुर में गऊशाला जे सहायता लाइ टोलीअ समेत भगुत विझण वियो। चवन्दा आहिनि बवाहलपुर जी कुती बि सुर सां गाईन्दी आहे। उते कंवर गुरूअ जो ध्यान धरे अखियूं पूरे गाइण शुरू कयो त माण्हू दंग रहिजी विया।

गाईन्दो झोल में दान वठन्दो वियो। माण्हू मौज में अची विया। ज़ालुनि ज़ेवर लाहे ड़िना। गुणप में पतो पियो त अरड़हां हज़ार रोकड़ बु सौ गूणियूं ड़ारो, पंजाह तोला सोना ज़ेवर मिलिया। हीउ त हिकु मिसाल आहे। कंवर जिते बि वेन्दो हो, संदसि झोल भरिजी वेन्दी हुई ऐं कठी कयल रकम सुकृत जे कमनि में अन्धनि मंडनि मुहताजनि नियाणयुनि जे मदद में लगुन्दी हुई।

तीर्थ जो लोक गीतनि वारो त हून्द सजो बाबु ड़ियां पर देग जे हिक चांवर मां ई परख थी वेन्दी आहे त देग जा समूरा चांवर अञा कच्चा आहिनि या पची रधिजी रासि थी विया।

तीर्थ जे किताब खां बि अवलि 1943ई. में छपियल हीअ जीवनी मूंखे पोइ हथि आई, उनजे बयान बिना ही मक़ालो अधूरो रहिजी वेन्दो।

जीवन कथा- अमर शहीद सन्त कंवरराम साहिब

लेखक- तुलसी र. तलरेजा

मूंखे किताब जो बियों छापो साल 1965ई. में छपियल हथि आयो, जंहिं में 135 सुफ़्हा आहिनि। केतिरा नायाब चित्र आहिनि, जेके मौजूद हुजनि त कम्प्यूटर ज़रीए नएं-सिर तैयार कराइजनि। बिएं छापे में अटिकल सौ सुफ़्हनि में भाई पेसूराम साहिब जी जीवनी पिण शामिल आहे पर मां फ़कति भगुत कंवरराम बाबति ई ज़िक्र कन्दयसि। किताब जा बाब आहिनि- 1. जन्म 2. कुमार अवस्था 3. विद्या 4. कुदरत जो चकर 5. विवाह 6. साईं सतरामदास साहिब जो देहान्त 7. बी चोट 8. नामार नैना दे तीर 9. राजुनीतीअ जी काबिलियत 10. मेलनि जो मोर कंवर 11. भाई पेसूराम जो विवाह 12. बलीदान 13. भगुती ऐं एकता 14. त्यागु 15. सादगी 16. उदारता 17. खिम्या।

लगे थो तीर्थ खे हीअ जीवनी हथि न लगी आ, न त ज़िक्रु अवसि करे हा। फोटुनि सां गड़ु हुन में खुदि ई लेखक पंहिंजा गीत बि लिखिया आहिनि ए बिया मिसाल बि झझा ड़िना अथसि। किन पैराउनि में सागी भाषा अजब में विझी छड़े थी। सुफ़्ह 8-9 ।

बोलीअ में साहित्यिक हुगाउ आहे, रवानी आहे, शीरीनी आहे पर सभ खां

वडी खूबी जा नज़र आई, सा इहा त कंवर जे न रुगो गुणनि पर मुकमल शख़्सियत जो चिट बि चिटियो वियो आहे, जा गाल्हि अवाम लाइ प्रेरणादायी बणिजे थी। जीअं कंवर जो बी शादी करण, मास खाइण, शराब पीअण बाबति असराइते नमूने लिखण में लेखक बेशक काम्याब वियो आहे। शराब वारी घटना जो ज़िक्रु करण बाबति लिखे थो: कीअं बि हुजे लेखक धर्म जे अंगनि जी उपटार करण लाइ ऐं उन्हनि जे हेठि मथाहींअ लाइ कलम खे हथ में खंयो कोन्हे। हुनजो प्रयोजन आहे कंवर जे जीवन जे मुख्य वाकिअनि जो वर्णन करण।

रहिड़कीअ साहिब में धूड़िए जो मेलो जिन अखिएं डिठो हून्दो, तिनखे ख़बर हून्दी। रंगीन पाणीअ सां भरियल पिचकारियुनि जी पेई मा॰ ॰स ओत थीन्दी हुई। कंवर ओडी महल थीन्दो हो कृष्ण ऐं बिया भगत बालिका सखियूं जहिड़ा अनेक ज़िक्र लाइक मिसाल जीवनीअ में आहिनि।

मुस्लिम आलम

असां लाइ इहा वाधू फ़ख़ुर जी गाल्हि आहे जो कंवर ते हिन्दुनि ई न मुस्लिम आलमनि बि कलम हलायो आहे। सिन्ध जो बुजुर्ग आलम अली अहमद बरोही लिखां थो: ''मूं बीजल बुधो न राइ डियाच डिठो पर मूं हिक लखनि जो रांझो ज़रूर डिठो ऐं बुधो। सुरीलो बि हो त रस भरियो बि हो। सख़ी बि अहिड़ो, जो डेई न पचारे। एतिरे कुदरु जो सिर डेई इब्दी हयाती माणियाईं। अहिड़ो माईअ जो लाल ऐं सिन्धुड़ीअ जो राइ डियाच हो भाई कंवर।''

सिन्ध जे कामरेड मीर मुहम्मद टालपुर पंहिंजे किताब 'यादगीरियुनि जे सफ़र' में कंवर जे बोछण ऐं जुतीअ जो ज़िक्रु कयो आहे। पाकिस्तान में 'जीए सिन्ध आन्दोलन' शुरू कन्दड़ जनाब जी. एम. सैयद पंहिंजे किताब 'जन्म गुज़ारियमि जिनीं सां' में कंवर खे वडी सिक श्रद्धा सां यादि कन्दे लिखियो- ''भगत साहिब सूरत जो सुहिणो, रौनकदार नेण, आवाज़ में हद दर्जे जो सोज़ ऐं मेठाज हो। सन्दसि भगत जी ज़ाण मिलन्दे ई हज़ारनि जे तइदाद में हिन्दू मुस्लिम उते पहुची वेन्दा हुआ। अक्सर रात जो बारहें बजे बइदि गाईन्दो हो ऐं प्रभात ताईं गाईन्दो रहन्दो हो। अजु बि रेडियो ते सन्दसि आवाज़ बुधन्दे ई उन में लीन थी वेन्दो आहियां। खाधो-पीतो, लिखण-पढ़ण सभु अध में छडे कंवर जे आवाज़ सां एकाकार थी वेन्दो आहियां।''

पाकिस्तान जो मशहूर अदीब ऐं अख़बार नवीस जनाब शेख़ अज़ीज़ पंहिंजे किताब 'भगति कदीम सिन्धी अन्दाज़ मोसीकी' में लिखे थो:

सिन्ध में भगुति गाईन्दड़नि खे आशाउनि जो दीपक, शान्ति दूत ऐं नईं सोच इंसानी हृदे ताईं पहुचण जो ज़रीओ मञियो वेन्दो हो ऐं भगुत कंवर उन्हनि सभिनी में पहिरिएं सुफ़्हे में शुमारजे थो। जिन समूरी हयाती संगीत जे सुरनि में गुज़ारी। सुरनि जे सहारे आदर्शनि जी जोत हरहन्धि जगाईन्दो रहियो। ता-उम्र अवाम ऐं दीन दुखियुनि जी शेवा कन्दे मंझनि प्रेम जो ख़ज़ानो लुटाईन्दो रहियो।

हिक बिए मुस्लिम आलम क़रीम बख़्श ख़ालिद पंहिंजे यादगीरियुनि में लिखियो आहे- ''उन रात शेवा मण्डलीअ साम्हूं गऊशाला वेझो कंवरराम जे भगुत जो प्रोग्राम हो। रात जो हिक बजे आचितो मुंहिंजी अखि खुली। हिक व्याकुल कन्दड़ आवाज़ मुंहिंजी निन्ड चोराए छडी। ओभर मां ओभर जे दरवेश जे आलाप 'नाले अलख जे' ते चकोर मिसल चण्ड डांहं छिकिबो वञी उते पहुतसि। पूर्णमासीअ जे रात छोलियूं सारीन्दड़ समुण्ड मिसल माण्हू मस्ताना बणिजी खेसि बुधी रहिया हुआ। गऊशाला जे चौधारी मुसलमाननि जा घर हुआ। घरनि जे चोट ते पर्दो कन्दड़ मुस्लमान ज़ालुनि जा झुण्ड ऐं बारनि जी फौज निन्ड खे अलविदा चई रूहानी रस हासिल करण लाइ व्याकुल हुआ।''

ज़ाहिर आहे कंवर जे कला ते हिन्दू मुसलमान बई फ़िदा हुआ। अञा त मूंखे उते जो एतिरो अदबी सरमायो हासिल न थी सघियो आहे। जेको हथि लगो, उन मां चून्ड टुकर पेश कया अथमि।

हित अंग्रेज़ीअ में लिखियल जीवनियुनि जी बि उपटार नथी करियां। बाकी हिक खुवाहिश हुई कंवर जे जीवन ते तियार थियल टेली स्क्रिप्ट हथि लगे, लेकिन बावजूद कोशशि जे, न स्क्रिप्ट हथि लगी, न विडियो कैसेट मिली, जो कुछ लिखी सघां।

आख़िर में इहो त कंवर जहिड़े शख़्स जे घटि लिखियो वियो आहे पर मय्यारी ऐ असिराइतो। हाणे जीअं साईं चांडूराम ही कम मिशन रूप में खंयो आहे, सो उम्मीद कजे थी त साहित्य मे नओं सिरजण बि थीन्दो, नाटक मण्डलियू नाटक कन्दियूं, डइरेक्टर प्रोडयूसर नएं सिर फिल्म निर्माण कन्दा। इन्हनि शुभ कामनाउनि सां मां पंहिंजी जगहि वठां थी।

जय सन्तनि जी - जय सन्त कंवरराम जी

-डॉ. कमला गोकलाणी
ए-4, नेहरू नगर, सोमलपुर रोड,
साईं बाबा मन्दिर भरिसां, अजमेर-305003
फोन: 2691362, मो. 9414220370

भगुति ऐं साईं कंवरराम

- डॉ. जेठो लालवाणी

सिन्धी मौसीकीअ में असांखे काफ़ी जी गाइकी, नग़मनि, तराननि वारी गाइकी, मरस्य ख़्वानी, उहर ख़्वानी, मुल्तान वारियुनि दरगाहुनि जी गाइकी, भिटशाह जे रागु जो अन्दाज़, पीरनि गुनातनि पढ़ण जो अन्दाज़, दरगाहुनि जे सुन्ग वारो अन्दाज़ जंहिं में फ़कीर हिक टोलीअ जे सूरत में गडुजी कलाम गाईन्दा आहिनि, फ़कीराणो अन्दाज़, समाअ जी गाइकी, भजुननि जी गाइकी, सूफ़ी अन्दाज़ ऐं भगुत वारी गाइकी, भगुताणो अन्दाज़ मिले थो।

भगुति निज सिन्धी मौसीकी फ़न आहे। भगुति संगीत, रागु, साज़, लोक नृत्य ऐं लोक नाटक तत्व जो मर्कब आहे। सिन्धी संगीत, रागु, ताल, नृत्य जे आधार ते कंहिं कथा, लोक कथा, दृष्टांत जे पेशकश खे भगुति सडियो वञे थो। भगुत आखाणी - लोक कहाणी खणण जो हिक अन्दाज़ आहे, जंहिं में रागुणियुनि, सुरनि, गीतनि जी उणत कयल हून्दी आहे, जेको भावात्मक माहौल खड़ो करण में साज़गार, मददगार थीन्दो आहे ऐं अवाम जे कशशि जो बाइस बणिजे थो।

सिन्धी भगुति जो वास्तो भगुती युग (भगुती काल) सां कोन्हे पर उन फ़न सां आहे, जेको रागु, ताल, नाच जो मर्कब आहे ऐं उन्हनि गायक टोलियुनि सां आहे, जेके सिन्ध जे गुोठ-गुोठ, शहर शहर में वञी अवाम जो मनोरंजन कन्दियूं हुयूं। अलबत भगुति में भगुतीअ जी परम्परा शुमारियल आहे ऐं रूहानी शक्तियुनि वारे रागु जी रवायत पिण आहे। सिन्ध में जेके मुसलमान टोलियूं हून्दियूं हुयूं, उन्हनि खे ''नाचू'' ऐं हिन्दुनि जे टोलियुनि खे ''भगुत'' सडियो वेन्दो हो। भगुत अक्सर करे धार्मिक डिणनि, वर्सियुनि, उत्सवनि, आनन्द वाणी ऐं खुशीअ जे मोकनि ते विधी वेन्दी आहे। भगुति कीर्तन जो रूप संगीत आहे, जंहिं में जुदा-जुदा वेस पिण धारण कया वेन्दा आहिनि, जंहिंखे ''सांग'' सडियो वेन्दो आहे।

भगुतु लफ़्ज़ जी माना ''भजु'' याने पूजा आहे। ''भगुति'' विझन्दड़ शख़्स खे भगुति याने पूजारी पिण सडियो वेन्दो आहे पर हिते असांजो वास्तो भगुत ''भगुति बाज़'' याने ख़ास अन्दाज़ सां नकुल ऐं नग़मा गाईन्दड़नि सां आहे। सिन्धी भगुति शुद्ध सिन्धी अन्दाज़ आहे, जंहिं खे पंहिंजी अल्हदी सुञाणप ऐं निरालप आहे।

भगुति जा मुख्य तत्व हिन रीत आहिनि-

भः भावनि जो इज़हार, जुदा जुदा शरीरिक क्रियाउनि, चहिरे जे हावनि- भावनि, मुद्राउनि जे इज़हार द्वारा आनन्द मनोरंजन जी महसूसात कराइण।

ग॒ः गीतनि जे गायकीअ जी हिक ख़ास शैली सिन्धी लोक गीतनि, लोक कथाउनि खे भाव प्रधान बणाइण जो अन्दाज़, उत्साह, रचनात्मक भावनि जे इज़हार द्वारा हिक नईं आनन्द सृष्टि रचण।

तः ताल जंहिंमें लोक नृत्य, लोक संगीत ऐं लोक साज़ शामिल आहिनि।

याने त भग॒ति सिन्धी फ़न जो आला नमूनो हिक सत्संग, राग॒ जी महफ़िल, प्रभूअ जी उपासना, रूह जी राहत, सुधार वादी भावना ऐं विन्दुर जो बहतरीनि वसीलो आहे, जेका असांजे आला-तरीन तहज़ीब जा दर्शन कराए थी ऐं अयामनि खां वठी सिन्धु वासियुनि, सिन्ध जे दिलियुनि खे बाग़ बहार बणाईन्दी पिए रही आहे।

हिन लेख जो वास्तो 'भग॒ति' छा आहे, सां गडु॒ शहीद सन्त कंवरराम साहिबनि जे भग॒ति परम्परा सां पिण आहे।

इएं त सिन्ध हिन्द में अनेक लोकप्रिय, माहिर भग॒त थी गुज़रिया आहिनि पर भग॒तनि जा सरताज, अमर शहीद साईं कंवरराम साहिब जनि हुआ। सिन्धी भग॒ति याने साईं भग॒त कंवरराम साहिब। साईं कंवरराम साहिब सिन्धी कौम ऐं सिन्धी तहज़ीब जो हिकु रोशन मिनार रहिया।

कंवर मुहबत जी सूरत, सिक जी शमउ, प्यार जो पुतलो, भग॒ती रस सां भरपूर लासानी गायक, निर्मोहक दरवेश, सचो आशिक, इलाही रूह में, रूहानी रहबर, समाज सुधारक ऐं महान कर्मयोगी हो। जंहिंजे आवाज़ में कशशि, जादू, लरज़श, रूहानी आवाज़ ऐं ईश्वरी आलाप हो। हू भग॒तनि जो भोतार ऐं संगीतकारनि जो सरदार, सिन्धी मौसीकीअ जो सम्राट, सिन्धियुनि जो तानसेन, सिन्धु जो बैजू बांवरो हो।

साईं कंवर जे छेरयुनि जी छिमकार, पायल जी झंकार, मिसरी माखीअ खां बि मिठो सुरु, आकाश सां टकर खाईन्दड़ आवाज़ अजु॒ बि सिन्ध जे ग॒ोठ ग॒ोठ, हर शहर में गूंजी रहियो आहे। हुनजा ग॒ातल गीत अजु॒ बि सिन्धियुनि, सिन्ध जे कननि में बु॒रनि, चित में चुरनि पिया था।

सन्त कंवरराम डु॒हरकीअ, सम्पूरी सिन्ध जो महान, लोकप्रिय, सभिनी भग॒तनि जो महान श्रोमणी भग॒त हो। हू सिरमोर भग॒त हो। हुनजी भग॒ति बु॒धण लाइ डू॒रांहनि

शहरनि मां माण्हू कही ईन्दा हुआ। मिठे सुर आलाप जे लाहियुनि-चाढ़ियुनि जी हुनखे डा़ति मिलियल हुई। हू सिन्धी सभ्यता जो मुजसम रूप हो।

भगु़त कंवरराम साहिब छेर, जामो, मथे ते पीली पगु़ड़ी, कननि में कुण्डल पहिरे, निरड़ ते तिलक लगा़ए अमृत वेले सुबूह जो चई बजे भज़न में विहन्दा हुआ। जेको पंद्रहां सोरहां कलाक हलन्दो हो। हू गा़इण में एतिरा त महू, लीन हून्दा हुआ जो हुननि खां खाधो, पीतो, निन्ड बि विसरी वेन्दी हुई। साणु गडु बु़धन्दड़ पिण सुध-बु़ध खोहे, हिक हन्धि ज़म खाई वेठा हून्दा हुआ। हुननि खां उञ बुख बि विसरी वेन्दी हुई। गर्मी, सर्दीअ जो कोबि असर न, अखियुनि मां निन्ड गुम, सिर्फ साईं कंवरराम जे रागु़नि, भज़ननि, कथाउनि जो जादुई असर हुननि मथां हावी हून्दो हो। भगु़त कंवर कंहिं बि गो़ठ, शहर में हुजे माना उते खुदि ब खुदि कर्फ़्यू लगी़ वेन्दो हो। घरनि खे ताला लगी़ वेन्दा हुआ। सभिनी जो रस्तो सिर्फ़ साईं कंवरराम जे भगु़ति वारे हन्धि-जगु़हि डा़हुं वेन्दो हो। माण्हू वणनि-खुडनि, जुदा-जुदा वाहणनि जे मथां वेही भगु़ति बु़धण लाइ हाज़िर थीन्दा हुआ।

इएं त फ़नकार बि़न किस्मनि जा थीन्दा आहिनि। हिकड़ा मीरासी ऐं बि़या अताई। मीरासी उहे आहिनि, जिन जा वडा़ ख़ानदानी फ़नकार हून्दा आहिनि। अताई उहे, जिनखे रुगो़ पाण खे फ़न अता थियो आहे। साईं कंवर डा़त धणी हुआ। डा़त ऐं डा़ंव जे आधार ते हू अगि़ते ऐं अगि़ते वधन्दा रहिया। नन्ढपुणि खां ई कंवर खे गा़इण जो शौंक हो। पर रूहानी अमानत साईं सतरामदास जेका पंहिंजे पिता साईं खोताराम वटां हासिल कई, सा कंवर जे हवाले कई।

सन्त खोताराम जनि खे पिता जनि जे दरबा़र में सन्त तनसुखाराम पंहिंजनि हथनि सां छेर जामो डे़ई भगु़त बणायो। पंहिंजा साज़ीन्दड़ डि़ना ऐं भगु़त टोली ठाही। सन्त खोताराम उहा डा़त पंहिंजे नन्ढे पुट सतरामदास खे डि़नी, जेके रहिड़कीअ में भगु़त चौंकी कन्दा हुआ। पिता सां गडु भगु़तुनि ते वेन्दा हुआ, भगु़ति विझन्दा हुआ, मिठे मन-मोहीन्दड़ ऐं बुलन्द आवाज़ में गा़ईन्दा हुआ। सागि़ए नमूने साईं सतरामदास नन्ढे कंवर खे पाणसां गडु बि़यनि भगु़तुनि में वठी वेन्दा हुआ। साईं कंवर नन्ढे हून्दे ई कलात, ठुल, रहिड़की, माड़ सेवड़ीअ जे गो़ठ, कासिम जे गो़ठ ऐं बि़यनि हन्धि साईं सतरामदास सां भगु़तुनि में शामिल थियो ऐं गायन जी सिख्या हासिल कई। जडु़हिं साईं सतरामदास जो आख़रीन वक़्त आयो, तडु़हिं हुन कंवर खे सडे़, छेर जामो डीं़दे चयो, ''ब़चा कंवर, हीअ छेर, जामो ऐं पगु़ वठु। अस्मां तोखे पंहिंजी अमानत डि़यूं था, काबू़ रखिजाइं।''

ऐं साज़ीन्दड़नि खे घुराए चयो हुआईं, ''कंवर असांजी रूहानी अमानत अथव, उनखे साथ ड्रिजो ऐं उनखे संभालिजो।''

साईं सतरामदास पंहिंजे टोलीअ जा बोलड़िया, साज़ीन्दड़, संगीतकार, सारंगया, धोकड़ी, ढोलकिया, रबाबी ड्रिना। जिन कंवर सां भगुतुनि में संग कयो।

जिन में मुख्य हुआ सर्व श्री भाई रामन राम, भाई सीताराम तलरेजा, भाई प्रेमाराम, भाई तिलोकराम, भाई सुखरामदास ऐं भाई कर्मूराम (बोलड़िया गायक)।

साज़ीन्दड़ हुआ: भाई पहलाजराइ (ड्रोकड़ी), अबन फ़कीर (सारंगयो), भाई दरयानोमल (ढोलकियो), भाई सभागो (ढोलकियो) ऐं कालू फ़कीर।

इएं त कंवर जमन्दे जाम हो। सोज़, मधुरता ऐं मेठाज सां भरपूर हो। संगीत जी ड्रात मिलयल हुअसि। हू जीअं जीअं गाईन्दो हो, हुनजो आवाज़ वधीक बुलन्द ऐं मधुर थीन्दो वेन्दो हो। हू कड्रहिं बि थकिजन्दा कोन हुआ। जीअं देर, तीअं हुननि जो आवाज़ वधीक मधुर, बुलन्द ऐं मनमोहक थीन्दो वेन्दो हो। गाइण वक्त गायकनि जे पेशानीअ ते घुंज ऐं गले जे नसुनि में छिकताण पैदा थीन्दी आहे पर साईं कंवरराम जे पेशानीअ में ईश्वरी भगुतीअ जो प्रकाश, तेज तजला ड्रीन्दो हो। हू रागु गाइण वक्त कन्धु हेठि झुकियल ऐं अखियूं बन्द रखन्दा हुआ। हू पंहिंजे दिलरुबा दिलदार खे रीझाइण लाइ मन रूपी मन्दर में तन रूपी तंबूरो वजाए आलाप आलापीन्दो हो ऐं संगीत में खोहिजी वेन्दो हो।

कंवर अखियूं पूरे गाईन्दे-गाईन्दे रागु जे मस्तीअ में अची नचन्दा, झूमिरियूं हणन्दा हुआ, झूलन्दा ऐं झूमन्दा हुआ। हुननि खे संगीत जे मस्तीअ में आणीन्दो हो फतन मीरासी सारंगयो। हू सिन्धी सारंगीअ द्वारा रागुणियुनि जा अहिड़ा त नवां नवां सुर ऐं उन्हनि जूं नयूं तरज़ूं वजाईन्दो हो, जो कंवर साज़ जे वज्द में अची आलाप आलापीन्दो रहन्दो हो। अहिड़ो ई साईं कंवर जो हिक मशहूर ऐं मख़मूर कन्दड़ गीत आहे:

''मां जिन लइ थी जागां, उहे शाल ईन्दा,
मुबारकां मिड़ेई ड्रिसण माण ड्रीन्दा,
जिन लइ थी जीअ में जायूं संवारियां,
अङण खे अखियुनि सां बुहारियां।'' (श्री राम कली)

साईं कन ते हथु रखी चवन्दो हो:

''डड थी दुांउ घुरयम, तूं छडि वजा वञाए,
सबर रात संबाहा ताज़ी तोलाए,
जो जाणे न गाए, तंहिं सां बेली धणीअ बाझ कई।''
''आउ कांगा करि गाल्हि मूंखे तिन मारूअड़नि जी,
मारूअड़नि जी सांगीअड़नि जी, आउ कांगा करि गाल्हि।''

''राम सिमर प्रभात मेरे मन'', ''कीअं रीझायां तोखे कीअं परचायां'', ''नाले अलख जे बेड़ो तार मुंहिंजो'' वग़ेरह अजु बि चित खे चोरे, मस्तीअ में बोड़े, हृदे में हुरनि पिया था। कननि में कुण्डल, मथे ते पीली पगड़ी, हथ में लकड़ी खणी करे कृष्ण जो भजन ''गईयां चरीन्दा कान'' जडहिं गाईन्दा हुआ, गांयुनि खे हकल डीन्दा हुआ, तडहिं साक्षात कृष्ण रूप जो दर्शन थीन्दो हो। भजन जा बोल आहिनि:

गईयां चरीन्दा कान बन बन में
हकल होर हा हा हा, कउ कउ कउ
चलो गईयां चरीन्दा कान, बन बन में
कान बजाए बंसी धुन धुन में
चलो रे गईयां घर को, घर को, घर को,
दम दम में, गईयां चरीन्दा कान।'' (राग पहाड़ी)

भगवान कृष्ण जे उस्ततीअ में गाईन्दा हुआ:

''बृन्दावन वारी रास रचाए, मधुर बंसी वजाए,
प्रातः समे मोहन मैया से, हंस कर माखन मांगत है,
झपट दाइ पट ले, करल करि, मुख से मुरली बजावत है।''

या गाईन्दा :

कांगा डिजाइं कृष्ण खे पैग़ाम वेन्दे वेन्दे,
बुख में मरनि थियूं गायूं, घनश्याम वेन्दे वेन्दे। (राग प्रभाती)

साईं कृष्ण भगत सां गडु गऊ भगत पिण हुआ। हुननि गऊशालाउनि जे विकास ऐं वाधारे लाइ भगतियुनि में अनेक रकमूं कठियूं करे गऊशालाऊं हलाईन्दड़नि खे डिनियूं।

साईं कंवरराम दरियाख़ान जो हीउ कलाम राग तिलंग में अक्सर गाईन्दा हुआ:

''इश्क जे मकतब में वेही, करि दर्द जो दिल में दर्क,
कूड़ियूं किताबनि जूं पढ़ीं, हिन हुन आहे फ़र्क,
अखरनि में जेके अड़िया, से इश्क चाढ़ी ना चढ़िया,
कंहिंजी मञीनि था कीनकी, आहिनि वॾा साड़े सड़िया,
जिन खे हर्फ़ हादीअ जो, वेढ़े छॾियाऊं सभु वर्क।''

साईं कंवरराम जी हीअ लोली ॾिसो :

''लोली दि॒यां लाल नूं, निके जहिड़े ॿाल नूं,
लोलियां लोली, लोली ॾेवां लाल नूं।''

साईं कंवरराम भॻतुनि द्वारा भारत भर जे सूफ़ियुनि जे अमृत वाणीअ सां गॾु मीरां, कबीर, सूरदास, तुलसीदास, गुरू नानक, शेख़ फ़रीद, बुले शाह, आग़ा, अमीद अली, शाह अब्दुल लतीफ़, बहावल, सामी, सचल, सरमस्त, बेदल, बेकस वग़ेरह जे कलामनि, भॼननि, ॾोहीड़नि जी गूंज हर घर में गूंजी। कंवरराम भॻतुनि में राजा विक्रमादित्य, राजा हरीशचन्द्र, भॻत दुरू, भॻत प्रहलाद वग़ेरह जूं कथाऊं, गुरू ग्रन्थ साहिब जी ॿाणीअ सां गॾु भाॻवत ऐं ॿियनि धार्मिक ग्रन्थनि जा अनेक दृष्टांत पेश करे सत्य, अहिंसा, कौमी एकता, हिन्दू-मुस्लिम मेलाप, इंसानी प्रेम, मानवता, शान्ती, विश्व भाईचारे, नैतिकता, ऊच जीवन माणण, सादगीअ, सेवा, परोपकार, इंसानी धर्म, इंसानियत ऐं हिकजहिड़ाईअ जो सन्देश ॾिनो।

साईं कंवरराम राॻ राॻणियुनि में भॻतियुनि में प्रभाती कोहयारी, आसा, तिलंग, दीन, मल्हार, सारंग, भेरवी, सोरठ, लहिणे, मारू वग़ेरह पेश कया।

मारू राॻ अक्सर मौत वक्त ॻाइबो आहे। मांझांदनि में जॾहि कंवर मारू राॻ ॻातो, तदहिं हुन खे पुछियो वियो, ''साईं, तव्हां मारू राॻ छोथा ॻायो?'' तॾहिं हुन जवाब ॾिनो, ''मनुष खे मौत जो डपु न करण घुरिजे, हुनखे मौत लाइ हरदम तैयार रहण घुरिजे। मरण में कोॿि महिणो कोन्हे।''

कंवर सिन्धीअ सां गॾु पंजाबी ऐं सराइकीअ में बि ॻातो। छाकाणि त हू पंजाब ऐं सिन्ध जे सरहदी इलाइकनि में भॻति विझण वेन्दा हुआ। हुननि जे भॻतियुनि में सिन्ध जे हिन्दू मुसलमान, मुल्तानी, पंजाबी वग़ेरह हाज़िर रहन्दा हुआ ऐं उन्हनि खे ध्यान में रखी कंवर कलाम, भॼन, लोलियूं ॻाईन्दा हुआ। साईं सतरामदास सां गॾु जॾहिं कंवरराम भॻति विझण वेन्दा हुआ, तॾहिं भॻति जे मुहड़ में बीहन्दा हो साईं सतारामदास ऐं पान्द में बीहन्दो हो साईं कंवरराम। साईं कंवर सतरामदास

जे डोहीड़नि जो जवाब डोहीड़नि में, सलोकनि जो जवाब सलोकनि में डीन्दो हो। सुर सां सुर मिलाईन्दो हो। राग जे आकाश में बिन्ही भगतनि, गुरू चेले जा आवाज़ टकिरजी मन मोहीन्दड़ पड़ाडो पैदा कन्दा हुआ। कंवर तसवुफ़, वेदान्त सां गडु कलाम, काफ़ियूं, ग़ज़ल, डोहीड़ा मधुरता ऐं मेठाज सां गाता।

कंवर भगतियुनि द्वारा मज़हब, ज़ात-पात, भाणा भेद खे दूर करण जो सन्देश डिनो। बुधिजे थो त डहरकीअ में हिक दफ़े साईं कंवर जे हम- वक्ते भगत भाई मंघरराम जेको सिन्ध जो काफ़ी लोकप्रिय भगत हो, हुनखे पंहिंजी कला ते काफ़ी नाज़ हो, उहो प्रभात वेले हिक पासे भगति विझी रहियो हो, बिए पासे साईं कंवरराम छेर ऐं जामो पाए बीठा हुआ। बिन्ही जे आलाप में सोज़, मधुरता ऐं मेठाज हो। ग़मीअ जो मोको हो, बिन्ही दर्दी सोज़ मां मारू गायो। बुधन्दड़नि जे अखियुनि में आब हो। भगत मंघरराम मस्तीअ सां गाए रहियो हो। साईं कंवरराम नम्रता ऐं निमाणाईअ सां हथ जोड़े, अखियूं बन्द करे, मारू गाए रहियो हो। बई हिक बिए खां ज़ोर हुआ। वक्त गुज़रन्दो रहियो। कंवर जो आवाज़ वधीक मधुर, सोज़ भरियो, दिल खे डारीन्दड़ ऐं बुलन्द थीन्दो रहियो। इएं लगी रहियो हो त आवाज़ कंहिं मनुष जो न पर देवता जो हो। आख़रि में भगत मंघरराम उन बुलन्द इलाही आवाज़ अगियां बीही न सघियो, हू गाए थकिजी पियो, पर कंवर लगातार बिना रुकिए गाईन्दो रहियो। साईं कंवरराम जे टोलीअ में हुननि जो मुख्य बोलड़ियो भाई रामन हो। हू चर्चा बि कन्दो हो, मसख़रे जो पार्ट करे माण्हुनि खे खूब खिलाए हुननि जो खून वधाईन्दो हो। भगति सिर्फ़ विन्दुर-मनोरंजन जो साधन कोन हो, पर समाज सुधार लाइ पिण बा-मक्सद वाहण हो। देश भगती, हिन्दू मुस्लिम इतहाद, आज़ादीअ जे हलचल में पिण कंवरराम चङो पाण मोखियो। वडी उम्र वारनि जूं नन्ढी उम्र जे छोकिरियुनि सां शादी, अहिड़ियुनि बे-जोड़ शादियुनि, छूत-छात, ज़ात-पात, पंचायतुनि में एकता लाइ पिण कंवर साहिब भगतियुनि द्वारा काफ़ी कोशशूं वरितियूं। ऑरतुनि खे बुधायो त पती आहे परमेश्वर, इनकरे नारीअ खे सीता वांगुरु पवित्र ऐं पतिव्रता थी रहण घुरिजे। इनकरे कंवर गायो:

"पतीअ जे प्रेम में हरदम,
गुज़ारण नारि खे घुरिजे।"

कंवर समाज मां जूआ तड़े कढण लाइ महाभारत मां जूआ में द्रोपदीअ खे हाराइण वारो वाक्यो पुर-सोज़ नमूने बुधाए हाज़िरीनि जे दिलियुनि ते अमर विझन्दो

हो। शाह साहिबनि जे बैतनि ऐं मारुईअ जे हुब अलवतनीअ खे बार बार दुहिरायो, जंहिंजो अवाम ते काफ़ी असर पियो।

कंवर भगुतियुनि में संगीत ऐं इलाही इश्क जे असर हेठि सोक वारियुनि एराज़ियुनि में बरसात वसाई। मुअल ब़ार खे जीअरो करे अनेक करामतूं ड॒खारियूं, दान शीलता जी ज़ाण ड॒िनी।

कंवर जो आवाज़ आत्मा खे पवित्र करे छड॒ींदो हो। जड॒हिं हू जोगु, कोहयारी राणो, प्रभाती गाईन्दो हो।

कंवर जे भगुति जी शुरूआत रागु कल्याण या रागु माल कंस "तुम ठाकुर तुम पई अरदास" सां शुरू थीन्दी हुई। बइदि में बि॒या रागु ऐं रागुणियूं पेश थीन्दियूं हुयूं।

साईं कंवरराम रागु हुसैनी ऐं रागु मारू गाइण जा माहिर हुआ।

कंवर जा फेलसूफाणा ख़्याल, ब॒ोली ब॒हूगुणी, सरल, सादी सूदी पर मिठी, दिल उथारीन्दड़, कुर्ब सां भरियल, सच जी प्रेरणा ड॒ीन्दड़, निडर बणाईन्दड़, ना-इंसाफीअ अगि॒यां सिर न झुकाइण ऐं कूड़, अत्याचार जो बहादुरीअ सां मुकाबिलो कन्दड़, कुदरत लाइ प्रेम जो इज़हार कन्दड़ हून्दी हुई।

अमर शहीद भगत कंवरराम साहिब हथ जोड़े, पलउ पाए आराधना कन्दा हुआः

"ओ मुंहिंजा मालिक, हिन्दू मुस्लिम जो ख़ैर कजि,
अड़ियनि अधीननि जो अझो थिजि।"

हिन्दुनि खां चवाईन्दो हो "हरे राम" ऐं मुसलमाननि खे चवन्दो हो कुर्ब सां कल्मो पढ़ो ऐं शुरू कन्दो हो "नाले अलख जे ब॒ेड़ो तार मुंहिंजो।"

कंवरराम भगुति में जेके झोलियूं कयूं, जेकी कुझु हुननि खे उन्हनि भगुतियुनि में मिलियो, उहो उते जो उते लूलनि, लंगड़नि, फ़कीरनि, घुरजाउनि खे विरहाए ड॒ीन्दो हो। कारी कोडी बि घर खणी न वेन्दो हो। हुनखे जेको बि बताउ, घोर, ब॒ोल मिलन्दी हुई, उन मां सामाजिक कार्य कन्दा हुआ। घर ऐं कुटम्ब जे आजीविका लाइ पाण महनत ऐं पोरिहिए जी कमाई कन्दा हुआ।

साईं कंवरराम समूरी सिन्ध, सभिनी दरब॒ारियुनि, सिन्ध जे सरहदी इलाइकनि, पंजाब में भगुतियूं विधियूं। संदनि जे टोलीअ सां सदाई साथ सहकार ड॒ीन्दड़ हुआ भाई मांघनदास, भाई हुअणराम, भाई नेवन्दराम, भाई ब्रनाराम, भाई मीताराम नन्दो

(ॿोलड़ियो या गायक) साज़ीगर सां वॼाईन्दड़ हुआ भाई सदोराम (धोकड़ी), भाई बगले राइ (ढोलकियो), फतू फ़कीर (सारंगयो), कहेरो फ़कीर (सारंगयो), झन्डू फ़कीर, बख़्तियो फ़कीर, कालू फ़कीर ऐं अजीतू फ़कीर (सारंगया)।

सिन्धी सभ्यता जो सूरज, मुस्लिम-हिन्दू एकता जो आलाप आलापीन्दड़, सिन्ध देश जो सरताज सन् 1939 ई. में शहीद थियो ऐं सॼी सिन्ध खे रोआरीन्दो वियो।

सिन्धी भॻति साईं कंवरराम साहिब जनि जे नाले खांसवाइ अधूरी आहे।
सिन्धी भॻति माना कंवर - कंवर माना सिन्धी भॻति।
साईं कंवर सिन्धियुनि जे दिलियुनि, बैतनि, शहरनि में वसियल आहे।
जित किथ वसीं तूं - तेरा मकान वाह वाह।
सिन्धियुनि में, भॻतनि में, कंवर वसे थो, वसन्दो रहंदो।

जय सिन्ध - जीए सिन्ध

मददी किताब-

सिन्धी लोक नाटक	- ॼेठो लालवाणी (1966)
सिन्धी भॻत शैली	- ॼेठो लालवाणी (1998)
अमर शहीद सन्त कंवरराम	- प्रिन्सीपाल कन्हैयालाल तलरेजा (1977)
कंवर	- श्री तीर्थ बसंत (1957)

-डॉ. ॼेठो लालवाणी

31/2, न्यू जे वार्ड, कुॿेरनगर, अहमदाबाद-40

फोन: 22813312

तूं छपर तूं छांइ

जीवन दर्शन

- वीना श्रंगी

सुर संगीत जो सरताज, इंसानियत जे आस्था जो नाउ आहे भगुत कंवरराम, हीणनि जो हमराह, बेवाहनि जो वाहु, प्रेम भाईचारे जो अल्मबरदार, धणीअ जो सचो पांधीअड़ो। कर्मयोगी श्री कृष्ण जे गीता में डेखारियल कर्म जे राह ते कर्म कन्दे जीवन घारियो। श्रीमद् भगुवत गीता जे अध्याअ बिएं में एकवंजाहें श्लोक में कर्म ते रोशनी विधी वेई आहे-

''जे ज्ञानी पुरुष कर्म जो फल छडे कर्म कनि था, उहे जन्म मरण जे फेरे खां छुटी दुख रहित पद खे प्राप्त थीन्दा।''

दरवेश फ़कीर कंवर कडहिं बि फल जी चिन्ता न कई, कर्म करे मरण जे चकर खां मुक्त थी अमरता हासिल कई, निन्ड खे तिलांजली डेई हथ हाज में पेर पन्ध करे गोठ गोठ शहर शहर इहाई सदा बुलन्द कई- वणजारो थी जगु में आयो आहीं, हीउ शरीर नाशवान आहे, सुता उथी जागु। भिट धणीअ फ़र्मायो आहे:

ए कम कमीणियुनि, जे सुम्हनि पेर डिघा करे। (शाह)

डींहं रात आन्धी मांझी इहाई वाई वात:

आओ प्रीतम मोहना पलक मून्द तोही लूं,
ना मैं देखूं और कोइ ना तोहे देखनि दूं।

पंहिंजे नेणनि में परमेश्वर खे समाए रखियो, जंहिं सच जे पारखू नज़र दरवेश कंवर खे दुनिया जे सच सां मुंहं मुकाबिल कयो। सिन्ध जे पवित्र भूमी जरवारनि जे गोठ में 12 अप्रेल 1885 ई. में बालक कंवर जो जन्म थियो, माता तीर्थ बाइ पिता ताराचन्द धन्य आहिनि, जंहिंजे घर लाखीणे लाल कंवर जन्म वरितो। सन्त खोताराम जे वरदान ऐं धणीअ जे महिर सां कंवल रूपी बालक दुनिया में मनुष जन्म जो चोलो पहिरे हिन संसार में पधारिया।

कंवर जी बाहिरीं शख़्सियत: कननि में कुण्डल, गले में माल्हा, अखियुनि में चमक, चेहरे ते नूर, पगुड़ी पहिरियल, कारियूं घाटियूं मुछूं, मिहनतमन्द कद काठ, मधुर वाणी इहा हुई सन्त कंवरराम जी बाहिरीं शख़्सियत।

सन्त साहित्य में भजुन परम्परा पंहिंजे उन मक़ाले में 13-14 दिसम्बर

2003 ई. ते उज्जैन में मूं हिन तरह इज़हार कयो हो त- अमर शहीद सन्त कंवरराम विरहाङ खां अगु नएं रंग ढंग सां भगुति परम्परा खे चोटीअ ते पहुचायो। जामो पहिरे छेर बुधी भगुति विझी भगुती संगीत जे परम्परा जे तहरीक खे जन्म डिनो। सन्दसि गायल कलामनि सिन्ध में वडी हलचल मचाए छडी, बार बुढा, औरत, मर्द, हिन्दू मुस्लमाननि जे ज़बान ते कंवर जा कलाम हुआ। अजु बि सुलेमान जा कलाम- कीअं रीझायां कीअं परचायां डुस को डांउ.... हर संगीत महफ़िल ऐं मेले में गातो वञे थो या नाले अलख जे बेड़ो तार मुंहिंजो... भगुतनि तरफ़ा भगुति जो शुभारम्भ कलाम सां कयो वेन्दो आहे। भगुती संगीत जे परम्परा जो मज़बूतीअ सां दामन झलियो बीठो आहे।

कंवर जे जीवन जा अनेक पहलू आहिनि, जंहिं ज़रीए जीवन दर्शन करे सघिजे थो। इबादत, वचन जा अटल, प्राण जाये पर वचन न जाये, सच जा साखी, दीन दुखियुनि जी सेवा, प्रेम भाईचारो, पवित्र भावना, नेक नीती, हीणनि जा हमराह, अभिमान जे अवगुणनि खां मुक्त, परोपकारी, हिन्दू मुस्लिम एकता में अटूट विश्वास रखन्दड़, सुर संगीत जा सरताज, आलिम, सख़ी अहिड़ा जो सख़ावत कन्दे ऐं दान डीन्दे हिक हथु डिए त बिए हथ खे ख़बर न पवे, माताउनि भेनरुनि जो सन्मान करण, डाति जा धणी, निवड़त नियाज़, निमाणाई निहठाई जा मुजसम।

निवड़त ऐं नियाज़ ते पाण बि अमल कन्दा हुआ पर बियनि खे बि इहा नेक सलाह डीन्दा हुआ त निवड़त नियाज़ ऐं निहठाईअ जी माला फेरण वारे जाप जा वचन वठो।

जां जां पसीं पाण, तां तां नाहि सजोद,
विञाए विजूद, तहां पोइ तकिबर चओ। (शाह)

निफ़ाक वेर वेछा हिक़ारत खे दफ़न करे पंहिंजो वजूद विञाए झोली फहिलाए दीन दुखियुनि जा दुख दूर करण ई सन्दनि इबादत हुई। दग़ा दोलाब, तइसबु, नफ़रत मथां प्रेम भाईचारे शेवा भावना जे हथियार सां उन्हनि विकारनि ते सोभ पाती. ग़रीबनि जे रूप में परमात्मा खे पसियो, पंहिंजी ज़ात, सिफ़ात ऐं अना खे दफ़न करे सजी समाज जे भलाईअ लाइ पाणखे अर्पण करे छडियो। जेसींताईं हीअ कायनात मौजूद आहे, तेसींताईं कंवर जो नाउं सच जी अलामत बणियो रहन्दो। पंहिंजे वजूद खे विञाए उन रुतिबे खे पातो।

दादा होतचन्द आडवाणी श्रद्धा जा गुल अर्पण कन्दे चवनि था:

"सन्दसि भगति भगतीअ सां भरपूर रहन्दी हुई, बेशक हू सिन्ध जे सन्तनि जो सरताज हो।"

प्रोफेसर राम पंजवाणीअ कुझु हिन तरह इज़हार कयो आहे- "कंवर अण- पढ़ियल हो, पर हकीकत में हू आलमनि जो आलिम हो।"

बाल अवस्था- कंवर जे बाल अवस्था जे जीवन ते नज़र कन्दासीं त काए सचायूं सन्दनि आदर्शी जीवन जूं साख भरीनि थियूं। शान्त सुभाउ, मासूम मुरकन्दड़ चहिरे ते नूर, अखियुनि में चमक, वन्डे खाइजे सुख पाइजे। जिन बालक कंवर खे डिठो तिनि जो चवण हो त जेके खाइण लाइ खेनि टोल मिलन्दा हुआ, से झिरकियुनि खें किविलियुनि अगियां उछिलाए छडीन्दा हुआ। रोटी जा टुकर नन्ढिड़ा-नन्ढिड़ा गिरह कांवनि खे खाराए खुशि थीन्दा हुआ। नन्ढिड़ो कंवर एतिरो त रहमदिल हो जो संदसि पिता खे नन्ढिड़ो दुकान हो ऐं बनी बारी जो टुकर। बालक कंवर खे संदसि पिता तियार फ़सल खे पखियुनि जे खाइण खां बचाइण लाइ झार हकिलाइण लाइ चवन्दा हुआ। कोमल हृदय वारो रहमदिल हीउ बालक पखियुनि खे गुलेल हणी कीअं उडाए। माठि करे एकांत में वेही रहन्दो हो। पखी खाई पी मौजूं माणीन्दा हुआ। हिक डिहाड़े हिक फ़कीर अल्ह लोक जे नाले ते सदा बुलन्द कन्दे चयो- मूंखे बुख लगी आहे, अल्ह जे नाले मूंखे कोहर डे, मूं वटि उन्हनि जे एवज़ि डियण लाइ कुझ बि न आहे। कंवर सोच में पइजी वियो, हिक तरफ़ हो खुदा जो ख़ौफ़ त बिए तरफ़ जीजल माउ जे मार जो डपु। बालक कंवर मन में वीचार कयो त भलि त अमड़ि जी मार पवे, पर खुदा जे बन्दे जी बुख मिटाइण वारो सवाब जो कमु कन्दुसि। अहिड़ो हो रहमदिल दयालू बालक कंवर।

पीउ माउ गुरूअ जी शेवा करण सन्दसि परम धर्म हो। माता पिता जो वचन सत-वचन करे पालीन्दा हुआ। गांयुनि सां कृष्ण कन्हैये वारी प्रीत वांगुर मधुर मुरली वजाए सभिनी खे रीझाए छडीन्दा हुआ। जीअं कृष्ण कन्हैये खे ग्वाल बाल एं गोपियूं वृन्दावन में मधुर मुरलीअ जी तान बुधी वकोड़े वेन्दा हुआ, तीअं कंवर जे इर्द गिर्द बि साथी संगी गडु थी वेन्दा हुआ। सन्त कंवर जो मखण चोर कृष्ण कन्हैये ते एं माता जसोता एं नन्दलाल ते गायल स्नेह वारे भजन में मुहिंजे अन्दाज़ में बयान कयल आहे।

श्री कृष्ण खे माता जगायो आ,
उथी करे जसोता राणीअ खां नन्दलाल मखण ऐं मिसिरी घुरनि था।

प्रातः समय मोहन मैया से हंस कर माखन मांगत है,
माखन खाय, नचे ब्रज मोहन मधुर तान सुनावत है.... चओ श्री राम।

अहिड़ी मधुर वाणीअ में 'चओ श्री राम' उचारीनि था जो बुधन्दे ई रग रग में राम रंग समाइजी वञे थो। डुध खीर मखण डियण वारियुनि भटारियुनि गार्युनि जी सेवा ऐं गऊशाला लाइ झोली फहिलाईन्दे भजन गाए दान घुरन्दा हुआ। जीव दया सन्दनि रग रग में समायल हुई।

कांगा डिजांइ कृष्ण खे पैग़ाम वेन्दे वेन्दे
बुख में मरन थियूं गांयूं घनश्याम वेन्दे वेन्दे
पूरो पंहिंजो न पाड़ियुइ अंजाम वेन्दे वेन्दे। (कवी पहलाज)

सुर संगीत में ईश्वर जे रूप खे पसियो, उन आराधना जो ई फल हो जो धणीअ जे सच्चे पांधीअड़े कंवर जे झोलीअ में जडहिं हिक दुखयारी माउ जिस्म जे चुरपुर खां महरूम बार खे विझी ममता जो वास्तो डिनो त फ़कीर दरवेश कंवर धणीअ खे बाडाईन्दे चयो- मालिक, तुंहिंजे नांअ ते बारड़े खे लोली थो डियां, महर कजांइ। ईश्वर पंहिंजे प्यारनि जी हमेशह पति रखी आहे। नंगी नंगपाल जो नाउ खणी जडहिं बारड़े खे लोली डिनी त बेजान बार जे शरीर में चुरपुर अची वेई। असीं जडहिं बि कंवर जी इहा लोली बुधन्दासीं त अजीब कैफियत तारी वञे थी। जडहिं कंवर जे मधुर वाणीअ मां बोल निकरनि था। कर्ता ऊआं ऊआं ऊआं ऊआं.... लोली डियां लाल नूं.... अखियुनि आडो साक्षात उहो दृश्य अचे वञे थो।

हिन्द सिन्ध जे बर्ख अदीब तीर्थ बसंत दरवेश कंवर ते जेका रचना रची, तंहिंजी अदबी मयार ऐं कंवर जे हयातीअ जा वर्क सच जा साखी बणिजी सिन्धी साहित्य जे अदबी तारीख़ जो यादगार ऐं अज़ीम दस्तावेज़ बणियो। कंवर जे जीवनीअ ते लेखक तीर्थ बसंत खे साल 1959 ई. में मर्कज़ी साहित्य अकादमीअ जे इनाम सां निवाज़ियो वियो। इहो इंसानियत जे पैग़म्बर जे आदर्शी जीवन जो ई हिक करिश्मो हो जो पहरियों भेरो बहतरीनि रचना तौर सिन्धी तख़्लीक़ खे शामिल करे तसलीमियत डिनी। उन रचना सिन्धी बोलीअ जे अदबी तारीख़ में सम्मानित रचना तौर शुभारम्भ कयो। अदबी तारीख़ में जडहिं बि ज़िक्र निकरंदो त उन पहिरिएं मयारी किताब जो नाउ गिन्हियो वेन्दो। हीउ किताब देहली सिन्धी अकादमीअ जे लिटररी कामेटीअ तरफ़ां इनाम-याफ़्तह साहित्य अकादमी किताब जो देवनागरीअ में नई पीढ़ीअ जे पढ़ण लाइ छपायो वियो आहे। मुंहिंजो सौभाग्य हो, जो मां लिटररी कामेटीअ जे

उन नेक कार्य सां वाबस्तह रहियासि। उनजे देवनागरी वारे कार्य में सुर्गवासी डॉ. मोहनलाल शर्मा जुड़ियल हुआ।

1940 ई. जे आसपास लेखक तीर्थ बसंत पंहिंजे पहरिएं मज़मून जे गुटके ''चिणिगूं'' में कंवर जे जीवन जो ज़िक्र कयो। सिन्धी अदबी बोर्ड इन किताब खे शाहकार दर्जो डुई साल जो बहतरीनि किताब मञी लेखक खे इनाम डियण जो इन्हीअ शर्त ते ऐलान कयो त उन कलम धणीअ खे पंहिंजे किताब में भरचंडीअ जे पीर बाबत (जेके भगुत कंवर जे कतल लाइ जवाबदार हुआ) तिन लाइ चयल उन्हनि कुझ सिटुनि खे हटाए। पर उसूल परस्त दोस्त हिक सिट त छा पर हिकु हर्फ़ बि उन लेख मां हटाइण जी गाल्हि न मञी (हवालो झमूं छुगाणी- डात धणी)

विरहाङे खां पोइ हैदराबाद जे दीवान दादा हरीसुन्दर जे अर्ज़ ते डात धणी तीर्थ बसंत भारत में अची अमर शहीद भगुत कंवरराम जे जीवनी कला ते किताब लिखियो।

प्रोफेसर कन्हैयालाल तलरेजा जे 1977ई. में शायइ थियल अमर शहीद कंवरराम ते लिखियल किताब में के यादगार तस्वीरूं ऐं सन्त जा हथ अखर डिनल आहिनि, जेके ख़तनि जे रूप में पंहिंजे प्रेमियुनि खे लिखिया हुआ। जंहिं श्रद्धालु श्री खेमचन्द मोतीराम जेठवाणीअ किताब छपायो, तंहिं डांहुं गुरुमुखीअ में लिखियल आहे, तर्जुमो बि डिनो वियो आहे। हिते ख़त जो कुछ हिस्सो ऐं (हथ अखर) फोटो कापी शामिल करे रही आहियां।

प्यारा सच्चे साहिब खे न विसारिणो आहे, मतां माया जे मौज में अची पंहिंजो धणी विसारे विहो। इहा खुशी पलक जी आहे, हमेशा सच्ची खुशी साईंअ जे नांअ में आहे, आखिर में गुलाम कंवर सां ख़त पूरो कयो आहे। उन ख़त जे झलक मां कंवर जे आदर्शी जीवन जो दर्शन करे सघिजे थो। हिन्दू चाहे मुस्लिम कंर बि दर ते सुवाली ईन्दो हो त कंवर झोली फैलाए उन्हनि जा दुख दूर करण लाइ मदद जो हथ डिघेरीन्दा हुआ, जिन इंसाननि में साक्षात ईश्वर पसण ईन्दो होनि।

से कीअं पिरीं पसनि कटर जिन अखियुनि में। (शाह)

कंवर खे त पिरीं पसिणां हो, इनकरे ज़ात पात जे वेछे ऐं कटर खां कांहा पर हर खुदा जे बन्दे जी मदद कन्दा हुआ। मन में सेवा भावना पोइ चाहे मन्दर टिकाणे जी सेवा हुजे या दीन दुखी मोमननि जी मदद करण वारी गाल्हि, जंहिंजी गवाही खुदि मोमन बुजुर्ग दानशवर अली अहमद ब्रोही कंवर जे जीवन की झलक

पेश कन्दे फर्मायो आहे त मुहिताजनि ऐं मुसलमाननि जी अक्सीरत हून्दी हुई। पंहिंज तहरीर में हू फर्माइनि था:

कंवर जे शादीअ जी तिथि बुधी वेई त टिन डींहंनि बइदि हिक शाहूकार कंवर खे कुवांर लाइ चार जोड़ा कपड़नि जा भरथ भरियल हिक बोस्कीअ जो थान साण करे खेंसि नज़राने तोर डुई वियो। भाई कंवर कपड़नि जी गंढि वठी घर में रखी छडी। शाम टाणे हिक मिस्कीन माई अची सन्दसि घर जो कड़ो खड़िकायो चे अबा, सुभाणे ईद आहे मूंखे बचनि लाइ नाहे कपिड़ो न लटो, आऊं बेवाही ग़रीब ज़ाल किथे वञी दर दर हथ टंगियां? भाई कंवर अन्दर वञी गंढि खणी अची बुढिड़ी माईअ जे हवाले कई। चे अमड़ि वठु पंहिंजी अमानत, मूं मुंहुं खां वठी सांढी, शुक्र थियो असली माल मालिकनि खे मिलियो। भाई कंवर भुलिजी बि पाण ते सख़ावत जो इल्ज़ाम मढ़जण न डिनो। हमेशा चवन्दो हो भाई मूं वटि आहे छा जो कंहिं खे डियां, डियण वारो डिए थो ऐं विच में आऊं अची ख़्वाहमख़्वाह फाथो आहियां। चिठी लिखन्दड़ु हिकिड़ो, चिठी वठन्दड़ु बियो, पर सरनामो हमेशा मुंहिंजो, मूं मार्फत फिरी मिले फलाणे खे।

कंवर जे जीवन जो दर्शन अहिड़ियुनि सचायुनि मां पसी सघिजे थो। अमर शहीद भगुत कंवरराम जे वंश जा भाती भारत जे मुख़्तलिफ़ शहरनि सतना, अमरावती, देहली, मुम्बई, कलकते ऐं अमेरीका में रिहाइश पज़ेर आहिनि। सन्त कंवरराम जे भाउ जाड़ाराम हिन फ़ानी दुनिया खे अलविदा करे ईश्वर जे चरणनि में वञी जाइ वरिती। कंवरराम जनि बु शादियूं कयूं। पहिरीं घर वारी काका बाई जंहिंमां सन्त साईं पेसूराम जनि जन्म वरितो, जिन इंसानी चोलो छडियो आहे। संदनि पुट मनोहरलाल, जशनलाल, नन्दलाल, सर्वानन्द ऐं जयकुमार आहिनि। धीअर भगुवन्ती ऐं कलावन्ती अमरावतीअ में आहिनि।

श्रीमद् भगुवत गीता जे टिएं अध्याअ में कर्मयोगी कृष्ण, अर्जुन खे ज्ञान डीन्दे श्लोक चोथें में चवनि था-

हे अर्जुन! रुगो कर्मनि न करण करे को उनखां आजो थी नथो सघे ऐं न त रुगो सन्यास (कर्मनि खे त्यागुण) करे ई को सिद्धीअ खे पाए थो।

इन्हीअ गीता जे ज्ञान जी पेरवी कन्दे ऐं पंहिंजे गुरूअ सन्त सतरामदास जे हुकम सां सन्त कंवरराम बी शादी कई। उन वक्त कंवर जी उम्र पंजेतालीह (45) साल ख़नु हुई। ब्री धर्मपत्नी पूज्य गंगाबाई जंहिंखे पुट जो औलाद न हो, बु धीअर

जायूं, हिक सुशीला बाई संदनि औलाद राजकुमार, दिलीपकुमार ऐं प्रमोदकुमार, राजकुमार देहलीअ में रहनि था। पृज्य गंगाबाईअ जी बी नियाणी ईश्वरी बाईअ खे सुनीलकुमार, अरुणकुमार ब पुट ऐं हिक धीअ जेका अमेरीका में रहन्दी आहे। सन्दनि बी घर वारीअ जो पंहिंजे भतार कंवर सां नवनि सालनि जो साथ रहियो। चोवंजाह सालनि जे जमार में हिन फ़ानी जहान खे अलविदा कयो।

सन्त कंवरराम जे कुटम्ब जे वंशावलीअ जो वण फलियल फुलियल ऐं अलग-अलग शहरनि में पखिड़यल आहे। सन्त कंवर जे नेक कार्यनि ऐं उसूलनि खे श्रद्धा सां वधाईन्दा पिया अचनि।

अमर शहीद भगतराम जे नांअ ते भारत जे कुण्ड कुड़िछ में आस्थान, धर्मशालाऊं, मन्दर, टिकाणा, रोड, कालोनियूं ऐं चौंकनि ते मूर्तियूं मौजूद आहिनि।

कंवर जे आवाज़ में सोज़ ऐं आलाप में ईश्वर जो नाउ। परमात्मा जो कंहिं अन्त न लधो आहे, ईश्वर बेअन्त आहे। अगर सचे मन सां आराधना कयूं था त कंहिं न कंहिं रूप में विज जे चिम्काट जियां नूर फहिलाए थो छडे। इन तरह कंवर जे जीवन जो दर्शन असां अजु बि करे सघूं था। मूं बि कयो, शायदि अव्हांखे विश्वास न अचे। मन में कएं वीचार उभिरनि। पंजवीहनि सालनि सां मथे अर्से खां आल इण्डिया रेडियो जे सिन्धी नसरयात तां रोज़ानो भगत कंवरराम जे सदाबहार आवाज़ सां प्रोग्राम जी शुरूआत कन्दा आहियूं। कंवर जे सुर संगीत जे मधुर आवाज़ जी गूंज हियांअ में हुरन्दी पेई आहे। कंहिं अमृत वेले ओचितो कननि में बुरण लगन्दो आहे- राम सिमर प्रभात मेरे मन.... जे जागीं तूं जागु न त सुम्हें अगेई घणो, घोरी निन्ड विञाए साड़े छडि सुम्हण खे.... महरवाण.... (कंवर जे आवाज़ में राम सिमर प्रभात गीत जी झलक)

कंवर जी जीवनी छपाईन्दड़ खेमचन्द मोतीराम जेठवाणी कंवर जे बारे में श्रद्धा पेश कन्दे चवनि था-

अमर शहीद कंवर में टिन अवतारनि जा गुण हुआ, कलजुग जे अवतार गुरू नानकदेव वांगुरु गोठ गोठ शहर शहर में भगिती ऐं नाम जो प्रचार कयाऊं। त्रेता युग में अवतार मर्यादा पुरुषोतम श्री रामचन्द्र वांगुर साईं कंवरराम मर्यादा जा स्वरूप हुआ। मर्यादा त को खांउनि सिखे! गुरू भगती ऐं मर्यादा मंझिनि भरपूर हुई। द्वारपुर युग में श्री कृष्ण जियां मधुर मुरली वजाए गोपियुनि ऐं ग्वालनि जी सुध बुध भुलाए खेनि खुशीअ में मस्त कन्दो हो। तीअं सन्त कंवरराम जे मुख जे मुरलीअ सां हज़ारनि खे भजन में मुगध ऐं मस्त कन्दा हुआ। सन्दनि आवाज़ एहो

बुलन्द हो जो मीलनि जे फ़ासले ते बुधण में ईन्दो हो। पाण भजुननि में भजुन रूप बणिजी वेन्दा हुआ। गीता जे पंजें अध्याअ जे डुहें श्लोक में चयल आहे

जेंको कमु, फल जी इच्छा छडे करे थो ऐं उन्हनि कर्मनि खे ब्रह्म जे अर्पण करे डिए थो ऐं उनखे जीअं कमल पत्र खे जल छुही नथो सघे, तीअं पाप पुत्र स्पर्श करे नथो सघे।

दरवेश कंवर फ़कीर निष्काम शेवा कई, फल जी चाहिना कडहिं कान कई, जंहिं शेवा जो पड़ाडो मुल्कां मुल्क पहुतो। हिन्दू चाहे मुसलमाननि में को भेद कोन रखियाऊं। असांजे समाज में आदि जुगाद खां माताउनि ऐं भेनरुनि खे सन्मान डियो वियो आहे। आला अख़्लाकी कदुर, भतार सां नींहुं निभा॒ण, निवड़त ऐं नियाज़, मारुअड़नि सां मुहबत, वफ़ा ऐं जफ़ा जो दरस डिनो वियो आहे, जीअं लतीफ़ साईंअ चयो आहे–

कान्ध न कंदियसि को बिओ खथीअड़ो ई खूब
मेरो ई महबूब असां मारू मन में। (शाह)

समाजी अख़्लाकी कदुरनि ज़िन्दगीअ जे आदर्शी उसूलनि सां निभाउ- सन्त कंवरराम जे जीवन जा अहम पहलू रहिया, जिन गुणनि जो वर्णन पंहिंजे कलाम- पतीअ जे प्रेम में हरदम गुज़ारण नारि खे घुरिजे... कंवर जे कलामनि खे बुधण सां ई असांजे ज़िन्दगीअ जे रहनमाईअ लाइ आदर्शी उसूल मिलन्दा। सन्दनि हिकिड़ो कलाम- कीअं विसारियां वर अदियूं मुंहिंजो हाल महरम यारु मुंहिंजो दिल जो महरम यार कीअं विसारियां वर अदियूं... कलामनि में रूहानियमत जा राज़ सागिए वक्त आम इंसाननि लाइ आदर्शी जीवन जा पैग़ाम बि नज़र ईन्दा। मर्द हुजे या औरत बिन्हीं लाइ उहोई पैग़ाम अख़्लाकी कदुरनि खे जीअ सां जोड़े रखण। जीअं शाह साईंअ फर्मायो आहे–

दिल जो दिलबर हेकड़ो, घणां तां न कजनि,
दिल बि डिजे हिक खे, चाहे सौ सिकनि,
से चिलविला चइजनि, जे दर दर लाईन दोस्ती। (शाह)

अजु असांजे समाज मां अख़्लाकी कदुर, ज़िन्दगीअ जा मुल्ह ऐं आदर्श पलांद छडाईन्दा पिया वञनि। मौजूदह दौर जी ज़हिनी पीड़ा, रिश्तनि में कसाउ ऐं छिकताण ऐं टुटण अख़्लाकी कदुरनि जे गिरावट जो ई नतीजो आहिनि। अग्नीअ खे साक्षी बणाए रिश्तनि जे अटूट बन्धननि में बधिजण जो अहद ता-ज़िन्दगी साथ निभाइण जो वचन, उन रिश्ते खे पवित्रता बख़्शे थो। माता पिता जो रिश्तो कुटम्ब

ख़ल्क थो, वंश खे अगि॒ते वधाए थो। अजु॒ जो इंसान जद॒हिं इन्हनि पवित्र रिश्तनि खे हल्कड़ाइप सां ॾि॒से थो त ॾु॒ख ॾो॒लावनि ऐं ज़हिनी पीड़ा जो सिलसिलो जुड़ी वञे थो। मन जे शान्तीअ लाइ बन्दो कथा कीर्तन जी ओट वठन्दे बि पाण खे ओपरो पाए थो। इंसान व्याकुल घारे थो, मेले में रही बि पाण खे अकेलो पाए थो। मन जो सुकून कोहां परे भ॒ज़ी वञे थो। मृग तृष्णा जियां बयाबान में वारीअ जे चिमकन्दड़ तिरवड़नि खे जल जी धारा भाएं भ्रम में तृष्णा रूपी प्यास बु॒झाइण विघे प्राण त्याग॒ थो। अजु॒ सचु हीणो थीन्दो पियो वञे, कूड़ु॒ थुल्हो मतारो।

जे न सुञाणनि सच खे वेहु म तिन्हीं वटि,

अमुल्ह खे अधु करे पाणां हणन्दा पटि,

वञी महर पिनु तिन्हीं वटि, जे पारखू पारस जा। (शाह)

अगर असांखे श्रद्धा आहे, प्यार ऐं मञुता आहे त असीं आदर्शी ज़िन्दगी ऐं अख़्लाकी कदुरनि जो पलांद पकड़े हलूं, जा ई असांजे दरवेश कंवर लाइ सच्ची अकीदत रहन्दी।

असांजे समाज में गा॒इण वजा॒इण वारनि खे घटि नज़र सां ॾि॒ठो वेन्दो हो, उन्हनि खे धोकड़ी, भट, मीरासी, मङतो, मङणहार, ख़ैरात घुरन्दड़ चवन्दा हुआ; पर कंवर संगीत खे ईश्वर भग॒तीअ जे रूप में ॾि॒ठो ऐं पेश कयो। पंहिंजे गा॒इण वारी कला खे ईश्वरी ॾा॒त, माता सरस्वतीअ जी देन भाएं, उनजी पूजा॒ आराधना कई। जा गा॒ए झोली फहिलाई सा दीन दुखियुनि जे दुख दर्द दूर करण लाए हुई। कंवर ते सूफ़ियाणो रंग वाह जो चढ़ियल हो। बेकस, बेदिल, बुले शाह, बहावल फ़कीर, शाह, सचल, सामी, सूफ़ी शाइरनि जा कलाम गा॒ता।

सिन्ध जा बुजुर्ग दानशवर अली अहमद ब्रोही जनि चवनि था- मूं न बीजल बु॒धो, न राइ दि॒याच ॾि॒ठो पर मूं हिक लखनि जो रांझो ज़रूर ॾि॒ठो ऐं बु॒धो। सुरीलो त्रि रम भरियो हो, सख़ी बि अहिड़ो जो ॾुई न पचारे, सो सिर ॾुई अब्दे हयात माणियाई, अहिड़ो माईअ जो लाल ऐं सिन्धुड़ीअ जो गइ ॾि॒याच हो। भाई कंवर मीरपुर माथलो तइलके जे हिक ब्राहण जरवारनि जो गा॒ठाणो मिस्कीन फ़कीर मनुष हट त्राणियो, मन्दसि इलमी लियाकत त पंजनि दर्जनि ऐं हटिके अखरनि जे सुञाणप ताईं महदूद हुइ पर अन्दर जो सोझिरो इलाही हुयसि, जंहिंजो जरको मन्दसि पेशानीअ में पियो बखन्दो हुयसि। ॾुख-वेख खां कोहां ॾू॒र कपड़े लटे में सादड़ो, गा॒ल्हि ब्रो॒ल्हि जो सब्रा॒झिड़ो, निमाणो ऐं कुर्बाइतो; बु॒ढा, जवान ऐं ब्रा॒र त छड़ि॒ अध उघाड़े पेनूं फ़कीर मां त्रि गा॒ल्हाईन्दो त ब॒ई हथ ब॒धी, ज॒णु हथ जोड़े माफ़ी वठी रहियो आहे।

असीं कंवर जे जीवन जो दर्शन हिन तख़्लीक मां बि पसी सघूं था। मूंखे जून 1998ई. जो उहो वक्त याद अचे थो जडहिं पहिरियों भेरो लखनऊ वञण थियो, जिते तइलीमदान ऐं सिन्धी गुलशन जे चीफ़-एडीटर मानवारे सजण श्री राधाकृष्ण आलमचन्दाणीअ पंहिंजो कीमती वक्त कढी मूंखे शिव शक्ति आश्रम जो दर्शन कराइण जो जसु खटियो, जिते न सिर्फ़ पूज्य साईं चांडूराम जा अमुल्ह वचन रेडियो तां रिकार्ड कया बल्कि बारड़नि ऐं सजे कुटम्ब सां बि घर जे भातियुनि जियां मिलायो। जंहिं कुटम्ब में न सिर्फ़ रत जे रिश्ते जा घर जा भाती शामिल हुआ पर बुढा आश्रम में रहन्दड़ माताउनि जो बि दर्शन करायो। मूं सन्त कंवर जे जीवन जे उन वक्त जो बि दर्शन कयो, जडहिं हिक बुजुर्ग अमड़ि पंहिंजे हीणे हाल ऐं नाचाक तबीयत जो हाल ओरण लगी। जंहिं निमाणाईअ निहठाई प्यार ऐं पाबोह मां पूज्य सन्त साईं चांडूराम जनि उन पीरसनि अमड़ि सां मिलिया, उनजे ग़मगीन ऐं मासूम चहिरे ते खुशीअ जी लहर शीतल चांडोकीअ जियां फहिलिजी वेई, जा पंहिंजे तप ऐं पीड़ा खे भुलिजी वेई। उन वक्त श्रद्धा ऐं प्रेम जे उन मन्ज़र पसण ते अखियुनि में नमी ऐं मुंहिंजे शरीर में प्रसन्नता जी लहर डोड़ी वेई। तंहिं वक्त शिव शान्ति आश्रम जे अडावत जो कम हली रहियो हो, ख़ाली मैदान हो। सन्तनि जे महिर सां अजु शानदार शिव शान्ति, सन्त सख़ी, बाबा आसूदाराम आश्रम आस्था जो प्रतीक (अलामत) बणियल आहे।

सन्त कंवर जे आदर्शी जीवन जा केतिरनि मोकनि ते नज़ारा नज़र आया, शिव शान्ति आश्रम में सख़ी बाबा आसूदाराम जे पवित्र याद में थियल महायज्ञ दौरान सन्त कंवर जे नाउ गिन्हण ते अथाह श्रद्धालुनि जे अन्बूह तरफ़ां ताड़ियुनि जी गड़गड़ाहट ऐं गूंज में नज़र आयो। बालकी हर्षा जे रहनुमाईअ में नन्ढिड़युनि नींगरियुनि जे अख़्लाकी कदुरनि जे मुल्हनि खे बचाए रखण वारनि मासूम वचननि में महसूस कयो। 10 नवम्बर 2002 ई. आरतवार ते दहलीअ में मारुई तरफ़ां अमर शहीद भगुत कंवरराम जे याद में तूं छपर तूं छांव प्रोग्राम में पूज्य सन्त साईं चांडूराम तरफ़ां कुर्ब भरिया कदम खणी कही अचण वारे उन्हनि जे पवित्र भावना में पसण वटां मिलिया, नन्ढ वडाईअ जे अना खां किनारो करे कीमती वक्त सीड़ाए साथ डिनो। डाक्टर सरोजनी, श्री सत्यानन्द सांवलाणीअ जे गायल भजन- ''सचो नाम कंवर, मिठो नाम कंवर, सिन्ध जो सन्त महान सचो नाम कंवर'' जे गीत जे गूंज में दर्शन थियो।

जे<u>डो</u> तुंहिंजो नाउं <u>बा</u>झ बि ओ<u>डि</u>याई मङांइ,
रे थंभें, रे थूणें तूं छपर तूं छांइ,
आउ कु<u>जा</u>ड़ो कहांइ, तोखे मालूम सभका। (शाह)

सिन्धी साहित्य में कंवर जो ज़िक्र- कंवर जे शख़्सियत ऐं नाउ जो ज़िक्र न सिर्फ सिन्धी साहित्य बल्कि संगीत कला ऐं मन्दरनि आस्थाननि, भ<u>गु</u>ति ऐं मेले में थीन्दो रहन्दो। पंडित आसकरण शर्मा ज<u>डु</u>हिं कंवर जो ज़िक्र कन्दो त गायकीअ जे पहलूअ खे खणी करे कन्दो। इन तरह सूरदास <u>गा</u>ईन्दड़ फ़नकार साधणीअ मीरां देवीअ सन्त कंवरराम फिल्म जा गीत <u>गा</u>ता आहिनि। मोसीकार सी. अर्जुन कंवरराम जे गायकीअ जे अन्दाज़ खे खणी करे मीरां देवीअ खां लोली रिकार्ड कराई आहे। मोसीकार सी. अर्जुन जो चवण हो त मीरां देवीअ मख़सूस अन्दाज़ ऐं श्रद्धा सां सन्त कंवरराम फिल्म जा गीत <u>गा</u>ता आहिनि। इन तरह आब्दा परवीन पंहिंजे आवाज़ ज़रीए कलाम में सदा बुलन्द कन्दे- नाले अलख जे <u>बे</u>ड़ो तार मुंहिंजो, सदिके धणीअ जे <u>बे</u>ड़ो तार मुंहिंजो.... कीअं रीझायां तोखे कीअं परचायां <u>डु</u>स को <u>डां</u>व, सन्त महात्माऊं पंहिंजे प्रवचन में, मज़मूनिगार ऐं शाइर पंहिंजे पंहिंजे <u>डा</u>त ऐं <u>डां</u>व ज़रीए पिया कंवर जो नाउ <u>गि</u>न्हंदा।

शहीद जे जुतीअ जो शान त <u>डि</u>सो-

चवनि था त सिन्ध जे सख़ी भ<u>गु</u>त कंवरराम जी जुती संदसि औलाद वटि महफ़ूज़ आहे, सफ़ा ताज़ी रखी आहे। शहीद जे जुतीअ जो शान त <u>डि</u>सो। ही इज़हार अदबी ज़ोक रखन्दड़ कामरेड मीर मुहम्मद टालपुर पंहिंजे किताब यादगीरयुनि जे सफ़र में कयो आहे। सन्त कंवर जे शहादत वारो बोछ्ण ऐं जुतीअ जी तस्वीर हिन मज़मून में शामिल आहे (तस्वीर में सन्त जे शहादत वारो बोछ्ण ऐं जुती <u>बु</u>ई नज़र अचनि था)।

कंवर जे आदर्शी जीवन कार्यनि जे इतिहास खे महफूज़ करण लाइ अमर शहीद सन्त कंवरराम मिशन शिव शान्ति सख़ी बाबा आसूदाराम आश्रम जे ज़ेर साये रूहानी रहबर पूज्य सन्त साईं चांडूराम जे आशीर्वाद सां उन नेक कार्य खे अ<u>गि</u>ते वधाइण लाइ शेवाधारी सेक्रेट्री सत्यानन्द सांवलाणी ऐं <u>बि</u>या प्रेमी उन सां जुड़ी रहिया आहिनि। देहलीअ में श्री राधाकृष्ण आलमचन्दाणी, श्री सांवलाणी ऐं डॉ. सरोजनीअ न सिर्फ़ मारुई तनज़ीम खे दस्तूरी तोर जोड़ियो पर आल इण्डिया रेडियो तें हली हिन्द-सिन्ध जे सिन्धियुनि खे उन मिशन सां जुड़ण जो स<u>डु</u> बि <u>डि</u>नो।

अमर शहीद सन्त कंवरराम पंहिंजे जीवन जी वा<u>गु</u> धणीअ जे हवाले करे

छडी त मालिक तूं जीअं हलाईन्दें तीअं हलिबो। मालिक जेका वाट कंवर खे डेखारी, तंहिं खेसि अमरता बख़्शे छडी। रहिड़कीअ में अमर शहीद कंवर जी डुवड़ी समाधी आहे।

वचन जा पक्का प्राण जाय पर वचन न जाय, जा गाल्हि संदनि हिन कदम मां बखूबी झलिके थी। इहे के किस्सा ऐं कहाणियूं न आहिनि पर जीवन जूं सचायूं आहिनि, जे वक्त बि वक्त केतरनि जे ज़बान ते ईन्दियूं रहियूं आहिनि। हिक वारी निहाल गोठ में पंचायतुनि कंवर जो प्रोग्राम रखियो। तिन डींहंनि अफ़रातफ़रीअ जो माहोल हो। फुरियूं, धाड़ा, हालांकि उन वक्त जी गाल्हि छडियो अजु बि सिन्ध सूरनि में आहे। फरियूं, धाड़ा, अग़वा, दहशतगरदीअ जूं कार्यवाहियूं, क़तल ग़ारत। जिन सिन्ध धरतीअ जे मिटीअ मां जन्म वरितो, तिनखे ई धरतीअ तां बेदख़ल करण जा कुधा करतूत कया पिया वञनि। हा, सो गाल्हि पिए कई निहाल गोठ जे हिन्दुनि मथां धाड़ा ऐं हमला शुरू थी विया। बद-अमनीअ जो माहोल हो। सन्त कंवर जे गोठ वारनि निहाल गोठ जे पंचायतियुनि खे मनह कई, अहिड़े माहोल में प्रोग्राम न कनि। बिए तरफ़ कंवरराम जी धर्मपत्नीअ जी तबीयत बि ख़राब हुई। निहाल गोठ वारनि चयो त असीं फैसिलो कंवरराम ते था छडियूं, जीअं वणेनि तीअं कनि। मुल्क जे हालतुनि जे मदे नज़र प्रोग्राम महमल कनि, भल न कनि। पर सन्त कंवर पंहिंजे इरादे ते अटल रहिया। पैंचनि खे फरमायाऊं- अबा, मनुष खे हिक ज़बान मिलयल आहे, इनकरे हू ज़बान मां हिक दफ़ो जेको वचन कढे उहो निभाए, बीअ हालति में बि ज़बानो लेखिबो। ब ज़बानूं नांग खे थीन्दियूं आहिनि ऐं इंसान जो सिर वञे त भलि वञे पर वचन निभाए। प्राण जाय पर वचन न जाय।

ज़िन्दगीअ जो पछाड़ीअ वारो प्रोग्राम मांझांद दरबार में कयाऊं, जिते मारू राग गाताऊं त सभिनी खे हैरानी लगी त अहिड़े मोके ते मारू राग! पर दरवेश कंवर खे पंहिंजे अन्तिम सफ़र जी जाण अन्दर जे रोशनीअ ज़रीए पइजी वेई। अजु बि जडहिं सन्दनि मारू राग- आउ कांगा करि गाल्हि मूंखे तिन मारूअड़नि जी... बुधिबो आहे त अनेक दृश्य अखियुनि आडो रक़्स करण लगन्दा।

वस्ते वाहण झोली फ़ैलाए, जो फ़कीर मेला खूब मचाईन्दो हो,
बार बुढा सुर साज़ ते सचाईंदो हो, राग रंग सुर आलाप,
जंहिंजी गूंज बणिजी, गोठ गोठ गूंजण लगो।

सो कंवर रुक में कुसिजी वियो,
भगत दरवेश रत में रङिजी वियो,

सूंहारी सिन्ध जे शहीदनि में थी शरीक,
हिन्द-सिन्ध में अमर सो कंवर थी वियो। (वीना)

हिज़ मास्टर वाईज़ कम्पनीअ जा लख थोरा जिन विरहाङे खां अगु रिकार्ड भरे इन अमुल्ह ख़ज़ाने खे महफ़ूज़ करे छडियो। मधुर सदाबहार आवाज़, सही तलफ़ुज़, बोलनि जी चिटाई। चैलेंज अख़बार जे एडीटर लछमणदास केसवाणी जिन कंवर जो दर्शन कयो हो, तिन जो चवण आहे त सखर में जडहिं रिकार्ड भरिया पिए विया, तडहिं हिज़ मास्टर वाईज़ कम्पनीअ वारनि हिक तजुर्बेकार इंजीनियर जर्मनीअ मां घुरायो, छाकाणि जो भगत कंवरराम जो आवाज़ एतिरो त बुलन्द हो जो कराचीअ में एच.एम.वी. कम्पनीअ जे कम कन्दड़ श्री वाधूलाल रिकार्डिंग करे न पिए सघिया, जंहिं करे जर्मन जो माहिर घुरायो वियो। भगत कंवरराम सा...रे...ग...म...पद...नीसा जे हिसाब सां कोन गाईन्दा हुआ, बल्कि कुदरती डात हुयनि, जर्मन माहिर काबिलयत सां रिकार्डंग जे नूडल जी बैलनसिंग कई ऐं सन्दनि आवाज़ बुधी खेनि दाद डिनो।

कंवर जे गायकीअ जे जादूअ सिन्ध में वडी हलचल मचाई। भगती संगीत, भगत ऐं लोक वर्से खे अरूज ते पहुचायो। हरहिक ज़बान ते कंवर जो नांउ ऐं लबनि ते वाह! वाह!! जंहिं मकबूलियत कंवर जे जान जो बखु वरितो। तईसब जे बाहि कंवर जे इंसानी चोले खे त साड़े छडियो पर अमरता मिटाए न सघी। 1 नवम्बर 1939 ई. ते शहादत जो जाम पीतो। हिन्दू चाहे मुसलमान अकीदत सां याद कनि था। जिन अखियुनि डिठो, तिन जो चवण आहे-

''मालूम इएं थीन्दो हो, जणु सन्दसि बिन्ही करायुनि में आज़ी ऐं आजिज़ी जूं हथकड़ियूं पहरियल हुयूं।''

आजज़ी सन्दसि आदत हुई त रागु सन्दसि इबादत हुई। नन्ढिड़े लाकू गाइण सां दिली लगाउ हुयसि जो वधन्दे वण वेड़ही थी सन्दसि रगु रगु खे वकोड़े मंझसि समाइजी वियो। गाइण डात आहे जंहिंखे डातर डिए, के पेट पूजा जो वसीलो वणाईनि त के पाकीज़ सौगात। भाई कंवर आलाप खे सच्चे साईअ जी सृख्रिड़ी जाणी खेसि भगवान जे भगतीअ लाइ अर्पण करे छडियो। भगत में पंहिंजे आलाप जी अब्तदा माईअ जे साराह सां कन्दो हो ऐं हमेशह पोएं असुर खां शुरू थी पिरह फुटीअ ताईं नचन्दो वतन्दो हो। सुर आसावारी ऐं प्रभाती संदसि दिल पसन्द सुर हुआ। असुर वेले उथी अलख ओरण जे स्वाद जो पतो उन्हनि खे बखूबी हून्दो। गाइण वक्त कंवर जी कैफियत डिसण वटां हून्दी हुई। आलाप खे अरूज ते आणे मस्त हाथीअ

जियां पियो नचन्दो हो झूमन्दो हो। सन्दसि नेणनि मां नीर वहन्दो हो। कंवर जी भगत हिक अवामी मेले जो डेख डीन्दी हुई (अली अहमद ब्रोही)।

जीअं मूं शुरूअ में अर्ज़ कयो हो त मधुर राग जे रूप में धणीअ जे उन सच्चे पांधीअड़े जो दर्शन कयो। उम्मीद करियां थी त अव्हांखे बि कंहिं न कंहिं रूप में उन सन्त जे आदर्शी जीवन जो दर्शन थियो हून्दो ऐं श्रद्धा आहे त अलग अलग झलकियुनि जे रूप में पसण वटां मिलियो हून्दो।

हिते मां हिक शिकारीअ जे जीवन जे हिक हादसे जो ज़िक्र कन्दयसि त शिकार न मिलण जे हालत में रात थियण ते थकल टुटल हिक बेल जे वण हेठां सुम्ही पियो। वण हेठां शिव लिंग हो। सुबूह जो निन्ड मां जडहिं उथियो त मथो वञी बेल सां टकिरायुसि, जंहिंकरे वण जा पन छिजी करे वञी शिव लिंग ते मथां किरिया। भोले भण्डारी शिव शंकर शिकारीअ ते राज़ी थी वियो। बिए तरफ़ शिकारीअ जे मन में बि फेरो अची वियो। शिकार तर्क करे शिव भगत बणिजी हिन भवसागर मां तरी पार पियो।

पंहिंजी नौकरीअ ख़ातिर मूं बि ज़ाण ऐं अणज़ाणाईअ में कंवर जे नाउ जो रोज़ ब भेरा माल्हा जो दाणो पिए फेरियो आहे। फ़र्ज़ अदाइगी करे धणीअ जे उन सच्चे पांधीअड़े जो आवाज़ कननि में बुरण सां अणज़ाण शिकारीअ जियां सन्त जे जीवन जे झलकियुनि जो दर्शन पिए करायो आहे। शायदि उनजे महर सां जीवन रूपी वण जे टारीअ मां के बूर जा कणा झोलीअ में अची किरिया, जो कंवरराम जे जीवन जे माणक मोतियुनि जे अथाह सागर मां को हिक माणक मोती हथि करण मुमकिन न आहे पर तूं छपर तूं छांअ पंहिंजे तख़्लीक में हीउ ब बोल उचारण जी सघ अता थी। सुधामे जी हीअ भेट कबूल पवे! अव्हांखे बि जीवन दर्शन जे सुहिणे सफ़र में कंवर जे मधुर आवाज़ में गायल कलाम ज़रीए हमसफ़र बणाए रही आहियां। थी सघे थो त अव्हांजे आडो बि आदर्शी जीवन जूं के झलकियूं उभिरी अचनि। चओ श्री राम!

(भगत कंवरराम जे सदाबहार आवाज़ में कलाम)

(अखिल भारत सिन्धी बोली साहित्य प्रचार सभा पारां सन्त कंवरराम ते सेमीनार वाराणसी 11-12-13 मार्च 2005 ई.)

-वीना श्रंगी

सी-84, इन्द्रपुरी, नई दिल्ली-12

फोन: 25826297, 25822582, मो. 9810728440

सन्त कंवरराम जा यादगार

-ज्ञान प्रकाश टेकचन्दाणी सरल

जेके इंसान पंहिंजी रहिणी कहिणीअ सां आम खां ख़ास थी वेन्दा आहिनि, उहे महापुरुष चवाईंदा आहिनि, अहिड़नि सत्पुरुषनि खे हमेशा याद रखियो वेन्दो आहे। सदाई याद रखण लाइ ''यादगार'' बणाइबा आहिनि। ''यादगार'' शख़्स, ख़ास में यकीन, प्रेम ऐं आस्था जी निशानी आहिनि।

सन्त कंवरराम सिक, सख़ावत, सेवा जी सूरत ऐं मेलाप जी मूरत हो। भगत कंवरराम पंहिंजे रहित सां जेके आदर्शी नमूना पेश कया, सिन्धियुनि सिन्ध तां हिन्द में कंवरराम जे कयल कमनि खे गूनागून यादगारनि ज़रीए पेश करे पंहिंजे प्रेम ऐं विश्वास जो इज़्हार कयो आहे। अहिड़्युनि आत्माउनि खे पहिरीं याद कन्दे थो वञे, जयन्तियूं, वर्सियूं मल्हाए ऐं श्राद्ध करे।

जयन्तियूं:

भारत में 12 जगहयुनि ते कंवरराम जा जन्म ड्रींहं मल्हाया वञनि था। महाराष्ट्र में 6 जगहयुनि ते; गुजरात, मध्यप्रदेश ऐं राजस्थान में ब्रिनि- ब्रिनि जगहयुनि ते।

महाराष्ट्र जा शहर आहिनि- अमरावती, अकोला, ओरंगाबाद, परभणी ऐं बेड़। मध्यप्रदेश में डबरा ऐं ग्वालियर। राजस्थान में अजमेर ऐं अलवर में जन्म ड्रींहुं मल्हायो थो वञे।

वर्सियूं:

सिन्धी जयन्तियुनि खां वर्सियूं वधीक था मल्हाइनि। सिन्धियुनि में वर्सियुनि मल्हाइण जो रवाज वधीक आहे। वर्सीअ ते महापुरुष जे कयल कमनि खे याद करे ब्रियनि खे प्रेरित थो कयो वञे। भारत में 63 जगहयुनि ते कंवरराम जूं वर्सियूं मल्हायूं थियूं वञनि।

सभ खां वधीक मध्यप्रदेश में 17, तंहिंखां पोइ राजस्थान में 11, गुजरात में 10, महाराष्ट्र में 9, उत्तरप्रदेश ऐं छतीसगढ़ में 6-6, देहलीअ में 3 ऐं पश्चिम बंगाल में 1।

मध्यप्रदेश जा शहर आहिनि- सतना, मुरार, इटारसी, ग्वालियर, मांडला, बालाघाट, दतिया, डबरा में 1-1, कटनी, इन्दौर, जबलपुर में 2-2 ऐं बैरागढ़ में 3 जगहियूं।

राजस्थान में कोटा, जोधपुर, अजमेर, बीकानेर, किशनग॒ढ़, भीलवाड़ा, किशनग॒ढ़ बास, तिजारा, जयपुर, ब्यावर ऐं आबूरोड।

गुजरात में अहमदाबाद, भावनगर, गांधीधाम, पालीताणा, नौसारी, बड़ोदा, झूनाग॒ढ़, जामनगर, राजकोट ऐं वेरावल।

महाराष्ट्र में जलगांव, नागपुर, उल्हासनगर, अकोला, पिम्परी, गोन्दिया, अहमदनगर, वर्धा ऐं थाचोरा।

छतीसग॒ढ़ में रायपुर, भाटापार, चकरभाटा, रायग॒ढ़, टिल्डा ऐं धमतरी।

उत्तरप्रदेश में लखनऊ, कानपुर, रायबरेली, फैज़ाबाद, मेरठ ऐं गोरखपुर।

देहलीअ में 3, पश्चिम बंगाल ऐं कलकते में हिक।

श्राद्धः

श्राद्ध कुल ब॒नि जग॒हयुनि ते कया वेन्दा आहिनि। छतीसग॒ढ़ सूबे जे भाटापाड़ा शहर ऐं उत्तरप्रदेश जे वाराणसी शहर में हिक हिक श्राद्ध कयो वेन्दो आहे।

जयन्तियूं, वर्सियूं, श्राद्ध त उन्हनि ख़ास एराज़ियुनि में था थियनि, पर पको पुख़्तो यादगार जो नमूनो आहे पुतला। शहरनि जे चौंकनि ते सन्त कंवरराम जा पुतला बीहारिया वञनि था। पुतलनि ज़रीए न रुगो॒ सिन्धियुनि खे पंहिंजो महापुरुष ध्यान थो छिकाए पर ग़ैर सिन्धियुनि में जिज्ञासा पिण आणे थो त हीउ पुतिलो कंहिंजो आहे ऐं जिज्ञासु सन्त बाबति ज॒ाण हासिल करे थो।

पुतलाः

कुल 34 पुतला हेलताईं सजे॒ हिन्दुस्तान जे कुण्डकुड़छ में बीहारिया विया आहिनि। इन्हनि में उन्हनि जी ग॒णप शामिल न आहे, जेके चौंकनि खां सवाइ तइलीमी इदारनि, धर्मशालाउनि वग़ेरह में बीहारिया विया आहिनि।

महाराष्ट्र में सभिनी खां वधीक 8, उन बइदि मध्यप्रदेश में 7, गुजरात ऐं राजस्थान में 6-6, उत्तरप्रदेश में 4, देहलीअ, कलकते ऐं छतीसग॒ढ़ में हिक हिक।

महाराष्ट्र सूबे में अमरावती, जलगांव, नागपुर, उल्हासनगर, अकोला, यवतमाल, भूसावल ऐं हिंगन घाट में।

अखण्ड मध्यप्रदेश में 8 पुतला हुआ पर छतीसग॒ढ़ मध्यप्रदेश खां जुदा थी वञण सबबि हाणे छतीसग॒ढ़ जे रायपुर में हिक पुतलो वञण सबबि मध्यप्रदेश में रहिजी विया 7 पुतला। उहे शहर आहिनिः कटनी, सतना, इन्दौर, जबलपुर, ग्वालियर, भोपाल ऐं बैरागढ।

गुजरात सूबे जे अहमदाबाद, भावनगर, गांधीधाम, पालीताणा, बड़ोदा ऐं जामनगर शहरनि में।

राजस्थान सूबे में कोटा, जोधपुर, बीकानेर, किशनगढ़, किशनगढ़ बास ऐं ब्यावर में पुतला आहिनि।

उत्तरप्रदेश जी राजधानी लखनऊ, व्यापारिक मर्कज़ कानपुर खां सवाइ शिव जी नगरी वाराणसी ऐं त्रिवेणी जे रूप में वसियल इलाहाबाद में बि पुतला बीहारिया विया आहिनि।

देहली ऐं बंगला जे कलकते में हिक हिक पुतलो लगल आहे।

दरबारियूं:

सन्त कंवरराम जे नाले ते हिन्दुस्तान जे 8 सूबनि में 43 दरबारियूं ठहियल आहिनि, जंहिंजी हेल ताईं गणप थी चुकी आहे।

महाराष्ट्र में 11, गुजरात में 8, मध्यप्रदेश में 9, राजस्थान में 7, उत्तरप्रदेश में 5, छतीसगढ़, देहली, पश्चिम बंगाल में हिक हिक।

महाराष्ट्र सूबे जा शहर आहिनि- अमरावती, नागपुर, जलगांव, अकोला, गोन्दिया, ओरंगाबाद, यवतमाल, परपनी, जालना, अहमदनगर ऐं बेड़।

गुजरात में अहमदाबाद, भावनगर, गांधीधाम, पालीताणा, जेतपुर, बड़ोदा, जामनगर ऐं वेरावल।

राजस्थान में कोटा, बीकानेर, किशनगढ़ बास, तिजारा, जयपुर, ब्यावर ऐं आबूरोड।

मध्यप्रदेश में इन्दौर, सतना, जबलपुर, मुरार, इटारसी, ग्वालियर, दतिया, भोपाल ऐं बैरागढ़।

उत्तरप्रदेश में लखनऊ, वाराणसी, कानपुर, फैज़ाबाद ऐं मोठ। इन खां सवाइ छतीसगढ़, देहली ऐं पश्चिम बंगाल जे कोलकता में हिक हिक।

प्याऊ :

असां सिन्धियुनि सन्त खे रुगो जयन्तियुनि, वर्सियुनि ताईं महदूद न रखियो आहे पर समाज खे इहो बुधायो आहे त सन्त कंवरराम उञायल इंसाननि जी उञ मिटाइण लाइ बि फिक्रमन्द रहन्दो हो।

अजु हिन्दुस्तान में किन शहरनि, गोठनि में सिन्धियुनि पाणीअ जा आम जगहयुनि ते मट रखिया आहिनि। प्याऊ खोलाया आहिनि, थधे पाणीअ जूं मशीनियूं

लग̠ारायूं अथऊं। इहे सभु कम सन्त कंवरराम जे नाले ब̠ियनि ग़ैर सिन्धियुनि जो पंहिंजे हिन सन्त ड̠ांहं ध्यान छिकाइनि था।

महाराष्ट्र में 5, राजस्थान में 5, गुजरात, मध्यप्रदेश, उत्तरप्रदेश में हिक हिक प्याऊ हली रहियो आहे। इएं सिन्धी भाउर प्याऊ त घणाई हलाइनि पिया पर जेके सन्त जे नाले सदिको थियनि, सन्त जो नालो रोशन कनि, से आहिनि सिर्फ ।। ।

महाराष्ट्र जे अमरावती, पिम्परी, यवतमाल, वर्धा ऐं बेड़ में।

राजस्थान जे कोटा, बीकानेर, ब्यावर, अजमेर; गुजरात जे बड़ोदा में हिक, मध्यप्रदेश जे इटारसी में हिक, उत्तरप्रदेश जे रायबरेली शहर में हिक प्याऊ हली रहियो आहे।

अस्पतालूं :

बीमारनि जे इलाज वास्ते सन्त जे नाले ते सिन्धियुनि अस्पतालूं बि घणेई खोलियूं आहिनि। राजस्थान ऐं महाराष्ट्र हिन सेवा में सभिनी खां अग̠िरा आहिनि।

राजस्थान, महाराष्ट्र में 2-2, मध्यप्रदेश जे इन्दौर ऐं छतीसग̠ढ़ जे रायपुर में हिक हिक अस्पताल आहे।

धर्मशालाऊं :

भारत में सिन्धियुनि धर्मशालाऊं ठहिरायूं आहिनि। 52 धर्मशालाऊं सन्त जो नालो रोशन करे रहियूं आहिनि।

राजस्थान में 16, महाराष्ट्र में 13, उत्तरप्रदेश ऐं गुजरात में 6-6, मध्यप्रदेश में 5, छतीसग̠ढ़ में 4, देहलीअ ऐं पश्चिम बंगाल में 1-1।

राजस्थान में इहे शहर आहिनि- कोटा, अजमेर, जोधपुर, बीकानेर, किशनग̠ढ़, भीलवाड़ा, किशनग̠ढ़ बास, अलवर, उदयपुर, बून्दी, तिजारा, जयपुर, पुष्कर, ब्यावर, हनुमानग̠ढ़ ऐं नसीराबाद।

महाराष्ट्र में जलगांव, नागपुर, उल्हासनगर, अकोला, पिम्परी, ओरंगाबाद, यवतमाल, अहमदनगर, वर्धा, हिंगन घाट, बेड़ में 1-1 ऐं अमरावतीअ में 2 ।

उत्तरप्रदेश में लखनऊ, वाराणसी, कानपुर, फ़ैज़ाबाद, बांधा ऐं मऊ।

गुजरात में अहमाबाद, भावनगर, गांधीधाम, मेहसाणा, बड़ोदा ऐं नड़ियाद।

मध्यप्रदेश में कटनी, जबलपुर, मुरार, इटारसी, ग्वालियर।

छतीसग̠ढ़ में चकरभाटा, रायग̠ढ़ में 1-1, रायपुर में 2, देहली में 1, पश्चिम बंगाल जे कोलकता में हिक धर्मशाला सन्त जे नाले खे औज ते रसाए रहियूं आहिनि।

"विद्या ददाति विनयम" मतलब त विद्या निवड़त सेखारीन्दी आहे। सन्त कंवरराम निवड़त जी मूरत हो। निवड़त मिलन्दी आहे इल्मी इदारनि मां। त भला इहाई सूरत छो पोइते रहिजी वञे।

भारत में 11 विद्यालय खोले सन्त कंवरराम जे निवड़त जो पैग़ाम पहुचाइण जो कमु सिन्धियुनि कयो आहे। महाराष्ट्र में हिक, गुजरात ऐं मध्यप्रदेश में ब॒-ब॒, राजस्थान ऐं उत्तरप्रदेश में टे-टे। इहे कहिड़े दर्जे जा आहिनि प्राईमरी, स्कूल या कालेज, इहा ज॒ाण हासिल न थी सघी आहे।

अजमेर में शानदार शाही बिल्डिंग में 12 दर्जे ताईं सी. सै. स्कूल हली रहियो आहे, 700 शागिर्द पढ़ंदा आहिनि।

महाराष्ट्र में अमरावती; गुजरात में भावनगर, आदीपुर; मध्यप्रदेश में सतना ऐं डबरा; राजस्थान में कोटा, अजमेर, उदयपुर; उत्तरप्रदेश में रायबरेली, कानपुर ऐं आगरा में इल्मी इदारा हलनि पिया।

संगीत जो आधार राग॒ु आहे। राग॒ु सन्त कंवरराम जो जियापो हो। राग॒ु आहे त संगीत आहे। सिन्धी संगीत जिते आहे, उते सन्त कंवर आहे ई आहे। कंवर जी हकल कोहनि मैलनि खां ब॒ुधी इश्क जी सुरत पीअण लाइ सिन्ध जे ग॒ोठनि में हिन्दू हुजनि या मोमन सभेई दीवाननि जियां भग॒तियुनि में पहुची वेन्दा हुआ।

संगीत कंवर नाले हिक इदारो आदीपुर में आहे, जंहिंखे श्री लखमी खिलाणी संचालित करे देश ऐं विदेश में सन्त जो नालो रोशन करे रहियो आहे।

होशंगाबाद में हिक मैरेज ब्यूरो बि हली रहियो आहे।

सज॒े भारत में 83 शहरनि जा 106 इदारा "अमर शहीद सन्त कंवरराम मिशन" शिव शान्ति सन्त आसूदाराम आश्रम, लखनऊ सां जुड़ियल आहिनि, जिनजी सूचना जे आधार ते हीअ ज॒ाण पेश कई वेई आहे।

-ज्ञान प्रकाश टेकचन्दाणी 'सरल'
16/4, रामनगर कॉलोनी, फैज़ाबाद
फोन: (05278) 24634, मो. 9413116099

अखिल भारत सिन्धी ॿोली ऐं साहित प्रचार सभा जो योगदान

- रीटा शहाणी

हिन सदीअ जे विच धारे सिन्धी जाती, सियासत जो कुझ अहिड़ो शिकार बणी जो हुन लाइ पंहिंजो वजूद बचाइण मुश्किल थी पियो। भारत खे आज़ादी छा मिली, सिन्ध जे हिन्दुनि खे पंहिंजी जान ऐं इज़्ज़त बचाइण ख़ातिर पंहिंजो वतन छॾिणो पियो ऐं इहो इतिहास जो हिक दर्दनाक वाक्यो बणिजी पियो। सदीअ जो पहरियों अधु, हुननि जो वक्त पंहिंजे ऐं पंहिंजे परिवार खे नएं-सिर नईं धरतीअ में खोड़ण में वकफ़ थी वियो। ज़ाहिर आहे त उन जदोजहद में आम सिन्धीअ जो पंहिंजी ॿोली, संस्कृति ऐं साहित तरफ़ ध्यान घटि वियो। इहो बि सचु आहे त पंहिंजे ज़मीन तां उखिड़ियल जातीअ थोरे अरसे में पंहिंजी महिनत, ॿुधी ऐं वापार कोशल सां जीअं ऐं जहिड़ी तरक्की कई, उहो संसार में पंहिंजे लेखे हिक मिसाल बणिजी पियो। उन द्वारा के ॻाण ॻणिया ज़हिनी अॻुवान बि पैदा थिया, जिनजो पंहिंजी ॿोली ऐं साहित लाइ हड्ॾु कुरकियो। हुननि उनखे बचाइण ख़ातिर के यतन कया। हकीकत में सिन्धी समाज जो हिकिड़ो तबको पंहिंजी ॿोली ऐं साहित सां सचार रहियो। किन साहित्यकारनि गॾिजी के साबित कदम खंया ऐं सिन्धी अदब जे झण्डे खे झुकण न ॾिनो। के मण्डल, सभाऊं ऐं संस्थाऊं बर्पा थियण लॻियूं, जिनजो कार्य ऐतिहासिक बणिजी पियो।

अहिड़ी पहिरीं संस्था 1959 ई. में सिन्धी सहित मण्डल जे नाले सां मुम्बई में प्रो. मंघाराम मलकाणीअ जे सरपरस्तीअ हेठि बर्पा थी। भारत जे भिन्न-भिन्न जॻहयुनि ते पिण मकानी लेवल ते अहड़ियूं सभाऊं ठहण लॻियूं। पूने, लखनऊ, देहली, आगरा, अजमेर ऐं ॿियनि आस्थननि ते सिन्धी साहित्य सभाऊं थियूं ऐं पंहिंजे नमूने सां कम करण लॻियूं। अखिल भारती सतह ते जिन संस्थाउनि जो निर्माण थियो, उन्हनि साहित जे मैदान में अॻिते हली चुरपुर आन्दी ऐं समूरे देश जे लेखकनि ऐं कलाकारनि लाइ हिकु मंच तैयार कयो। हिन ॾस में अखिल भारत सिन्धी ॿोली ऐं साहित प्रचार सभा जो पंहिंजो ऐतिहासिक योगदान रहियो आहे। हूअ टेकचन्द मस्त जे बरजस्ती रहबरीअ में काम्याबीअ सां तर्कड़ियूं विखूं वधाए रही आहे। बर्ख शाइर अर्जुन शाद जे शब्दनि में "जिते ॿियूं साहित्यिक संस्थाऊं टीहनि सालनि जे अर्से में कम न करे सघियूं, उते हिन सभा ॾहनि सालनि जे नन्ढिड़े अर्से में घणो कमु करे ॾेखारियो आहे।" हिन सभा यारहनि सालनि में सोरहां सफल साहित्यिक

सेमीनार कया, कॉलेजी शागर्दनि लाइ इनामी चटाभेटियूं रखियूं, अनेक मुशाइरनि जो आयोजन कयो ऐं दूरदर्शन ते केतिरा प्रोग्राम पेश कया। खंनि सेन्ट्रल हिन्दी डायरेक्टोरेट, गुजरात साहित अकादमी, आकाशवाणी, दूरदर्शन वग़ेरह जो वक्त बि वक्त भरपूर साथ मिलन्दो पिए रहियो।

गुज़रियल ड॒हनि सालनि में प्रचार सभा जे कार्यक्रमनि (दूरदर्शन ऐं रेडियो जे प्रोग्रामनि खे छड॒े) जी रूपरेखा मां पेश करे रही आहियां, जेका सभा जे कार्यकुशलता ऐं इंतजाम ते रोशनी विझन्दी :

(1) 2 फरवरी 1986- सिन्धी मुशाइरो, अहमदाबाद- अखिल भारत सतह ते शाइरनि ज़ी शिरकत।

(2) 26-27 सेप्टम्बर 1986- साहित सेमीनार, लोलावाला- हिन्दुस्तान जे 62 साहित्यकारनि भाग॒ वरितो।

(3) 29-30 मार्च 1987- मुम्बईअ में सिन्धु नगर ऐं साहित सेमीनार- सी.एच.डी. जे सहकार सां।

(4) 30 आगस्ट 1987- तइलीमी कांफ्रन्स, पिम्परी पूना।

(5) 11 अक्टूबर 1988- ''सिन्धी ब॒ोलीअ जो आईंदो'' इनामी चटाभेटी, माहिम, मुम्बई।

(6) 15-16 अप्रेल 1989 - सिन्धी यूनिवर्सिटी ते सेमीनार, लोनावाला- सी.एच.डी. जे सहकार सां।

(7) 26-27 आगस्ट 1990- पत्रकारनि जा मसइला, सेमीनार, हरिद्वार।

(8) 25-26 नवम्बर 1990- अमदाबाद में सेमीनार- मुशाइरो ऐं कलचरल प्रोग्राम- गुजरात सिन्धी अकादमी जे सहयोग सां।

(9) 26 जनवरी 1991- कालेजी शागिर्दनि जी इनामी चटाभेटी- आर. के. तलेरजा, उल्हासनगर।

(10) 2 मार्च 1991- सेमीनार ''सिन्धी साहित नें माठाई'', होटल पार्क लेन, दादर।

(11) 25 अप्रेल 1991- साहित्यकारनि जी गदि॒जाणी' होटल पार्क लेन, दादर

(12) 6-7 जुलाइ 1991- सिन्धी एकवीहीं सदीअ में, लोनावाला साहित्यक सेमीनार।

(13) 29-30 मार्च 1992- 'ट्रेडीशन एण्ड माडरेन्सी इन सिन्धी लिटरेचर' नासिक में।

(14) 5 मार्च 1992- इन्टर कॉलेज इनामी चटाभेटी, उल्हासनगर।

फरवरी 1993 खां वठी प्रचार सभा, सिन्धी साहित्यकारनि जे साहित्यिक योगदान खे वठी सेमीनारनि जो सिलसिलो शुरू कयो आहे, जंहिंखे चङी ख़ास सफलता मिली आहे:

(1) 27-28 फरवरी 1993- साहित्यिक ऐं तइलीमी सेमीनार, लोनावा॒ला जे मोके ते कवी इन्द्र भोजु॒वाणी ऐं मोहन कल्पना जे योगदान ते पेपर पढ़िया विया। पेपर पढ़ंदड़: हरिकांत ऐं प्रोफेसर हीरो शेवकाणी।

(2) 5 सेप्टम्बर 1993- पोपटी हीरानन्दाणी जो साहित्यिक योगदान, मुम्बई। पेपर पेश कन्दड़: डाक्टर नारायण भारती, रीटा शहाणी ऐं श्री जगु॒दीश लछाणी।

(3) 30-31 आक्टोबर 1993- हरि मोटवाणी जो साहित्यिक योगदान- पेपर पेश कन्दड़: डाक्टर मोतीलाल जोतवाणी, श्याम जयसिंघाणी, श्रीमती इन्द्रा वासवाणी।

(4) 6 फरवरी 1994- प्रोफेसर राम पंजवाणीअ जो साहित्यिक योगदान- पेपर पेश कन्दड़: डॉ. बु॒लदेव मटलाणी, डॉ. कमला गोकलाणी ऐं ठाकुर चावला।

(5) 27 सेप्टम्बर 1994- प्रोफेसर मंघाराम मल्काणीअ जो साहित्यिक योगदान, मुम्बई। पेपर पेश कन्दड़: रीटा शहाणी, श्री जगु॒दीश लछाणी, लक्ष्मण भम्भाणी।

(6) 11-12 मार्च 1995- प्रभू वफ़ा जो साहित्यिक योगदान, लोनावाला। पेपर पेश कन्दड़: हरि दिलगीर, डॉ. बु॒लदेव गाजरा, वासदेव निर्मल।

(7) 11 जून 1995- रीटा शहाणीअ जो साहित्यिक योगदान, अहमदाबाद।

पेपर पेश कन्दड़: हरि दिलगीर, महताब महबूब, डॉ. कन्हैयालाल लेखवाणी, जयन्त रेलवाणी।

(8) 10 दिसम्बर 1995- वासदेव निर्मल जो साहित्यिक योगदान, मुम्बई। पेपर पेश कन्दड़: पोपटी हीरानन्दाणी, डॉ. कमला गोकलाणी ऐं प्रभु वफ़ा।

(9) 2-3 मार्च 1996- अर्जुन हासिद जो साहित्यिक योगदान, हरिद्वार। पेपर पेश कन्दड़: रीटा शहाणी, डॉ. कमला गोकलाणी, ॼेठो लालवाणी।

तंहिं खांसवाइ जॾहिं जॾहिं ॿिन ॾींहंनि जो प्रोग्राम रिथियो वियो, हिक ॿिए विषय ते बि सेमीनार कयो वियो। जहिड़ोकि:

फरवरी 1993- तइलीमी सेमीनार, लोनावाला में।

आक्टोबर 1993- आडियो वीडियो कलचरल में साहित्य जी ज़रूरत, उल्हासनगर।

मार्च 1995 में- अख़बार नवीसीअ ते सेमीनार, लोनावाला।

मार्च 1996- सिन्धी एकवीहीं सदीअ में, हरिद्वार।

25 जून 1995- 'सिन्धियुनि में एकता ऐं सुरक्षा' विषय ते साहित्यिक सेमीनार उल्हासनगर में रखियो वियो।

मथे ॾिनल सूचीअ मां प्रचार सभा जे सरगर्मियुनि जी भलीअ भित ॼाण पवे थी त कीअं सभा जा बानीकार पंहिंजे मक्सद खे हासिल करण लाइ पाण पतोड़े रहिया आहिनि। हू सिन्धी साहित्यकार खे हिक मंच ते गॾु करण ऐं हुननि जे कला खे ज़िन्दह रखण जी कोशशि में सभु हीला वसीला हलाए रहिया आहिनि। हयात अदीबनि जे योगदान ते सेमीनार सॾाइण जी हिन वक्त पंहिंजी अहमियत आहे। सिन्धी अदब में पाठक अदम मौजूद आहिनि। हुननि खे पढ़ण वारा ॿिया लेखक। लेखक ई असांजा पाठक आहिनि ऐं उहे ई लेखक पाण पंहिंजे रचनात्मक दुनिया में मायूस ऐं निरास आहिनि। जेको लेखक पाण पंहिंजी सुञाणप बरकरार रखण लाइ जदोजहद करे रहियो हून्दो, सो ॿियनि जी परख ऐं कदुर छा ऐं कीअं कन्दो? इनकरे अॼु जो लेखक फिरस्टेरेशन जो शिकार आहे। हू ॿियनि मथां कदुर दानी न त घटि में घटि कंहिं किस्म जी रदअमल जी उम्मीद रखे थो, पर इहा बि हुनखे नथी मिले। पाठकनि जे अदम मौजूदगीअ सबबि हुनजे तख़्लीकी दुनिया में हिक ख़ाल आहे, इहो ख़ाल कीअं भरिजे? सभा पारां अहिड़नि सेमीनारनि जे आयोजन सां इहो कम कंहिं हद ताईं सरअंजाम थी रहियो आहे। हा, साहित्यकारनि

ऐं पेपर लिखन्दड़ जे चूंड जो सही हुजण निहायत ई अहम आहे। इहा चूंड कीहिं खे त करिणी आहे। उन विषय ते ख़्यालात जो इख़्तलाफ़ थी सघे थो, पर इहो इख़्तलाफ़ खुदि पाण में सिहत जी निशानी आहे।

हरहिक खे पंहिंजे नज़रियो ऐं वीचार रखण जो हक आहे, पर मुंहिंजे वीचार मूजिबि लेखक जो उत्साह काइम रखण ऐं हुनजे बेजान रचनात्मक जीवन में जान फूकण, हिन वक्त जी अहम तरीन तकाज़ा आहे, जेको कम प्रचार सभा करण जी कोशिशि करे रही आहे।

गंभीर माहोल में जडुहिं आलम, लेखक जे साम्हूं संदसि रचनाउनि जी ओख डोख कनि था, साराह जे शब्दनि सां गडु नुक्तचीनी बि कनि था त हू पाण खे पंहिंजे रचनाउनि खे ख़ारजी नज़र सां डिसे थो ऐं अगि॒ते हली वधीक ऐं बहतर लिखण जी प्रेरणा मिले थी।

वर्ना यकीन करियो, सेमीनार सडा॒इण सवली गा॒ल्हि नाहे। अजु॒ जे भजु॒-भजां॒ वारी ज़िन्दगीअ में हरिको मसरूफ़ आहे। सभिनी खे नींडू मोकिलण, पेपर लिखण वारनि खे वरी वरी रिमाईंडर मोकिलण, रिहायश ऐं खाधे पीते जो मुकमल बन्दोबस्त करण, सेमीनार जी कार्यवाहीअ खे इंतजाम सां हलाइण, सेमीनार जो अदब काइम रखण, ख़र्च खे संभालण, हरहिक जे वस जी गा॒ल्हि कान्हे। लगे॒ इएं थो त सभा जा बानीकार इहो सभु करे करे, इन्हनि गा॒ल्हियुनि में माहिर थी विया आहिनि। इहो बि सचु आहे त टेकचन्द मस्त खे पंहिंजनि बि॒यनि साथियुनि आनन्द आहूजा, चन्द्रू हीराणी, नन्दलाल राजपाल, विनोद बाखरू, जे॒ठो लालवाणी, हून्दराज बलवाणी, चन्द्र सांवनाणी, श्याम रामरख्याणी ऐं मिर्चू मिस्कीन वटां भरपूर सहकार मिली रहियो आहे।

श्रीमती रीटा शहाणीअ जे 1996 ई. में लिखयल लेख बइदि सभा तरफां प्रोग्रामनि जो सिलसिलो जारी रखन्दे:

28 जनवरी 1996 ते शहीद दुनीचन्द कालाणी एडयूकेशन कालेज में 13 इंटर कालेज इनामी तकरीर चटाभेटी रखी वेई। विषय हुई 'दूरदर्शन प्रोग्रामनि जो शागिर्दनि जे पढ़ाईअ ऐं अख़्लाक ते असर।' हिन चटाभेटीअ में शागिर्दनि सरगरम बहिरो वरितो, खेनि 5 हज़ार रुपयनि जी शील्ड ऐं रोक इनाम ऐं सूखड़ि॒यूं डि॒नियूं वेयूं।

27-28 आक्टोबर 1996- नेशनल काउंसिल फार प्रोमोशन ऑफ सिन्धी लेंगवेज बड़ोदा मिनस्टरी आफ एडयूकेशन भारत सरकार जे सहकार सां लोनावाला

में बि॒न डीं॒हंनि जो साहित्यिक सेमीनार रखियो वियो, जंहिंजी विषय हुई 'सिन्धि युनि जो बि॒यनि बो॒लियुनि में साहित्यिक योगदान' मयारी मकाला लिखन्दड़ हुआ, डॉ. मोतीलाल जोतवाणी, डॉ. मुरलीधर जेटली, डॉ. कमला गोकलाणी, प्रो. लक्ष्मण हरदवाणी, लक्ष्मण भम्भाणी ऐं जयंत रेलवाणी।

12 जनवरी 1997: सिन्धु नगर बर्ख साहितकार, पत्रकार, डॉ. नारायण भारतीअ जे साहित्यिक योगदान ते साहित्यिक सेमीनार सिन्धूनगर जे गिलइमोर होटल में रखियो वियो, जंहिंमें श्रीमती रीटा शहाणी ऐं डॉ. परसो गिदवाणीअ पंहिंजा मयारी मकाला पढ़िया। हिन मोके ते मर्कज़ी साहित्य अकादमीअ तरफां इनाम हासिल कन्दड़ श्री लख्मी खिलाणीअ जो सनमान कयो वियो।

10 फरवरी 1997: सिन्धूनगर जे चांदी बा॒ई कालेज में हिन्दुस्तान जे जुदा जुदा शहरनि में सिन्धी तइलीम जो जाइज़ो वठण लाइ तइलीम कांफ्रन्स सडा॒ई वेई, जंहिंमें बा॒हिरां आयल ऐं सिन्धूनगर जे केतिरनि ई प्रिन्सीपालनि ऐं साहित्यकारनि भाग॒ वरितो।

15 मार्च 1997: सभा जो 12 सालियानो उत्सव नईं मुम्बई वाशी में धामधूम सां मल्हायो वियो। संगीत ऐं नृत्य जे प्रोग्राम में कलाकारनि हाज़िरीन खे झूमाए छदि॒यो। हिन मोके ते बर्ख संगीत कलाकारनि श्रीमती किशू शंकर हरीरामाणी, काजल केवलरामाणी, रमेश राजपाल ऐं कुमारी लता भग॒ताणी जो कला क्षेत्र में कयल कार्य लाइ शानदार ट्राफी ऐं शालुनि सां सनमान कयो वियो। साहितक क्षेत्र लाइ श्री टेकचन्द मस्त जो सनमान कयो वियो। श्री नारी गुरसहाणी, श्री कीरत बा॒बा॒णी, गोबिन्द माल्ही ऐं वाशीअ जे मुख्य शख़्सयतुनि जो सनमान, सभा जे प्रेज़ीडन्ट श्री चन्द्रू हीराणी, वाईस प्रेज़ीडन्ट श्री नन्दलाल राजपाल ऐं श्री विनोद बाखरू ऐं चेयरमन श्री शंकर हरीरामाणीअ तरफ़ां भभकेदार नमूने कयो वियो।

22 मार्च 1997: अहमदाबाद में बर्ख साहित्यकार डॉ. मोतीलाल जोतवाणी जे तइलीमी ऐं साहितक योगदान ते 20 सेमीनार सडा॒यो वियो, जंहिंमें डॉ. कमला गोकलाणी, डॉ. परसो गिदवाणी, हरी मोटवाणी, जयंत रेलवाणी ऐं कुमारी वीना श्रंगीअ पंहिंजा मकाला पेश कया।

23 मार्च 1997 : अहमदाबाद में श्री हरी दिलगीर जे सदारत हेठि अखिल भारत 15 सिन्धी मुशाइरो सडा॒यो वियो, जंहिंमें हिन्दुस्तान ते अलग॒ अलग॒ शहरनि मां आयल शाइरनि मुशाइरे में शइर व शायरी जी महफ़िल में रंग ज॒मायो। मुशाइरो गुजरात राज्य सिन्धी साहित अकादमीअ जे सहकार सां पेश कयो वियो। मुशाइरे

जो संचालन श्री टेकचन्द मस्त कयो। श्री कन्हैयालाल गोपलाणी, डॉ. ॼेठो लालवाणी ऐं जॻदीश शहदादपुरीअ पारां शाइरनि जो सनमान कयो वियो।

21 जनवरी 1998 : सिन्धू नगर जे सेठ परसराम पारूमल न्यू एरा हाइ स्कूल में 12 इन्टर कालेज इनामी चटाभेटी रखी वेई, जंहिंमें सिन्धूनगर जे 5 कालेजनि जे शागिर्दनि भाॻु वरितो हो। चटाभेटी श्री सुरेश पहलाजराइ आहूजा जे याद में रखी वेई। पहरियों नम्बर आयल शागिर्द खे 5 हज़ार रुपयनि जी ट्राफी, 500 रुपया रोक; ॿिएं नम्बर आयल ॿिनि शागिर्दनि खे 250-250 रुपया रोक इनाम ॾिना विया। भाॻु वठन्दड़ सभिनी शागिर्दनि खे सूखड़ियूं ॾिनियूं वेयूं।

16 मार्च 1998: सभा जो 12 सालियानो उत्सव, सिन्धूनगर जे रोटरी क्लब कांफ्रेन्स हाल में रखियो वियो, जंहिंमें सिन्धूनगर ऐं मुम्बईअ जे कलाकारनि नृत्य ऐं संगीत सां मौज मचाई। हिन मोके ते आयल कलाकारनि जो सनमान ट्राफियुनि, शालुनि, गुलनि जे हारनि सां कयो वियो। आयल मुअज़िज़ शख़्सयतुनि, साहित्यकारनि ऐं कलाकारनि जो सनमान सभा जे प्रेज़ीडन्ट श्री चन्द्रू हीराणी, वाईस प्रेज़ीडन्ट श्री नन्दलाल राजपाल ऐं चेयरमन श्री शंकर हरीरामाणीअ तरफां कयो वियो।

29 मार्च 1998 : सिन्धियुनि जी बर्ख लेखिका श्रीमती रतना गोदिया जो सिन्धी नावल 'मुहबत जी मंज़िल' सभा तरफां शायइ करायो वियो, उनजो महूरत सिन्धूनगर में भभकेदार नमूने कयो वियो।

29 मार्च 1998 : अहमदाबाद में गुजरात सिन्धी साहित अकादमीअ जे सहकार सां अखिल भारत सतह ते 15 अखिल भारत सिन्धी मुशाइरो ऐं संगीत महफ़िल सॾाई वेई। मुशाइरे जी सदारत बर्ख शाइर श्री अर्जुन हासिद कई। कार्यवाही टेकचन्द मस्त हलाई। श्री कन्हैयो गोपलाणी, डॉ. ॼेठो लालवाणी ऐं श्री जॻदीश शहदादपुरी तरफ़ां संगीत कलाकारनि ऐं जुदा जुदा प्रांतनि मां आयल शाइरनि जो शानदार सनमान कन्दे हुननि खे सूखिड़ियूं भेट कयूं।

2-3 मई 1998 : मैथरान खूबसूरत पहाड़ी जॻह जे महाराष्ट्र टुअरज़म हालीडे रिसोर्ट में अखिल भारत सतह ते 21 साहित्यिक सेमीनार सॾायो वियो, जंहिंमें बर्ख साहित्यकारनि भाॻु वरितो। सेमीनार जी विषय हुई '50 साल सिन्धी तइलीम जो जाइज़ो ऐं आईंदह' हिन विषय ते डॉ. कन्हैयालाल लेखवाणी, डॉ. ॼेठो लालवाणी ऐं डॉ. कमला गोकलाणीअ पंहिंजनि प्रांतनि में सिन्धी ॿोलीअ जो जाइज़ो ऐं आईंदह बाबति खोजनात्मक लेख पढ़िया। हिन मोके ते हिक लख

रुपया इनाम हासिल कन्दड़ श्रीमती रीटा शहाणीअ जो भभकेदार सनमान कया वियो। सेमीनार जो महूरत श्री कीरत ॿाॿाणीअ कयो। बैठकुनि जी सदारत श्री कृष्ण राही, डॉ. नारायण भारती ऐं श्री कीरत ॿाॿाणीअ कई। रात जो खिचणी प्रोग्राम पेश कयो वियो, जंहिंमें बिन्दास बणिजी आयलनि मौज मचाई।

18 जून 1998 : सिन्धूनगर जे प्राइमरी स्कूलनि में पढ़ंदड़ घुरजाऊ शागिर्दनि खे सभा तरफ़ां मुफ़्त स्कूली यूनीफार्म ऐं नोटबुक मुफ़्त ॾिना विया।

26-27 सेप्टम्बर 1998 : सिन्धियुनि जी शाही बस्ती सिन्धूनगर में अखिल भारत सतह ते सेमीनार सॾायो वियो, जंहिंजी विषय हुई '50 साल सिन्धी अख़बार नवीसी जाइज़ो ऐं आईंदह' कंवीनर डॉ. नारायण भारती। पेपर पढ़ंदड़ श्री प्रेम तोलाणी, श्री झमूं छुॻाणी, श्री जयंत रेलवाणी ऐं नन्दनी पंजवाणी। समापन श्री जयराम रूपाणी।

'50 साल सिन्धी नाटक- जाइज़ो ऐं आईंदह' कंवीनर श्री मदन जुमाणी, मकाला पढ़ंदड़ श्री मदन जुमाणी, श्री लक्ष्मण भम्भाणी, डॉ. ॼेठो लालवाणी। समापनः रमेश महता।

27 जनवरी 1998 : 'सिन्धी साहित सेमीनार' शहीद दुनीचन्द कालाणी एज्यूकेशन कालेज सिन्धूनगर में कोठायो वियो, जंहिंमें प्रोफेसर कोमल जानी, श्री आसूदोमल मोहनाणी ऐं प्रोफेसर जॻदीश लछाणी, अॼु जे सिन्धी तइलीम लाइ नवां तरीका, मुहावरनि जो उपयोग ऐं सिन्धूनगर में सिन्धी तइलीम ते पेपर पेश कया। डॉ. भावन वाधवाणी, डॉ. ॿलदेव मटलाणी, डॉ. दयाल आशा सदारत कई। सेमीनार जो डायरेक्टर डॉ. गोरधन जानी।

24 साहित सेमीनार गंगा नदीअ जे पवित्र किनारे ते वसियल हरिद्वार में 13-14 मार्च सॾायो वियो, जंहिंजी विषय हुई, ''सिन्धियुनि में सामाजिक ऐं सांस्कृतिक तब्दीलियूं'' मयारी पेपर पढ़ंदड़ हुआः डॉ. कमला गोकलाणी, डॉ. हून्दराज बलवाणी, कुमारी वीना श्रंगी, श्रीमती नन्दनी पंजवाणी ऐं श्री मदन जुमाणी। हिन मोके ते सभा जो 14 सालग्रह धाम धूम सां मल्हायो वियो।

सेमीनारनि जो सिलसिलो जारी रखन्दे सभा जे तरफ़ां सिल्वर जुबली साहितक सेमीनार, महाराष्ट्र जे मशहूर पहाड़ी जॻह लोनावाला जे शहाणे हालीडे होम में 25-26 सेप्टम्बर 1999 ते रखियो वियो, जंहिंजी विषय हुईः सिन्धी ग़ज़ल, नज़्म, नाविल, आखाणी ऐं नाटक अॻे ऐं हाणे। सिन्धीअ जा बुज़ुर्ग साहितकार सर्व श्री कृष्ण राही, डॉ. कन्हैयालाल लेखवाणी, डॉ. कमला गोकलाणी, प्रो. हीरो शेवकाणी

ऐं डॉ. ॼेठो लालवाणीअ मयारी मकाला पेश कया, जिन ते खुलियल दिल सां बहस कयो वियो।

दूरदर्शन मुम्बई तां हिन सिल्वर जुबली सेमीनार जी रिकार्डिंग करण लाइ अस्सिटंट डायरेक्टर श्री आनन्द शिवपुरी ऐं अस्सिटंट प्रोड्यूसर रमेश ख़ानचन्दाणी पूरी टीम सां लोनावाला आया। आकाशवाणी मुम्बई तां पिण सेमीनार जी रिपोर्ट पेश कई वेई।

राष्ट्रीय सिन्धी ॿोली विकास परिषद जे माली मदद सां

अखिल भारत सिन्धी ॿोली ऐं साहित्य प्रचार सभा तरफ़ां 26 अखिल भारत सतह ते सेमीनार माऊंट आबूअ में 26 ऐं 27 फरवरी 2000 सॾायो वियो। जंहिंजी विषय हुई: 'सिन्धी साहित में भारत जे ॿियनि ॿोलयुनि जी भूमिका' मकालो लिखन्दड़ हुआ: डॉ. नानकराम ईसराणी, प्रोफेसर लक्ष्मण हिरदवाणी, कुमारी वीना श्रंगी ऐं डॉ. कन्हैयालाल लेखवाणी। सदारत कई: डॉ. निर्मला आसनाणी, डॉ. ॼेठो लालवाणी, डॉ. ॿलदेव मटलाणी, डॉ. कन्हैयालाल लेखवाणी। बैठक जी कार्यवाही: श्री सुरेश बबलाणी, प्रोफेसर अनीता ॾोॾेजा, मदन जुमाणी, लक्ष्मणदास केसवाणी, सेमीनार जो निचोड़ श्री प्रेम तोलाणी। सेमीनार जी कार्यवाही हलाई श्री टेकचन्द मस्त। हिन मोके ते ब्रह्मा कुमारीज़ जे दादीअ जानकीअ सभिनी जो स्वागत कयो।

27 साहित्य सेमीनार

18 जून 2000 ते सिन्धूनगर जे सदाहयात श्री किशनलाल बजाज जे शख़्सयत ऐं साहित्यिक योगदान ते साधू वासवाणी सेन्टर सिन्धूनगर-2 में सेमीनार रखियो वियो, जंहिंमें सर्व श्री टी. सी. ठारवाणी, प्रोफेसर गोप रूपचन्दाणी ऐं मनोहर बंदीअ पंहिंजा लिखियल मकाला पेश कया।

29 अखिल भारत सिन्धी साहित्य सेमीनार

सिन्धी साहित्य जे मायनाज़ सदाहयात साहित्यकार श्री गोबिन्द माल्हीअ जे फ़न-फ़िक्र ऐं शख़्सियत तें ॿिन ॾींहंनि जो सेमीनार 23 ऐं 24 जून 2001 स्वामी शान्ती प्रकाश योगा ऐं चिकित्सा केन्द्र उल्हासनगर जे सहकार सां सॾायो वियो, जंहिंमें मयारी मकाला पेश कया सर्व श्री लक्ष्मण भाटिया कोमल, श्री लक्ष्मण भम्भाणी, डॉ. नारायण भारती ऐं वासदेव निर्मल। श्री कीरत ॿाॿाणीअ महूरती इजिलास जी सदारत कई। समापन लख्मी खिलाणीअ कयो।

लेखक सां मुलाकात

28 दिसम्बर 2001 ते बर्ख साहित्यकार श्री ए. जे. उत्तम सां हुनजे 79 जन्म ड॒ींहं मल्हाइण जे सिलसिले में आर. के. तलरेजा कालेज उल्हासनगर-3 में साहित्यिक कचहरी सड॒ाई वेई, जंहिंजी सदारत डॉ. नारायण भारतीअ कई। श्री उत्तम पंहिंजीअ साहित्यिक यात्रा जो वर्णन कयो, जंहिं बइदि हुनजो स्वागत कयो वियो।

लेखक सां मुलाकात

13 जनवरी 2002 ते बर्ख साहित्यकार श्री कीरत ब॒ाब॒ाणीअ जे 80 जन्म ड॒ींहं ते शानदार गड॒िजाणी आर. के. तलरेजा कालेज में रखी वेई, जंहिंजी सदारत डॉ. अर्जुन हासिद कई। श्री कीरत ब॒ाब॒ाणीअ जो स्वागत नारेल, मिसरी ऐं शाल सां कयो वियो। ब॒ाब॒ाणी साहिब साहित्यिक यात्रा ऐं सरगर्मियुनि जो बयान कयो।

सिन्धू नगर जे बर्ख साहितकार डॉ. जग॒दीश लछाणीअ सां, श्री नेवंद वाधवाणीअ जे सदारत हेठि मुलाकात रखी वेई, जंहिंमें लछाणी साहिब पंहिंजे साहित्यिक यात्रा ऐं हयातीअ जा आज़मूदा ब॒ुधाया। सभा तरफां हिन साहिब जो स्वागत कयो वियो।

30 अखिल भारत सिन्धी साहित्यिक सेमीनार

अनमोल रतन सिन्धी लेखकाउनि श्रीमती सुन्दरी उत्तमचन्दाणी, प्रो. पोपटी हीरानन्दाणी, श्रीमती रीटा शहाणी, डॉ. कमला गोकलाणी जे शख़्सियत ऐं साहित्यिक देन ते 23 ऐं 24 मार्च 2002 ते स्वामी शान्ती प्रकाश धर्मशाला सिन्धूनगर-5 में निहायत ई भभकेदार तरीके सेमीनार सड॒ायो वियो। स्वामी देव प्रकाश जी महाराज सेमीनार जो महूरत कयो। श्री कीरत ब॒ाब॒ाणीअ महूरती इजलास जी सदारत कई। श्रीमती रीटा शहाणी, सुन्दरी उत्तमचन्दाणी, पोपटी हीरानन्दाणी, डॉ. कमला गोकलाणीअ ते मयारी मकाला सर्व श्री हरी मोटवाणी, लक्ष्मण भम्भाणी, डॉ. जग॒दीश लछाणी ऐं डॉ. ज॒ेठो लालवाणीअ पढ़िया, जिनजी सदारत डॉ. कन्हैयालाल लेखवाणी, प्रोफेसर हीरो शेवकाणी, हरी मोटवाणी, डॉ. दयाल आशा कई। सेमीनार जे महूरती इजलास़ जी कार्यवाही डॉ. कमला गोकलाणी, बैठकुनि जी कार्यवाही डॉ. लता टहलियाणी हलाई। शुक्रगुज़ारी टेकचन्द मस्त अदा कई।

31 नौजवान साहित्यिक सेमीनार

"सिन्धी साहित्य में माठाई छो?" विषय ते 27-28 ऐं 29 सेप्टम्बर 2002 हरिद्वार जी जय बाबा धाम में नौजवान सेमीनार सड॒ायो वियो। महूरत स्वामी ब्रह्मदास

उदासीअ कयो। अलग॒ अलग॒ विषयनि ते सर्व श्री जयराम चिमनाणी, सुरेश बबलाणी, कुमारी दया लालचन्दाणी, श्री गोबिन्द खुशहालाणी मक़ाला पढ़िया। महूरती इजलास जी सदारत डॉ. मोतीलाल जोतवाणीअ कई। हिन सेमीनार लाइ इंडस इंड फाऊंडेशन माली मदद कई।

32 साहित्यिक सेमीनार

सिन्धियुनि जे अनमोल रतननि श्री हून्दराज दुखायल ऐं श्री हरी दिलगीर ते गांधीधाम जे अजंता साहित्यिक संगम संस्था जे नींड ते 32 साहित्यिक सेमीनार श्री लाल होतचन्दाणी 'लाचार' जे कोशशुनि सां टीचर्स मेमोरियल हाल, डॉ. चोइथराम गिदवाणी हाइ स्कूल गांधीधाम में सेमीनार रखियो वियो जो निहायत ई कामयाब रहियो। दादा हून्दराज दुखायल अलील तबीयत हून्दे बि महूरती इजलास में शरीक थिया। गांधीधाम, आदीपुर जे मुख्य शख़्सियतुनि सेमीनार में शिरकत कई। प्रोफेसर हीरो शेवकाणी, डॉ. ज॒ेठो लालवाणी, दादा हून्दराज दुखायल ते ऐं डॉ. मोती प्रकाश ऐं श्री जयंत रेलवाणी दादा हरी दिलगीर जे शख़्सियत ऐं हुननि जे साहित्यिक देन ते मक़ाला पेश कया।

33 अखिल भारत सिन्धी साहित्यिक सेमीनार

राष्ट्रीय सिन्धी ब॒ोली विकास परिषद बड़ोदा जे माली इमदाद सां 1 ऐं 2 फरवरी 2002 ते शिव गंगा होटल अहमदाबाद में सिन्धी ब॒ोलीअ जो सही वाहिपो विषय ते अखिल भारत सतह ते सेमीनार थियो, जंहिंमें डॉ. कमला गोकलाणीअ श्री लक्ष्मण भाटिया कोमल, श्री वेड़हो रफ़ीक ऐं डॉ. ज॒ेठो लालवाणीअ मक़ाला पढ़िया। हिन सेमीनार खे कामयाब करण लाइ श्री कन्हैयालाल गोपलाणी, वेड़हो रफ़ीक जो योगदान याद रखण जहिड़ो आहे।

34 अखिल भारत साहित्यिक सेमीनार

14 ऐं 15 मई 2003 ते सिन्धी धर्मशाला कालूपुरा अहमदाबाद में नौजवाननि लाइ सेमीनार सड॒ायो वियो, जंहिंमें नौजवाननि मक़ाला पढ़िया। कार्यवाही हलाई श्री दिलीप रामरख्याणी ऐं श्री कन्हैयालाल गोपलाणीअ जे सहयोग सां हीउ सेमीनार नौजवाननि खे उत्साह ड॒ीन्दड़ रहियो।

साहित्यकार सां गड॒िजाणी

बर्ख साहित्यकार डॉ. ज॒ेठो लालवाणी सां 21 मार्च 2004 ते अहमदाबाद में ''मुंहिंजी साहित्यिक यात्रा'' विषय ते शानदार गड॒िजाणी रखी वेई। श्री जयंत

रेलवाणी, डॉ. जॖेठो लालवाणी ते मकालो पेश कयो, जंहिं बइदि डॉ. लालवाणीअ पंहिंजे ज़िन्दगीअ जा अण-विसरंदड़ बाब वाक्या साहित्यिक यात्रा जे दौरान बुधाया। हुनखे केतिरयूं ई सूर्खिड़ियूं भेंट कयूं वेयूं।

35 अखिल भारत साहित्यिक सेमीनार

"सिन्धीअ में सन्त साहित्य" पहरियों दफ़ो साहित्य ते 13 ऐं 14 डिसम्बर 2004 ते सिद्धार्थ होटल उज्जैन में सेमीनार रखियो वियो, जंहिंमें सर्व श्री जयंत रेलवाणी, हीरो ठकुर, डॉ. नानकराम ईसराणी, कुमारी वीना श्रंगी पंहिंजा मक़ाला पेश कया। हीउ सेमीनार मध्यप्रदेश सिन्धी अकादमीअ जे सहकार सां थियो। उज्जैन जे बर्ख कार्यकर्ताउनि श्री मोटवाणी, ब्रजलाल झामनाणी, अर्जुन खत्री ऐं साबू रीझवाणीअ निहायत ई शानदार नमूने महमान नवाज़ी कई। साहित्यकारनि खे उज्जैन जे मुख्य मन्दरनि जो दर्शन करायो वियो। रात जो यादगार संगीत प्रोग्राम पेश कयो वियो, जंहिंमं अटिकल पंजनि हज़ार सिन्धियुनि संगीत ऐं नृत्य जो लुत्फ़ माणियो।

36 सेमीनार

सिन्धूनगर जे मायनाज़ सदाहयात शाइर श्री परसराम ज़िया जे जन्म ॾींहं जे मोके ते 11 जुलाइ 2004 ते स्वामी धर्मदास दरॿार सिन्धूनगर-3 में सेमीनार सॾायो वियो। महूरती इजलास जी सदारत साईं ॿलराम साहिब कई। सर्व श्री हरी दिलगीर, प्रोफेसर मीना रूपचन्दाणी, प्रोफेसर सरीता शर्मा ज़िया साहिब जे साहितक देन ऐं शाइरीअ ते पंहिंजा मक़ाला पेश कया। सदारत डॉ. जॖेठो लालवाणी, डॉ. नारायण भारती ऐं श्री प्रेम तोलाणीअ कई। सर्व श्री दिलीप सचानन्दाणी ऐं आसूदोमल मोहनाणी कंवीनर रहिया।

37 सेमीनार

श्री हीरो ठकुर देहलीअ जो खोजनात्मक साहित्यकार जंहिंखे हिन साल साहित अकादमीअ इनाम सां बि नवाज़ियो वियो। उनजे शख़्सियत, फ़न ऐं फ़िक्र ते 14 आगस्ट 2004 ते सिन्धू क्रांति संस्था जे सहकार सां पिकनिक पार्टी प्लाट, कुॿेरनगर में साहितक सेमीनार रखियो वियो। सर्व श्री झमूं छॻाणी, डॉ. ॿलदेव मटलाणी ऐं डॉ. जॖेठो लालवाणी हिनजे शख़्सियत ऐं साहितक देन ते मक़ाला पढ़िया। सर्व श्री कन्हैयालाल गोपलाणी, वासदेव मोही ऐं डॉ. कमला गोकलाणी सदारत कई। बर्ख शाइर अर्जुन हासिद जे सदारत हेठि मुशाइरो पेश कयो वियो, जंहिंजा संचालन श्री टेकचन्द मस्त कयो।

38 अखिल भारत साहित्यिक सेमीनार

10 ऐं 11 सेप्टम्बर 2004 ते ''श्री कृष्ण जो सिन्धी साहित में जाइज़ो'' विषय ते भग॒वान श्री कृष्ण जे रास लीलाउनि जे जन्म भूमी वृन्दावन में स्वामी शान्ति प्रकाश सेवाधाम वृन्दावन में शाही पैमाने ते सेमीनार सड॒ायो वियो, जंहिं लाइ इंडस इंड फाऊंडेशन जे तरफ़ा सहकार डि॒नो वियो। सेमीनार जो महूरत स्वामी देवप्रकाश जी महाराज जनि कयो। सदारत डॉ. मोतीलाल जोतवाणीअ कई। कुमारी वीना श्रंगी, शालिनी सागर, प्रोफेसर सरिता शर्मा, डॉ. कमला गोकलाणीअ पंहिंजा मयारी मक़ाला पेश कया। स्वामी शान्ति प्रकाश सेवा धर्म जे ट्रस्टियुनि दादा प्रीतमदास डे॒वनाणी, दादा नन्दलाल बदलाणी, श्री कुमार डे॒वनाणीअ बेहद सुठी महमान-नवाज़ी कई ऐं बसियुनि रस्ते मन्दरनि जो दर्शन करायो।

39 अखिल भारत सिन्धी सेमीनार

अखिल भारत सिन्धी बो॒ली ऐं साहित्य प्रचार सभा तरफ़ां नेशनल काऊंसिल फ़ार प्रमोशन आफ़ सिन्धी लैंगवेज (एन.सी.पी.एस.एल.) जे सहकार सां उणेतालीहो साहित्यिक सेमीनार ''गुज़रियल ड॒हाके में सिन्धी अदब जो जाइज़ो'' विषय ते 16 ऐं 17 अक्टूबर 2004ई. ते अहमदाबाद में शिव गंगा होटल जे कांफ्रेन्स हाल में इन्तहाई संजीदगीअ सां आयोजित कयो वियो। हिन्दुस्तान जे अलग॒-अलग॒ शहरनि मां 75 खनु डेलीगेटिस सरगर्म भाग॒ु वरितो।

महूरती उत्सव लाइ मुख्य महमान हुई गुजरात जी एम.एल.ए. डॉ. माया भेण कोड॒नाणी ऐं श्री अमर दौलताणी। सेमीनार जो उदघाटन करण लाइ डॉ. हशू याज्ञनिक खे घुरायो वियो हो। महमान खसूसी तोर सर्व श्री रोचीराम थावाणी, कन्हैयालाल गोपलाणी, थधाराम प्यारल ऐं लक्ष्मणदास रोहिड़ा शिरकत कई।

सभा जे अध्यक्ष चन्द्रू हीराणीअ अखिल भारत सिन्धी बो॒ली ऐं साहित्य प्रचार सभा जे गुज़रियल समूरी कार्य, बो॒ली ऐं अदब जे विकास लाइ कयल जदोजहद ते रोशनी विधी। एन.सी.पी.एस.एल. जे डायरेक्टर डॉ. जे॒ठो लालवाणीअ परिषद जे अलग॒-अलग॒ शेवाउनि जी जा॒ण डि॒नी। सभा जे सेक्रेट्री जनरल टेकचन्द मस्त आयल तमाम अदीबनि, शाइरनि, कलाकारनि ऐं जुमले हाज़िरीन जो स्वागत कयो। डॉ. हशू भाई याज्ञनिक, अदबी सेमीनारनि जी अहमियत बु॒धाईन्दे चयो त हिननि सेमीनारनि में बुज़ुर्ग पीढ़ीअ सां गडु॒ नौजवाननि जी शिरकत बो॒ली ऐं अदब

जे विकास लाइ नयूं राहूं घड़ीन्दी। मुख्य महमान डॉ. माया कोॾनाणीअ ॿुधायो त हुन गुजरात जे कुझ सिन्धी घणघुरनि सां गॾु मुख्य मन्त्री नरेन्द्र मोदीअ सां बि कुझ शख़्सी मुलाकातूं कयूं आहिनि, जिन गुजरात प्रान्त अन्दर स्कूली सतह ते सिन्धी ऑपशनल सब्जेक्ट बरकरार रखण लाइ पक ॾिनी आहे। हुन वधीक चयो त हींअर वक्त आयो आहे जो असां सभिनी सिन्धियुनि खे यकमुश्त थी सिन्धी समाज जे बहबूदीअ लाइ कम करिणो पवन्दो।

सेमीनार जे पहिरिएं ॾींहं टिन अलॻ अलॻ बैठकुनि में डॉ. ॼेठो लालवाणी, अर्जुन हासिद ऐं हीरो ठकुर "गुज़रियल ॾहाके में सिन्धी नाटक जो जाइज़ो", "गुज़रियल ॾहाके में सिन्धी शाइरीअ जो जाइज़ो" ऐं "गुज़रियल ॾहाके में सिन्धी मज़मून नवीसीअ जो जाइज़ो" विषयनि ते सिलसिलेवार मक़ाला पेश कया। जिन जी सदारत डॉ. ॿलदेव मटलाणी, वासदेव मोही ऐं डॉ. जॻदीश लछाणीअ कई; जॾहिं त हर अदबी बैठक जो जुदा जुदा संचालन वीना श्रंगी, श्रीकांत सदफ़ ऐं पदम शर्मा तरफ़ां कयो वियो। इहे टेई पेपर एतिरी त काबलियत सां लिखयल हुआ, जो बहस लाइ बि डेलीगेटस दिल खोले भाॻु वरितो, जिन में वीना श्रंगी, डॉ. मनोहर मटलाणी, डॉ. कमला गोकलाणी, रीतू भाटिया, श्रीकांत सदफ़, महेश पंजाबी, प्रेम तोलाणी, जॻदीश शहदादपुरी ऐं ॿियनि केतिरनि डेलीगेटस दिल खोले भाॻु वरितो।

सेमीनार जी अहम ख़सूसियत इहा हुई त तमाम डेलीगेटस समूरो ॾींहं हर पेपर में न सिर्फ़ हाज़िर रहिया पर तामीरी बहस मुबाइसो पिण कन्दा रहिया। इएं समूरो ॾींहं सिर्फ़ इल्म अदब जूं ॻाल्हियूं थीन्दियूं रहियूं। शाम जो आल इंडिया सिन्धी कॉमर्स एण्ड इण्डस्ट्रीज जे प्रेज़ीडन्ट अमर दौलताणी, जनरल सेक्रेट्री कन्हैयालाल गोपलाणी, खज़ांची द्वारकादास वीधाणी, सेक्रेट्री सतीश सुखवाणी ऐं शहर जे मुअजिज़ हस्तियुनि, फतन सुखवाणी ऐं ॿियनि डेलीगेटस सां हिक मीटिंग 'Get Togther' रखी वेई, जंहिंजो संचालन टेकचन्द मस्त कयो। प्रेम तोलाणीअ अदीबनि, आलमनि ऐं पत्रकारनि जे सिन्धी ॿोलीअ जे फहिलाअ लाइ कयल कोशिशुनि ऐं जातीअ जे सुञाणप वारी अहमियत ते बहतरीन नमूने रोशनी विधी। जंहिंजे मोट में अमर दौलताणीअ चयो त असां सिन्धी वापारियुनि जो वॾो तबिको बि पंहिंजे कारोबार में मसरूफ़ रहण सां गॾोगॾु सिन्धियत जे अहमियत ऐं सिन्धी सुञाणप ॾांहं पूरी सूझ ॿूझ रखे थो। हुन पंहिंजे पूरे चैम्बर तरफ़ां इन समूरी हलचल

में भरपूर योगदान ड॒ियण जी पक ड॒िनी। इन गड॒िजाणीअ लाइ शुक्रअदाईअ जी रसम अंजली तुलसियाणीअ तरफां अदा कई वेई।

सेमीनार जे ब॒िए ड॒ींहं आख़री पेपर ''गुज़रियल ड॒हाके वारी कहाणीअ जो जाइज़ो'' विषय ते मक़ालो प्रोफ़ेसर हीरो शेवकाणीअ तरफ़ां पेश कयो वियो, जंहिंजी सदारत डॉ. कमला गोकलाणीअ कई ऐं डॉ. मीना रूपचन्दाणी उनजो संचालन कयो। बहस कन्दड़नि में श्रीकांत सदफ़, घनश्याम सागर, जयंत रेलवाणी, डॉ. ब॒लदेव मटलाणी, जग॒दीश शहदादपुरी, जयराम चिमनाणी, अर्जुन हासिद, दया लालचन्दाणी. वेड़्हो रफ़ीक दिल खोले भाग॒ वरितो।

उन बइदि समापन समारोह जी दस्तूरी रसम अदा कन्दे रोचीराम थावाणी, गुजरात राज्य साहित्यिक परिषद जे रजिस्ट्रार वी. वी. पण्डित, डॉ. ज॒ेठो लालवाणी, चन्द्रू हीराणी, थधाराम पंजवाणी, प्यारल ऐं प्रेम तोलाणीअ खे आशा रंगवाणीअ तरफ़ां संचालन कन्दे मंच ते दावत ड॒ेई घुरायो वियो। प्रेम तोलाणीअ इन्तहाई फ़लसफ़यान अन्दाज़ में समूरे सेमीनार ते नज़र फेराईन्दे उन बाबति पंहिंजो मजमूई रायो पेश कयो। टेकचन्द मस्त सभा तरफ़ां ब॒ुधायो त असीं चाहियूं था, पंहिंजी नईं पीढ़ी ख़ास करे सिन्धी ब॒ोलीअ जे उस्तादनि ऐं शागिर्दनि खे हहिड़नि सेमीनारनि ज़रीए पाण सां जोड़ीन्दा हलूं त जीअं सिन्धियत जो हीउ कारवां असां खां पोइ बि अग॒िते हलन्दो रहे। हिन पूरे सेमीनार में सभा जी सेक्रेट्री भेण लता टहलियाणीअ जंहिं बरजस्तगीअ सां सेमीनार जे रिथा मूजिबि उनजो अमली आयोजन करण सां गड॒ोगड॒ु डेलीगेटस जी सम्भाल कन्दी रही, तंहिं लाइ उनजी दिल खोले साराह कई वेई। आख़िर में शुक्रगुज़ारीअ जी रस्म बि लता टहलियाणीअ तरफ़ा अदा कई वेई।

ड॒ियारीअ ऐं नएं साल जी गड॒िजाणी

प्रचार सभा तरफ़ां 12 नवम्बर 2004 जे ड॒ींहं महात्मा गांधी हाइ स्कूल क़ुब॒ेरनगर में अहमदाबाद जी अदीबनि, कलाकारनि, तइलीमदाननि, अख़बार नवीसनि जी हिक गड॒िजाणी ड॒ियारीअ ऐं नएं साल जे मोके ते रखी वेई। हिन मोके ते श्री अर्जुन हासिद, डॉ. ज॒ेठो लालवाणी, कन्हैयालाल गोपलाणीअ सभिनी खे नएं साल जूं मुबारकूं ड॒िनियूं।

साथियो, अखिल भारत सिन्धी ब॒ोली ऐं साहित्य प्रचार सभा जे तरफ़ां ख़ास करे नईं टहीअ खे पंहिंजे अबाणे वरसे खां वाक़ुफ़ कराइण लाइ सिन्धियत जे सरगर्मियुनि सां जोड़ण, पंहिंजनि साहित्यिकारनि ऐं कलाकारनि जी ज॒ाण ड॒ियण

लाइ, सरगर्मियूं ज़ोर आहिनि। असीं चाहियूं था त सिन्धी सदाई गडु थी सिन्धियत जो कारवां अगिते ऐं अगिते वधाईन्दा हलूं। उनमें साहित्यकारनि, तइलीमदाननि, राष्ट्रीय सिन्धी ॿोली विकास परिषद, इंडस इंड फ़ाउन्डेशन, दादा रोचीराम थावाणी, चन्द्रू हीराणी, विनोद बाखरू, कन्हैयालाल गोपलाणी, उधवदास मीराणी, के. बी. भाटिया, महेश राजाणी (देहली), थधाराम पंजवाणी 'प्यारल', जगदीश शहदादपुरी ऐं ॿियनि केतिरनि साथियुनि जो सहकार मिली रहियो आहे। तव्हां बि असां सां गडु हुजो, गडिजी पंहिंजी ॿोली, तइलीम, साहित्य ऐं कला लाइ कुझ करियूं, इहा असांजी चाहिना आहे।

41 साहित्य सेमीनार

सिन्धी साहित्य में बर्ख साहित्यकारनि जो सम्मान करण, हिननि जे साहित्य योगदान आम माण्हुनि ताईं पहुचाइण लाइ सभा जे तरफ़ां रचना ऐं रचनकार सेमीनार करण जी शुरुआत कई वेई, जंहिंमें अलग अलग प्रांतनि मां पदम श्री मोतीलाल जोतवाणी, डॉ. नारायण भारती, डॉ. कमला गोकलाणी ऐं डॉ. जेठो लालवाणी ते सेमीनार कयो वियो। हिननि साहित्यकारनि जी वाकफियत ड‍िनी। हीउ सेमीनार 10, 11 ऐं 12 जून 2005 सिन्धियुनि जी शाही बस्ती सिन्धुनगर में स्वामी साईं ॿलराम साहिब जे सहकार सां स्वामी धर्मदास धर्मशाला में थियो, जंहिंमें हिन्दुस्तान जे अलग अलग शहरनि मां डेलीगेटनि भागु वरितो। आयलनि डेलीगेटनि खे सीमा रिसोर्ट, शिव जो मन्दिर, पेस पार्क ऐं अनेक पिकनिक जूं जगहियूं डेखारियूं वेयूं। श्री रोचीराम थावाणी, श्री कुमार आइलाणी, श्री पप्पू कालाणी, ज्योति कालाणी, आसूदोमल मोहनाणी ऐं सिन्धु नगर जे मुख्य शख्सियतुनि भागु वरितो। सेमीनार जे इंतज़ाम ऐं मयार खे डिसन्दे श्री कुमार आइलाणीअ सभा जे बानीकारनि खे दिली नींड डिनी त लोनावाला में कुमार रिसोर्ट ऐं वाटर पार्क में अची टे डींह रहनि ऐं सेमीनार कनि।

42 सेमीनार

अलग अलग विषयनि ते सेमीनार कन्दे सभा जे तरफ़ां "सिन्धी साहित्य में बुज़ुर्गनि जो चिटु' विषय ते बुज़ुर्ग पीढ़ीअ जे ममइत्ननि ते 1-2 ऐं 3 सेप्टम्बर 2005 ते स्वामी ब्रह्मदास उदासी जी आसीस ऐं नींड ते जय बाबा धाम हरिद्वार में सडायो वियो, जंहिंमें अनेक डेलीगेट शरीक थिया। बुज़ुर्गनि जे हयातीअ बाबति सिन्धी साहित्य में ज़िकुरु जो अहिवाल डीन्दे कुमारी वीना श्रृंगी, डॉ. जेठो लालवाणी,

प्रो. सरिता शर्मा, श्री कन्हैयालाल गोपलाणी पंहिंजा मयारी मकाला पढ़िया। कार्यवाही टेकचन्द मस्त हलाई। स्वामी ब्रह्मदास आयलनि मेहमाननि जी आजियां कन्दे सभिनी खे आसीस ऐं प्रसाद सां निवाज़ियो। महूर्ती इजिलास जी सदारत डॉ. कमला गोकलाणी कई। सेमीनार जो मक्सद डॉ. लता टहिलयाणी बुधायो। संगीत महफिल ऐं मुशाइरे जो लुत्फु माणियो वियो।

43 साहित्य सेमीनार

रचना ऐं रचनाकार जे थींदड़ सेमीनारनि जो सिलसिलो वधाईंदे श्री कुमार आइलाणी जे नींड ते कुमार रिसोर्ट ऐं वाटर पार्क लोनावाला में रचना ऐं रचनाकार सा गडु कला ऐं कलाकार सेमीनार रखियो वियो, जंहिंमें श्री कीरत बाबाणी, कृष्ण राही, एस.पी. मेंघवाणी ऐं लक्ष्मण हिरदवाणी पंहिंजी साहित्यिक यात्रा, मिलियल आज़मूदनि, इनामनि सम्माननि जो दिलचस्प नमूने पंहिंजी ज़बान में बयान कयो। हिननि जी वाकफियत डॉ. बलदेव मितलाणी, श्रीमती माया राही, मदन जुमाणी ऐं श्री पदम शर्मा कई। कुमार आइलाणी, रोचीराम थावाणी, कीरत बाबाणी ऐं बियनि जोत जलाए सेमीनार जो महूर्त कयो। श्री प्रेम तोलाणी सभा जे कार्य जी वाकफियत डिनी ऐं सेमीनार जो निचोड़ पेश कयो। बैठक जी कार्यवाही टेकचन्द मस्त हलाई, शुक्रगुज़ारी डॉ. लता टहिलयाणी अदा कई। हिन सेमीनार जी अहम गाल्हि इहा रही त हिन सेमीनार में श्री पहलाज आहूजा ऐं जवाहर वसयाणी जे कोशशुनि सां स्कूलनि ऐं कालेजनि जे मैनेजमेंट, प्रिन्सीपाल, हैडमास्तर, मास्तर ऐं मास्तरियाणियूं स्कूलनि ऐं कालेजनि जे एवज़ी तोर मोकलियूं, जिन साहित्यकारनि खे ध्यान सां बुधो ऐं खुलियल इजिलास में सरगर्म भागु वरितो।

44 सेमीनार

कला ऐं कलाकार विषय खे खणी सिन्धीअ जे बर्ख नाटक नवीस श्री चिमनलाल शर्मा ते अहमदाबाद में 13 नवम्बर 2005 सेमीनार जो बन्दोबस्त कयो वियो, जंहिंमें हुन पंहिंजे अदाकारीअ ज़रीए पंहिंजे कला क्षेत्र में कयल योगदान जी तस्वीर पेश कई। खचाखच हाल में ताड़ियुनि जे फहकनि सां हुन पंहिंजे कला यात्रा जो बखूबी वर्णन कयो। हिनजी वाकफियत डॉ. जेठो लालवाणी डिनी। हिन मौके ते डियारी ऐं नएं साल जो जशन पिण मल्हायो वियो। सेमीनार जे महूर्ती इजिलास में अहमादाबाद जो मेअर, उप मेअर, डॉ. माया भेण कोडुवाणी ऐं म्यूनिसपल कार्पोरेटर शरीक थिया, जिनजो सम्मान शालुनि ऐं ... ल्हाउनि सां कयो

वियो। हिन सेमीनार लाइ होलसेल फ्रूट मर्चेन्ट जे प्रेज़ीडन्ट साथ ड॒िनो। श्री जमनालाल शर्मा जो सम्मान सभा तरफां श्री चन्द्र सांवलाणी, डॉ. हून्दराज बलवाणी, टेकचन्द मस्त कयो। श्री कन्हैयालाल गोपलाणीअ आयलनि जी आजियां कई। श्री जग॒दीश शहदादपुरीअ महूर्ती इजिलास की कार्यवाही हलाई।

45 सेमीनार

अखिल भारत सिन्धी ब॒ोली ऐं साहित्य प्रचार सभा ऐं सिन्धु सत्कार समिति अजमेर जे सहकार सां 28 ऐं 29 जनवरी 2006 ते प्रेम प्रकाश आश्रम, आदर्शनगर अजमेर में सभा जे तरफां 45 साहित्य सेमीनार कोठायो वियो। स्वामी अद्वैतानन्द ऐं दादा नारीमल, झूलेलाल ऐं स्वामी टेऊंराम जे मूर्तियुनि अगि॒यां जोत जग॒ाए महूर्त कयो। सेमीनार में जुदा-जुदा शहरनि मां 60 डेलीगेट शरीक थिया। मुख्य मेहमान डॉ. रोचीराम थावाणी ऐं ब॒ियनि मेहमाननि आशीर्वाद ड॒िनी। महूर्ती इजिलास ऐं सेमीनार जी कार्यवाही डॉ. कमला गोकलाणी निहायत ई काम्याबीअ सां हलाई। शुक्राना डॉ. लता टहिलयाणी मञिया।

सेमीनार जी पहिरीं बैठक में भारत में सिन्धी ब॒ोली ऐं तइलीम ते श्री गोबिन्द खुशलहाणी ज॒ाण ड॒ीन्दड़ मकालो पढ़ियो। कार्यवाही डॉ. परमेश्वरी पमनाणी हलाई, सदारत श्री गोरधन शर्मा कई। ब॒ीं बैठक जी विषय हुई राजस्थान में सिन्धी तहज़ीब सरगर्मियूं। सुरेश बबलाणी हकीकतूं पेश कयूं, जंहिंमें राजस्थान कला क्षेत्र जी ज॒ाण ड॒िनी। कार्यवाही डॉ. किशनी फुलवाणी हलाई, सदारत देवदास दीवाना कई। टीं बैठक में राजस्थान में सिन्धी तइलीम विषय ते गागनदास खुशालाणीअ पंहिंजो मयारी मकालो पढ़ियो। कार्यवाही श्री भग॒वान कलवाणी हलाई, सदाररत ढोलण 'राही' कई। चोंथी बैठक में राजस्थान में साहित्य विषय ते डॉ. हासो दादलाणी मयारी मकालो पेशि कयो। कार्यवाही डॉ. मीना आसवाणी हलाई ऐं सदारत श्री पदम शर्मा कई। हिन मोके ते राजस्थान जे शिक्षा राज्य मंत्री श्री वासुदेव देवनाणीअ जे मुख्य मेहमानपणे में 41 साहित्यकारनि ऐं 12 पत्रकारनि जो सम्मान कयो वियो। सेमीनार जी डायरेक्टर डॉ. कमला गोकलाणी ऐं नायब डॉ. लाल थधाणी हुआ। आयल डेलीगेट ऐं मेहमाननि जा शुक्राना टेकचन्द मस्त मञिया। सेमीनार खां पोइ डेलीगेटनि खे वसियुनि रस्ते महान तीर्थ पुष्करराज, माई बाबा मन्दिर, ड॒ाहरसेन स्मारक, प्रेम प्रकाश मन्दिर ऐं ब॒िया धार्मिक स्थान ड॒ेखारिया विया।

-टेकचन्द मस्त, सेक्रेट्री जनरल

سوامي ادوبتانند ۽ دادا ناري مل، جهولي لعل ۽ سوامي ٽيئونرام جي سورتين اڳيان جوت جڳائي مهورت ڪيو. سيمينارن ۾ جدا جدا شهرن مان ٦٠ ڊيليگيٽ شامل ٿيا. مکيہ مهمان ڊاڪٽر روچيرام ٿاواڻي ۽ ٻين مهمانن آشيرواد ڏني. مهورتي اِجلاس ۽ سيمينار جي ڪاريہ واهي ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي ڪاميابيءَ سان هلائي ۽ شڪرانا ڊاڪٽر لتا ٿهلياڻيءَ مڃيا.

سيمينار جي پهرين بئٺڪ ۾ پارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ تعليم تي شري گوبند خـ ـلاڻيءَ جاچ ڏيندڙ مقالو پڙهيو. ڪاريہ واهي ڊاڪٽر پرميشوري پمناڻيءَ هلائي، صدارت گورڌن شرما ڪئي. ٻي بئٺڪ جي وشيہ هئي راجستان ۾ سنڌي تهذيبي سرگرميون. سريش ٻبلاڻيءَ حقيقتون پيش ڪيون، جنهن ۾ راجستان ڪلا ڪيتر جي جاچ ڏني. ڪاريہ واهي ڊاڪٽر ڪشني قلواڻيءَ هلائي، صدارت ديويداس ديوانا ڪئي. ٽين بئٺڪ ۾ راجستان ۾ سنڌي تعليمي وشيہ تي گاگنداس خوشحلاڻيءَ پنهنجو مياري مقالو پڙهيو. ڪاريہ واهي پڳوان ڪلواڻيءَ هلائي، صدارت ڍولڻ راهيءَ ڪئي. چوٿين بئٺڪ ۾ راجستان ۾ ساهتيہ وشيہ تي ڊاڪٽر هاسو دادلاڻيءَ مياري مقالو پيش ڪيو. ڪاريواهي ڊاڪٽر مينا آسواڻي هلائي ۽ صدارت پدم شرما ڪئي. راجستان جي تعليمي راجيہ منتري شري واسديو ديوناڻيءَ جي مکيہ مهمان-پڻي ۾ ٿيل سماپن سَتر ۾ ٤١ ساهتيڪارن جو سنمان ڪيو ويو. ١٢ پترڪارن جو سنمان گلن ۽ ٽرافيءَ سان ڪيو ويو. سيمنار جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي ۽ نائب ڊاڪٽر لعل ٿڌاڻي هئا. آيل ڊيليگيٽ ۽ مهمانن جا شڪرانا ٽيڪچند مست مڃيا. سيمينار ڪانپوءِ ڊيليگيٽن کي بسين رستي مهان تيرٿ پشڪرراج، سائين بابا مندر، ڏاهرسين سمارڪ، پربہ پرڪاش مندر ۽ ٻيا ڌارمڪ اِستان ڏيکاريا ويا.

- ٽيڪچند مست، سيڪريٽري جنرل

●

نموني بيان ڪيو. هنن جي واقفيت ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي، شريمتي مايا راهي، مدن جماڻي ۽ شري پدم شرما ڏني. ڪمار آئلاڻي، روچيرام ٿاواڻي، ڪيرت باٻاڻي ۽ ٻين جوت جلائي سيمينار جو مهورت ڪيو. شري پريم تولاڻيءَ سڀا جي ڪاربه جي واقفيت ڏني ۽ سيمينار جو نچوڙ پيش ڪيو. ٻئنڪ جي ڪاروائي ٽيڪچند مست هلائي، شڪرگذاري لتا ٺهلياڻيءَ ادا ڪئي. هن سيمينار جي اهم ڳالهه اِها رهي ته هن سيمينار ۾ شري پهلاج آهوجا ۽ جواهر وسياڻي جي ڪوشش سان اسڪولن ۽ ڪاليجن جي مئنيجمينٽ، پرنسيپال، هيڊماسٽر، ماستر ۽ ماسترياڻيون اسڪولن ۽ ڪاليجن جي عيوضي طور موڪليون، جن ساهتيڪارن کي ٻڌان سان ٻڌو ۽ ڪليل اِجلاس ۾ سرگرم ڀاڱ ورتو.

۴۴ سيمينار

ڪلا ۽ ڪلاڪار وشيه کي کڻي سنڌيءَ جي برک ناٽڪ نويس شري چمنلال شرما تي احمدآباد ۾ ۱۳ نومبر ۲۰۰۵ سيمنار جو بندوبست ڪيو ويو، جنهن ۾ هن پنهنجي اداڪاريءَ ذريعي ڪلا کيتر ۾ ڪيل يوگدان جي تصوير پيش ڪئي. ڪچاڪچ ڀريل هال ۾ تاڙين جي ڦهڪن سان هن پنهنجي ڪلا ياترا جو بخوبي ورنن ڪيو. هنن جي واقفيت ڊاڪٽر چينو لعلواڻي ڏني. هن موقعي تي ڏياري ۽ نئين سال جو جشن ملهايو ويو. سيمينار جي مهورتي اِجلاس ۾ احمدآباد جو ميئر، اُپ-ميئر، ڊاڪٽر مايا پين ڪوڏواڻي ۽ ميونسپل ڪارپوريٽر شريڪ ٿيا. جنجو شالن ۽ مالهائن سان سواگت ڪيو ويو. هن سيمينار لاءِ هول سيل فروٽ مرچنٽ جي پريزيڊنٽ ساٿ ڏنو. شري جمنالال شرما جو سنمان سڀا طرفان شري چندر سانولاڻي، ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، ٽيڪچند مست ڪيو.

۴۵ سيمينار

اکل ڀارت سنڌي ٻوليءِ ۽ ساهتيه پرچار سڀا ۽ سنڌو سنڪار سمتي اجمير جي سهڪار سان ۲۸ ۽ ۲۹ جنوري ۲۰۰۶ تي پريم پرڪاش آشرم آدرش نگر، اجمير ۾ سڀا طرفان ۴۵ ساهتيڪ سيمينار ڪوٺايو ويو.

سان سوامي ڏرمداس ڏرمشالا ۾ ٿيو، جنهن ۾ هندستان جي الڳ الڳ شهرن مان ڊيليگيٽ ڀاڱ ورتو. آيل ڊيليگيٽن کي سيما رسورٽ، شوَ جو مندر، پيس پارڪ ۽ انيڪ پڪنڪ جون جڳهيون ڏيکاريون ويون. شري روچيرام ٿاوائي، شري ڪمار آٿلاڻي، شري پپو ڪالاڻي، جيوتي ڪالاڻي، آسودومل موهناڻي ۽ سنڌو نگر جي مکيہ شخصيتن ڀاڱ ورتو. سيمنار جي اِنتظام ۽ ميار کي ڏسندي شري ڪمار آٿلاڻيءَ سڀا جي بانيڪارن کي دلي نينڊ ڏني تہ لوناوالا ۾ ڪمار رسورٽ ۽ واٽر پارڪ ۾ اچي ٽي ڏينهن رهن ۽ سيمنار ڪن.

۴۲ سيمينار

الڳ الڳ وشين تي سيمنار ڪندي سڀا طرفان سنڌي ساهتيہ ۾ 'بزرگ جو چِٽ' وشيہ تي بزرگ پيڙهيءَ جي مسئلن تي ۱ کان ۳ سيپٽمبر ۲۰۰۵ تي سوامي برهمداس اُداسيءَ جي آسيس ۽ نينڊ تي جئہ بابا ڌام هردوار ۾ سڏايو ويو، جنهن ۾ انيڪ ڊيليگيٽ شامل ٿيا. بزرگن جي حياتيءَ بابت سنڌي ساهتيہ ۾ ذڪر جو احوال ڏيندي وينا شرنگي، ڊاڪٽر جينو لالواڻي، پروفيسر سريتا شرما، شري ڪنيالعل گوپلاڻي پنهنجا مياري مقالا پڙهيا. ڪاريواهي ٽيڪچند مست هلائي. سوامي برهم داس آيل مهمانن جي آجيان ڪندي سڀني کي آسيس ۽ پرساد سان نوازيو. مهورتي اِجلاس جي صدارت ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي ڪئي. سيمينار جو مقصد ڊاڪٽر لتا ٿهلياڻيءَ ٻڌايو. سنگيت مهفل ۽ مشاعري جو لطف ماڻيو ويو.

۴۳ ساهتيہ سيمينار

رچنا ۽ رچناڪار جي ٽيندڙ سيمينارن جو سلسلو وڌائيندي شري ڪمار آٿلاڻيءَ جي نينڊ تي ڪمار رسورٽ ۽ واٽر پارڪ لوناوالا ۾ رچنا ۽ رچناڪار سان گڏ ڪلا ۽ ڪلاڪار سيمينار رکيو ويو، جنهن ۾ ڪيرت باباڻي، ڪرشن راهي، ايس-پي-مينگهواڻي ۽ لڪشمڻ هردواڻيءَ پنهنجي ساهتيڪ ياترا، مليل آزمودن، اِنعامن سنمانن جو دلچسپ

ڏياريءَ ۽ نئين سال جي گڏجاڻي

پرچار سڀا طرفان تاريخ ١٢ نومبر ٢٠٠٣ جي ڏينهن مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول ڪبيرنگر ۾ احمدآباد جي اديبن، ڪلاڪارن، تعليمدانن، اخبار نويسن جي هڪ گڏجاڻي ڏياريءَ ۽ نئين سال جي موقعي تي رکي ويئي. هن موقعي تي شري ارجن حاسد، ڊاڪٽر چينو لالواڻي، ڪنعيالعل گوپلاڻيءَ سڀني کي نئين سال جون مبارڪون ڏنيون.

ساٿيو، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا جي طرفان خاص ڪري نئين ٽهيءَ کي پنهنجي اباڻي ورثي کان واقف ڪرائڻ لاءِ سنڌيت جي سرگرمين سان جوڙڻ، پنهنجن ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ، سرگرميون زور آهن. اسين چاهيون ٿا ته سنڌي سدائين گڏ ٿي سنڌيت جو ڪاروان اڳتي ۽ اڳتي وڌائيندا هلون. اُن ۾ ساهتڪارن، تعليمدانن، راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، اِنڊس انڊ فائونڊيشن، دادا روچيرام ٿاواڻي، چندرو هيراڻي، ونود ٻاڪرو، ڪنعيالعل گوپلاڻي، اُڌوداس ميراڻي، ڪي.ٻي.ڀاٽيه، مهيش راجاڻي (دهلي)، ٽذارام پنجواڻي 'پيارل'، جڳديش شهدادپوري ۽ ٻين ڪيترن ساٿين جو سهڪار ملي رهيو آهي. توهين به اسان سان گڏ هجو. گڏجي پنهنجي ٻولي، تعليم، ساهتيه ۽ ڪلا لاءِ ڪجهه ڪريون، اِها اسانجي چاهنا آهي.

٣١ ساهتيڪ سيمينار

سنڌي ساهتيه ۾ برک ساهتيڪارن کي سنمان ڪرڻ، هنن جي ساهتيه يوڳيدان کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ سڀا طرفان رچنا ۽ رچناڪار سيمينار جي شروعات ڪئي ويئي، جنهن ۾ الڳ الڳ پرانتن سان پدم شري موتيلعل جوتواڻي، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، ڊاڪٽر ڪملا ڳوڪلاڻي ۽ ڊاڪٽر چينو لالواڻي تي سيمنار ڪيو ويو ۽ هنن ساهتيڪارن جي واقفيت ڏني ويئي. هيءُ سيمينار ١٠، ١١ ۽ ١٢ جون ٢٠٠٥ سنڌين جي شاهي بستي سنڌونگر ۾ سوامي سائين ٻلرام صاحب جي سهڪار

اپارين جو وڏو طبقو به پنهنجي ڪاروبار ۾ مصروف رهڻ سان گڏوگڏ سنڌيت جي اهميت ۽ سنڌي سڃاڻپ ڏانهن پوري سوجهه بوجهه رکي ٿو. هُن پنهنجي پوري چيمبر طرفان اِن سموري هلچل ۾ ڀرپور سوگدان ڏيڻ جي پڪ ڏني. اِن گڏجاڻيءَ لاءِ شڪراداڻيءَ جي رسم انجلي تلسياڻيءَ طرفان ادا ڪئي ويئي.

سيمينار جي ٻئي ڏينهن آخرين پيپر ”گڏريل ڏهاڪي واري ڪهاڻيءَ جو جائزو“ وشيه تي مقالو پروفيسر هيرو شيوڪاڻيءَ طرفان پيش ڪيو ويو، جنهن جي صدارت پروفيسر ڪملا گوڪلاڻيءَ ڪئي ۽ ڊاڪٽر مينا روپچنداڻيءَ اُن جو سنچالن ڪيو. بحث ڪندڙن ۾ شريڪانت صدف، گهنشيام ساگر، جينت ريلواڻي، ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي، جگديش شهدادپوري، جيرام چمناڻي، ارجن حاسد، ديا لالچنداڻي ۽ ويڙهو رفيق دل کولي ڀاڱ ورتو.

اُن بعد سماپن سماروه جي دستوري رسم ادا ڪندي روچيرام ٿاواڻي، گجرات راجيه ساهتڪ پريشد جي رجسٽرار وي. وي. پنڊت، ڊاڪٽر جينو لالواڻي، چندرو هيراڻي، ٽڏارام پنجواڻي پيارل ۽ پريم تولاڻيءَ کي آشا رنگواڻيءَ طرفان سنچالن ڪندي منچ تي دعوت ڏيئي گهرايو ويو. پريم تولاڻيءَ انتهائي فلسفيانه انداز ۾ سموري سيمينار تي نظر ڦيرائيندي اُن بابت پنهنجو مجموعي رايو پيش ڪيو. نيڪچند مست سيا طرفان ٻڌايو ته اسين چاهيون ٿا، پنهنجي نئين پيڙهي، خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي اُستادن ۽ شاگردن کي هِنَ سيمينارن ذريعي پاڻ سان جوڙيندا هلون ته جيئن سنڌيت جو هيءُ ڪاروان اسان ڪان پوءِ به اڳتي هلندو رهي. هن پوري سيمينار ۾ سيا جي سيڪريٽري ڀيڻ لتا ٿهلياڻيءَ جنهن برجستگيءَ سان سيمينار جي رٿا موجب اُن جو عملي آيوجن ڪرڻ سان گڏوگڏ ڊيليگيٽس جي سنڀال ڪندي رهي، تنهن لاءِ اُن جي دل کولي ساراهه ڪئي ويئي. آخر ۾ شڪرگذاريءَ جي رسم به لتا ٿهلياڻيءَ طرفان ادا ڪئي ويئي.

ڪجهه شخصي ملاقاتون ڪيون آهن، جن گجرات پرانت اندر اسڪولي سطح تي سنڌي آپشنل سبجيڪٽ برقرار رکڻ لاءِ پڪ ڏني آهي. ڌهن وڏيڪ چيو ته هينئر وقت آيو آهي جو اسان سڀني سنڌين کي يڪمشت ٿي سنڌي سماج جي بهبوديءَ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو.

سيمينار جي پهرئين ڏينهن ٽن الڳ الڳ بيٺڪن ۾ ڊاڪٽر چينو لالواڻي، ارجن حاسد ۽ هيرو ٺڪر ”گذريل ڏهاڪي ۾ سنڌي ناٽڪ جو جائزو“، ”گذريل ڏهاڪي ۾ سنڌي شاعريءَ جو جائزو“ ۽ ”گذريل ڏهاڪي ۾ سنڌي مضمون نويسيءَ جو جائزو“ وشين تي سلسليوار مقالا پيش ڪيا. جن جي صدارت ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي، واسديو موهي ۽ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ڪئي؛ جڏهن ته هر ادبي بيٺڪ جو جدا جدا سنچالن وينا شرنگي، شريڪانت صدف ۽ پدم شرما طرفان ڪيو ويو. اِهي ٽيئي پيپر ايتري ته قابليت ۽ مهارت سان لکيل هئا، جو بحث لاءِ به ڊيليگيٽس دل کولي ڀاڱ ورتو؛ جن ۾ وينا شرنگي، ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، ريتو ڀاٽيه، شريڪانت صدف، مهيش پنجابي، پريم تولاڻي، جڳديش شهدادپوري ۽ ٻين ڪيترن ڊيليگيٽس دل کولي ڀاڱ ورتو.

سيمينار جي اهم خصوصيت اِها هئي ته تمام ڊيليگيٽس سمورو ڏينهن هر پيپر ۾ نه صرف حاضر رهيا، پر تعميري بحث مباحثو پڻ ڪندا رهيا. اِئين سمورو ڏينهن صرف علم ادب جون ڳالهيون ٿينديون رهيون. شام جو آل اِنڊيا سنڌي چيمبر آف ڪامرس ائنڊ انڊسٽريءَ جي پريزيڊنٽ امر دولتاڻي، جنرل سيڪريٽري ڪنعيالعل ٽوپاڻي، خزانچي دوارڪاداس وبڏاڻي، سيڪريٽري سنيش سکواڻي ۽ شهر جي معزز هستين، ڦتن سکواڻي ۽ ٻين ڊيليگيٽس سان هڪ مٽنگ 'Get Togther' رکي ويئي؛ جنهن جو سنچالن ٽيڪچند مست ڪيو. پريم تولاڻيءَ اديبن، عالمن ۽ پترڪارن جي سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ لاءِ ڪيل ڪوشش ۽ جاتيءَ جي سڃاڻپ واري اهميت تي بهترين نموني روشني وڌي. جنهن جي موٽ ۾ امر دولتاڻيءَ چيو ته اسان سنڌي

رايا پيش ڪيا. سوامي شانتي پرڪاش سيوا ڌرم جي ٽرسٽين دادا پريتمداس ڏيوناڻي، دادا نندلال بدلاڻي، شري ڪمار ڏيوناڻيءَ بيحد سٺي مهمانوازي ڪئي ۽ بسين رستي مندرن جو درشن ڪرايو.

۳۹ اکل ڀارت سنڌي سيمينار-

اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ پرچار سڀا طرفان نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج (اين.سي.پي.ايس.ايل.) جي سهڪار سان اوٽيتاليهون ساهتڪ سيمينار ”گذريل ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب جو جائزو“ وشيہ تي ١٦ ۽ ١٧ آڪٽوبر ٢٠٠٤ع تي احمدآباد ۾ شوَ گنگا هوٽل جي ڪانفرنس هال ۾ انتهائي سنجيدگيءَ سان آيوجت ڪيو ويو. هندستان جي الڳ الڳ شهرن مان ٧٥ کن ڊيليگيٽس سرگرم ڀاڱ ورتو.

مهورتي اُتسو لاءِ مکيہ مهمان هئي گجرات جي ايم.ايل.اي. ڊاڪٽر مايا پيڻ ڪوڏناڻي ۽ شري امر دولتاڻي. سيمينار جو اُدگهاٽن ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر حشو ياگنڪ کي گهرايو ويو هو. مهمان خصوصي طور سرو شري روچيرام ٿاواڻي، ڪنعيالعل گوپلاڻي، ٿڌرام پيارل ۽ لڇمڻداس روهڙا شرڪت ڪئي.

سڀا جي اڌيڪش چندرو هيراڻيءَ اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ پرچار سڀا جي گذريل سموري ڪاريہ، ٻوليءَ ۽ ادب جي وڪاس لاءِ ڪيل جدوجهد تي روشني وڌي. NCPSL جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر جيٺو لالواڻيءَ پريشد جي الڳ الڳ شيوائن جي ڄاڻ ڏني. سڀا جي سيڪريٽري جنرل ٽيڪچند مست آيل تمام اديبن، شاعرن، ڪلاڪارن ۽ جملي حاضرين جو سواگت ڪيو. ڊاڪٽر حشويائي ياگنڪ، ادبي سيمينارن جي اهميت ٻڌائيندي چيو تہ هنن سيمينارن ۾ بزرگ پيڙهيءَ سان گڏ نوجوانن جي شرڪت ٻوليءَ ۽ ادب جي وڪاس لاءِ نيون راهون کولينديون. مکيہ مهمان ڊاڪٽر مايا ڪوڏناڻيءَ ٻڌايو تہ هُن گجرات جي ڪڇ سنڌي گهٽگهرن سان گڏ مکيہ منتري نريندر موديءَ سان بہ

ڏينهن جي موقعي تي ۱۱ جولاءِ ۲۰۰۴ تي سوامي ڏرمداس دربار سنڌونگر ۾ سيمينار سڏايو ويو. مهورتي اِجلاس جي صدارت سائين بلرام صاحب ڪئي. سرو شري هري دلگير، پورفيسر مينا روپچنداڻي، پروفيسر سريتا شرما ضيا صاحب جي ساهتيڪ ديـن ۽ شاعريءَ تي پنهنجا مقالا پيش ڪيا. صدارت ڊاڪٽر جيتو لالواڻي، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي ۽ شري پريم تولاڻيءَ ڪئي. سرو شري دليپ سچاننداڻي ۽ آسودومل موهناڻي ڪنوينر رهيا.

۲۷ سيمينار-

شري هيرو ٺڪر دهليءَ جو ڪوجناتمڪ ساهتيڪار جنهن کي هن سال ساهت اڪاڊميءَ اِنعام سان بہ نوازيو آهي. اُن جي شخصيت، فن ۽ فڪر تي ۱۴ آگسٽ ۲۰۰۴ تي سنڌو ڪرانتي سنستا جي سهڪار سان پڪنڪ پارٽي پلاٽ، ڪبيرنگر ۾ ساهتيڪ سيمينار رکيو ويو. سرو شري جهمون ڇٻاڻي، ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي ۽ ڊاڪٽر جيتو لالواڻي هن جي شخصيت ۽ ساهتيڪ دين تي مقالا پڙهيا. سرو شري ڪنعيالعل گوپلاڻي، واسديو موهي ۽ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ صدارت ڪئي. برک شاعر ارجن حاسد جي صدارت هيٺ مشاعرو پيش ڪيو ويو، جنهن جو سنچالن شري ٽيڪچند مست ڪيو.

۲۸ اکل ڀارت ساهتيڪ سيمينار-

۱۰ ۽ ۱۱ سيپٽمبر ۲۰۰۴ تي ”شري ڪرشن جو سنڌي ساهت ۾ جائزو“ وشيہ تي ڀڳوان شري ڪرشن جي راس ليلائن جي جنم ڀومي بندرابن ۾ سوامي شانتي پرڪاش سيوا ڌام بندرابن ۾ شاهي پئماني تي سيمينار سڏايو ويو، جنهن لاءِ اِنڊس انڊ فائونڊيشن جي طرفان سهڪار ڏنو ويو. سيمينار جو مهورت سوامي ديوپرڪاش جي مهراج جن ڪيو. صدارت ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ ڪئي. ڪماري وينا شرنگي، شالني ساگر، پروفيسر سريتا شرما، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ پنهنجا معياري مقالا پيش ڪيا. سيني پيپرن تي ڊاڪٽر جيتو لعلواڻي پنهنجا

جينو لالوائيءَ مقالا پڙهيا. هن سيمينار کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ شري ڪنعيالال گوپلاڻي ويڙهو رفيق جو يوگدان ياد رکڻ جهڙو آهي.

٣٤ اکل ڀارت ساهتيڪ سيمينار -

١٤ ۽ ١٥ ميءِ ٢٠٠٣ تي سنڌي ڌرمشالا ڪالوپور احمدآباد ۾ نوجوانن لاءِ سيمينار سڏايو ويو، جنهن ۾ نوجوانن مقالا پڙهيا. ڪارروائي هلائي شري دليپ رامرکياڻي ۽ شري ڪنعيالعل گوپلاڻيءَ جي سهيوگ سان هيءُ سيمينار نوجوانن کي اُتساهه ڏيندڙ رهيو.

ساهتيڪار سان گڏجاڻي -

برک ساهتڪار ڊاڪٽر جينو لالواڻي سان ٢١ مارچ ٢٠٠٤ تي احمدآباد ۾ ”منهنجي ساهتڪ ياترا“ وشيه تي شاندار گڏجاڻي رکي وئي. شري جينت ريلواڻي، ڊاڪٽر جيني لالواڻي تي مقالو پيش ڪيو، جنهن بعد ڊاڪٽر لالواڻيءَ پنهنجي زندگيءَ جا اڻوسرجندڙ باب واقعا ساهتڪ ياترا جي دوران ٻڌايا. هن کي ڪيترين ئي سوکڙيون پيٽ ڪيون ويون.

٣٥ اکل ڀارت ساهتيڪ سيمينار -

”سنڌيءَ ۾ سنت ساهتيه“ پهريون دفعو ساهتيه تي ١٣ ۽ ١٤ ڊسمبر ٢٠٠٤ تي سڌارت هوٽل اُجين ۾ سيمينار رکيو ويو، جنهن ۾ سرو شري جينت ريلواڻي، هيرو ٺڪر، ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي، ڪماري وينا شرنگي پنهنجا مقالا پيش ڪيا. هيءُ سيمينار مڌيه پرديش سنڌي اڪاڊميءَ جي سهڪار سان ٿيو. اُجين جي برک ڪاريه ڪرتائن شري موٽواڻي، برجلال جهامناڻي، ارجن ڪتري ۽ صابو ريجهواڻيءَ نهايت ئي شاندار نموني مهمان نوازي ڪئي. ساهتيڪارن کي اُجين جي مکيه مندرن جو درشن ڪرايو ويو. رات جو يادگار سنگيت پروگرام پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ اٽڪل پنجن هزارن سنڌين سنگيت ۽ نرتيه جو لطف ماڻيو.

٣٦ سيمينار -

سنڌونگر جي مايهناز سداحيات شرعر شري پرسرام ضيا جي جنم

ڪارروائي ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، بينڪن جي ڪارروائي ڊاڪٽر لتا ٿهلياڻي هلائي، شڪر گذارِي ٽيڪچند مست ادا ڪئي.

۲۱ نوجوان ساهتيڪ سيمينار-

”سنڌِي ساهت ۾ مانائي ڇو؟“ وشيہ تي ۲۷-۲۸ ۽ ۲۹ سيمپٽمبر ۲۰۰۲ هردوار جي جئہ بابا ڌام ۾ نوجوان سيمينار سڏايو ويو. مهورت سوامي برهمداس اُداسيءَ ڪيو. الڳ الڳ وشين تي سروَ شري جئرام ڇمناڻي، سريش ببلاڻي، ڪمارِي ديا لالچنداڻي، شرِي گوبند خوشحالاڻي مقالا پڙهيا. مهورت اِجلاس جي صدارت ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي ڪئي. هن سيمبنار لاءِ اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن مالي اِمداد ڏني.

۲۲ ساهتيڪ سيمينار-

سنڌين جي انمول رتنن شرِي هوندراج دکايل ۽ شرِي هرِي دلگير تي گانڌيڌام جي اجنتا ساهت سنگم سنستا جي نينڊ تي ۲۲ ساهت سيمينار شرِي لال هوتچنداڻي ’لاچار‘ جي ڪوشش سان ٽيچرس ميموريل هال، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاءِ اسڪول گانڌيڌام ۾ سيمينار رکيو ويو جو نهايت ئي ڪامياب رهيو. دادا هوندراج دکايل عليل طبيعت هوندي بہ مهورتي اِجلاس ۾ شريڪ ٿيا. گانڌيڌام، آديپور جون مکيہ شخصيتن سيمينار ۾ شرڪت ڪئي. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي، ڊاڪٽر جينو لالواڻي، دادا هوندراج دکايل تي ۽ ڊاڪٽر موتِي پرڪاش ۽ شرِي جينت ريلواڻي دادا هرِي دلگير جي شخصيت ۽ هنن جي ساهتڪ دين تي مقالا پيش ڪيا.

۲۳ اکل ڀارت سنڌِي ساهتيڪ سيمينار-

راشٽريہ سنڌِي ٻولِي وڪاس پريشد وڙودرا جي مالِي اِمداد سان ۱ ۽ ۲ فيبروري ۲۰۰۲ تي شو گنگا هوٽل احمدآباد ۾ سنڌِي ٻوليءَ جو صحي واهپو وشيہ تي اکل ڀارت سطح تي سيمينار ٿيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ شرِي لڇمڻ ڀاٽيہ ڪومل، شرِي وڙهو رفيق ۽ ڊاڪٽر

اُلهاسنگر-٣ ۾ ساهتڪ ڪچهري سڏائي ويئي، جنهن جي صدارت ڏاڪٽر نارايڻ ڀارتي ڪئي. شري اُتم پنهنجيءَ ساهتڪ ياترا جو ورنن ڪيو، جنهن بعد هن جو سواگت ڪيو ويو.

ليکڪ سان ملاقات-

١٢ جنوري ٢٠٠٢ تي برک ساهتڪار شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ٨٠ جنم ڏينهن تي شاندار گڏجاڻي آر. ڪي. تلريجا ڪاليج ۾ رکي ويئي، جنهن جي صدارت ڏاڪٽر ارجن حاسد ڪئي. شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو سواگت ناريل، مصري ۽ شال سان ڪيو ويو. ٻاٻاڻي صاحب ساهتڪ ياترا ۾ سرگرمين جو بيان ڪيو.

سنڌونگر جي برک ساهتڪار ڏاڪٽر جڳديش لڇاڻي سان، شري نيوند واڌواڻيءَ جي صدارت هيٺ ملاقات رکي ويئي، جنهن ۾ لڇاڻي صاحب پنهنجي ساهتڪ ياترا ۽ حياتيءَ جا آزمودا ٻڌايا. سڀا طرفان هن صاحب جو سواگت ڪيو ويو.

٣٠ اکل ڀارت سنڌي ساهتيڪ سيمينار-

انمول رتن سنڌي ليکڪائن شريمتي سندري اُتمچنداڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي، شريمتي ريٽا شهاڻي، ڏاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي جي شخصيت ۽ ساهتڪ دين تي ٢٣ ۽ ٢٤ مارچ ٢٠٠٢ تي سوامي شانتي پرڪاش ڌرمشالا سنڌونگر-٥ ۾ نهايت ئي ڀپڪيدار طريقي سيمينار سڏايو ويو. سوامي ديوپرڪاش جي مهراج سيمينار جو مهورت ڪيو. شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ مهورتي اِجلاس جي صدارت ڪئي. شريمتي ريٽا شهاڻي، سندري اُتمچنداڻي، پوپٽي هيرانندڻي، ڏاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي تي معياري مقال سروَ شري هري موٽواڻي، لڇمڻ ڀمياڻي، ڏاڪٽر جڳديش لڇاڻي ۽ ڏاڪٽر جينو لالواڻي پڙهيا، جنجي صدارت ڏاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي، پروفيسر هيرو شيوڪاڻي، هري موٽواڻي، ڏاڪٽر ديال آشا ڪئي. سيمينار جي مهورتي اِجلاس جي

جنهن جي وشيہ هئي: ’سنڌي ساهت ۾ ڀارت جي ڀين ڀولين جي ڀومڪا‘ مقالو لکندڙ هئا: ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي، پروفيسر لڇمڻ هردواڻي، ڪماري وينا شرنگي ۽ ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي. صدارت ڪئي: ڊاڪٽر نرملا آسناڻي، ڊاڪٽر چينو لعلواڻي، ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي، ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي. ٻينڪن جي ڪارروائي: شري سريش بابلاڻي، پروفيسر انيتا ڏوڏيڄا، مدن جماڻي، لڇمڻداس ڪيسواڻي، سيمينار جو نچوڙ شري پريم تولاڻي. سيمينار جي ڪارروائي هلائي شري ٽيڪچند مست. هن موقعي تي برهما ڪماريزي جي دادي جانڪيءَ سيني جو سواگت ڪيو.

٢٧ ساهتيڪ سيمينار-

١٨ جون ٢٠٠٠ تي سنڌونگر جي سداحيات شري ڪشنلال ٻجاج جي شخصيت ۽ ساهتڪ يوگدان تي ساڌو واسواڻي سينٽر سنڌونگر-٢ ۾ سيمينار رکيو ويو، جنهن ۾ سرو شري ٽي. سي. ٽارواڻي، پروفيسر گوپي روچنداڻي ۽ منوهر بيديءَ پنهنجا لکيل مقالا پيش ڪيا.

٢٩ اکل ڀارت سنڌي ساهتيڪ سيمينار-

سنڌي ساهت جي مايعناز سداحيات ساهتيڪار شري گوبند مالهيءَ جي فن-فڪر ۽ شخصيت تي ٻن ڏينهن جو سيمينار ٢٣ ۽ ٢٤ جون ٢٠٠١، سوامي شانتي پرڪاش يوگا ۽ چڪستا ڪيندر اُلهاسنگر جي سهڪار سان سڏايو ويو، جنهن ۾ معياري مقالا پيش ڪيا سرو شري لڇمڻ ڀاٽيہ ڪومل، شري لڇمڻ ڀمڀاڻي، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي ۽ واسديو نرمل. شري ڪيرت باباڻيءَ مهورتي اِجلاس جي صدارت ڪئي. سماپن لکمي کلاڻيءَ ڪيو.

ليکڪ سان ملاقات-

٢٨ ڊسمبر ٢٠٠١ تي برک ساهتڪار شري اي. جي. اتم سان هن جي ٧٩ جنم ڏينهن ملهائڻ جي سلسلي ۾ آر. ڪي. تلريجا ڪاليج

ڪالاڻي ايڊيوڪيشن ڪاليج سنڌونگر ۾ ڪونايو ويو، جنهن ۾ پروفيسر ڪومل جاني، شري آسودومل موهناڻي ۽ پروفيسر جڳديش لڇاڻي، اڄ جي سنڌي تعليم لاءِ نوان طريقا، مهاڙن جو اُپيوڳ ۽ سنڌونگر ۾ سنڌي تعليم تي پيپر پيش ڪيا. ڊاڪٽر ياون واڌواڻي، ڊاڪٽر بلديو متلاڻي، ڊاڪٽر ديال آشا صدارت ڪئي. سيمينار جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر گورڌن جاني.

٢٤ ساهت سيمينار گنگا نديءَ جي پوتر ڪناري تي وسيل هردوار ۾ ١٣-١٤ مارچ سڏايو ويو، جنهن جي وشيه هئي، ”سنڌين ۾ سماجڪ ۽ سانسڪرتڪ تبديليون“ معياري پيپر پڙهندڙ هئا: ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، ڪمارِي وينا شرنگي، شريمتي نندني پنجواڻي ۽ شرِي مدن جماڻي. هن موقعي تي سڀا جو ١٤ سالگره ڌام ڌوم سان ملهايو ويو.

سيمينارن جو سلسلو جارِي رکندي سڀا جي طرفان سلور جبلي ساهتڪ سيمينار، مهاراشٽر جي مشهور پهاڙي جڳهه لوناوالا جي شهاڻي هاليڊي هوم ۾ ٢٥-٢٦ سيپٽمبر ١٩٩٩ تي رکيو ويو، جنهن جي وشيه هئي: سنڌي غزل، تعليم، ناول، آکاڻي ۽ ناٽڪ اڄ ۽ هاڻي. سنڌيءَ جا برک ساهتڪار سروَ شري ڪرشن راهي، ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ۽ ڊاڪٽر جينو لعلواڻي معياري مقالا پيش ڪيا، جن تي کليل دل سان بحث ڪيو ويو.

دوردرشن ممبئي تان هن سلور جبلي سيمينار جي رڪارڊنگ ڪرڻ لاءِ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر شرِي آنند شوپوري ۽ اسسٽنٽ پروڊيوسر رميش کانچنداڻي پوري ٽيم سان لوناوالا آيا. آڪاشواڻي ممبئي تان پڻ سيمينار جي رپورٽ پيش ڪئي.

راشٽريه سنڌي ٻوليِ وڪاس پريشد جي مالي مدد سان-

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا طرفان ٢٦ اکل ڀارت سطح تي سيمينار مائونٽ آبوءَ ۾ ٢٦ ۽ ٢٧ فيبروري ٢٠٠٠ سڏايو ويو.

گوپلاڻي، ڊاڪٽر ڄيٺو لعلواڻي ۽ شري ڄگديش شهدادپوريءِ طرفان سنگيت ڪلاڪارن ۽ جدا جدا پرانتن مان آيل شاعرن جو شاندار سنمان ڪندي هنن کي سوکڙيون پيش ڪيون.

۲-۳ مئي ۱۹۹۸ع : مئٿران خوبصورت پهاڙي جڳهه جي مهاراشٽر ٽوئرزم هاليڊي رسارٽ ۾ اکل ڀارت سطح تي ۲۱ ساهتڪ سيمينار سڏايو ويو، جنهن ۾ برک ساهتڪارن ڀاڱ ورتو. سيمينار جي وشيه هئي '۵۰ سال سنڌي تعليم جو جائزو ۽ آئينده' هن وشيه تي ڊاڪٽر ڪنهيالعل ليکواڻي، ڊاڪٽر ڄيٺو لعلواڻي ۽ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ پنهنجن پرانتن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو جائزو ۽ آئينده بابت ڪوڄناتمڪ ليک پڙهيا. هن موقعي تي هڪ لک روپيا اِنعام حاصل ڪندڙ شريمتي ريٽا شهاڻي جو پيڪيدار سنمان ڪيو ويو. سيمينار جو مهورت شري ڪيرت ٻاٻاڻي ڪيو. ٻئٽڪن جي صدارت شريِ ڪرشن راهيِ، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي ۽ شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪئي. رات جو ڪچڙي پروگرام پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ بنداس ٻڌجي آيلن موڄ مچائيِ.

۱۸ جوُن ۱۹۹۸ : سنڌونگر جي پرائمري اسڪولن ۾ پڙهندڙ گهرجائو شاگردن کي سڀا طرفان مفت اسڪولي يونيفارم ۽ نوٽبوڪ مفت ۾ ڏنا ويا.

۲۶-۲۷ سيپٽمبر ۱۹۹۸ : سنڌين جي شاهيِ بستي سنڌونگر ۾ اکل ڀارت سطح تي سيمينار سڏايو ويو، جنهن جيِ وشيه هئي '۵۰ سال سنڌي اخبارنويسي جائزو ۽ آئينده' ڪنوينر ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي. پيپر پڙهندڙ شري پريم تولاڻي، شري جهمون ڇٻاڻي، شريِ جينت ريلواڻي ۽ نندني پنجواڻي. سماپن: شريِ ڄئرام روپاڻيِ.

'۵۰ سال سنڌيِ ناٽڪ - جائزو ۽ آئينده' ڪنوينر شريِ مدن جماڻي، مقالا پڙهندڙ شري مدن جماڻي، شريِ لڇمڻ ڀمڀاڻي، ڊاڪٽر ڄيٺو لعلواڻي. سماپن : رميش مهتا.

۲۷ جنوريِ ۱۹۹۸ : 'سنڌيِ ساهت سيمينار' شهيد ڏنيچند

۾ رنگ جمايو. مشاعرو گجرات راجيه سنڌي ساهت اڪادميءَ جي سهڪار سان پيش ڪيو ويو. مشاعري جو سنچالن شري ٽيڪچند مست ڪيو. شري ڪنعيالعل گوپلاڻي، ڊاڪٽر جينو لعلواڻي ۽ جگديش شهدادپوري شاعرن جو سنمان ڪيو ويو.

٢١ جنوري ١٩٩٨ : سنڌونگر جي سيٺ پرسرام پارومل نيو ايريا هاءِ اسڪول ۾ ١٢ اِنٽر ڪاليج اِنعامي چٽاپيٽي رکي ويئي، جنهن ۾ سنڌونگر جي ٥ ڪاليجن جي شاگردن ڀاڱ ورتو هئو. چٽاپيٽي شري سريش پهلاجراءِ آهوجا جي ياد ۾ رکي ويئي. پهريون نمبر آيل شاگردن کي ٥ هزار روپين جي ٽرافي، ٥٠٠ روپيا روڪ، ٻئين نمبر آيل ٻن شاگردن کي ٢٥٠-٢٥٠ روپيا روڪ اِنعام ڏنا ويا. ڀاڱ وٺندڙ سڀني شاگردن کي سوکڙيون ڏنيو ويون.

١٦مارچ ١٩٩٨ : سڀا جو ١٢ ساليانو اُتسو، سنڌونگر جي روٽري ڪلب ڪانفرنس هال ۾ رکيو ويو، جنهن ۾ سنڌونگر ۽ ممبئيءَ جي ڪلاڪارن نرتيه ۽ سنگيت سان موج مچائي. هن موقعي تي آيل ڪلاڪارن جو سنمان ٽرافين، شالن، گلن جي هارن سان ڪيو ويو. آيل معزز شخصيتن، ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن جو سنمان سڀا جي پريزيڊنٽ شري چندرو هيراڻي، وائيس پريزيڊنٽ شري نندلعل راجپال ۽ چيئرمن شري شنڪر هريراماڻيءَ طرفان ڪيو ويو.

٢٩ مارچ ١٩٩٨ : سنڌين جي برک ليکڪا شريمتي رتنا گوديا جو سنڌي ناول 'محبت جي منزل' سڀا طرفان شايع ڪرايو ويو، اُن جو مهورت سنڌونگر ۾ پيکيدار نموني ڪيو ويو.

٢٩ مارچ ١٩٩٨ : احمدآباد ۾ گجرات سنڌي ساهت اڪادميءَ جي سهڪار سان اکل ڀارت سطح تي ١٥ اکل ڀارت سنڌي مشاعرو ۽ سنگيت محفل سڏائي ويئي. مشاعري جي صدارت برک شاعر شري ارجن حاسد ڪئي. ڪارروائي ٽيڪچند مست هلائي. شري ڪنعيو

پارٽيءَ جي ساهتڪ يوگدان تي ساهتڪ سيمينار سنڌونگر جي گلئمور هوٽل ۾ رکيو ويو. جنهن ۾ شريمتي رينا شهاڻي ۽ ڊاڪٽر پرسو گدواڻيءَ پنهنجا معياري مقالا پڙهيا. هن موقعي تي مرڪزي ساهت اڪادميءَ طرفان اِنعام حاصل ڪندڙ شري لکمي کلاڻيءَ جو سنمان ڪيو ويو.

١٠ فيبروري ١٩٩٧ : سنڌونگر جي چاندي بائي ڪاليج ۾ هندستان جي جدا جدا شهرن ۾ سنڌي تعليم جو جائزو وٺڻ لاءِ تعليم ڪانفرنس سڏائي ويئي، جنهن ۾ ٻاهران آيل ۽ سنڌو نگر جي ڪيترن ئي پرنسيپالن ۽ ساهتڪارن ڀاڱ ورتو.

١٥ مارچ ١٩٩٧ : سڀا جو ١٢ ساليانو اُتسو نئين ممبئي واشي ۾ ڌام ڌوم سان ملهايو ويو. سنگيت ۽ نرتيه جي پروگرام ۾ ڪلاڪارن حاضرين کي جهومائي ڇڏيو. هن موقعي تي برک سنگيت ڪلاڪارن شريمتي ڪشو شنڪر هريراماڻي، ڪاجل ڪيولراماڻي، رميش راجپال ۽ ڪماري لتا ڀگتاڻي جو ڪلا کيتر ۾ ڪيل ڪاريه لاءِ شاندار ٽرافي ۽ شالن سان سنمان ڪيو ويو. ساهتڪ کيتر لاءِ شري ٽيڪچند مست جو سنمان ڪيو ويو. شري ناري گرسهاڻي، شري ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي ۽ واشيءَ جي مکيه شخصيتن جو سنمان، سڀا جي پريزيڊنٽ شري چندرو هيراڻي، وائيس پريزيڊنٽ شري نندلعل راجپال ۽ شري ونود ٻاڪرو ۽ چيئرمن شري شنڪر هريراماڻيءَ طرفان ڀيڪيدار نموني ڪيو ويو.

٢٢ مارچ ١٩٩٧ : احمدآباد ۾ برک ساهتيڪار ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي جي تعليمي ۽ ساهتڪ يوگدان تي ٢٠ سيمينار سڏايو ويو، جنهن ۾ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، هري موٽواڻي، جڳت رٻلواڻي ۽ ڪماري وينا شرنگي پنهنجا مقالا پيش ڪيا.

٢٣ مارچ ١٩٩٧ : احمدآباد ۾ شري هري دلگير جي صدارت هيٺ اڪل ڀارت ١٥ سنڌي مشاعرو سڏايو ويو، جنهن ۾ هندستان جي الڳ الڳ شهرن مان آيل شاعرن مشاعري ۾ شعر ۽ شاعريءَ جي محفل

تہ ھو ٻاڻ کي ۽ پنھنجي رچنائن کي خارجي نظر سان ڏسي ٿو ۽ ھن کي اڳتي ھلي وڌيڪ ۽ بھتر لکڻ جي پريرڻا ملي ٿي.

ورنا يقين ڪريو، سيمينار سڏائڻ سولي ڳالھہ ناھي. اڄ جي پيچ پچان واري زندگيءَ ۾ ھرڪو مصروف آھي. سيني کي نينڊون موڪلڻ پيپر لکڻ وارن کي وري وري رمائينڊر موڪلڻ، رھائش ۽ کاڌي پيتي جو مڪمل بندوبست ڪرڻ، سيمينار جي ڪارروائيءَ کي اِنتظام سان ھلائڻ، سيمينار جو آداب قائم رکڻ، خرچ کي سنڀالڻ، ھرھڪ جي وس جي ڳالھہ ڪانھي. لڳي اِئين ٿو تہ سيا جا بانيڪار اِھو سڀ ڪري ڪري، اِنھن ڳالھين ۾ ماھر ٿي ويا آھن. اِھو بہ سچ آھي تہ ٽيڪچند مست کي پنھنجن بين ساٿين آنند آھوجا، چندرو ھيراڻي، نندلعل راجپال، ونود باڪرو، جيٺو لعلواڻي، ھوندراج بلواڻي، چندر ساوناڻي، شيام رامرڪياڻي ۽ مرچو مسڪين وٽان ڀرپور سھڪار ملي رھيو آھي.

شريمتي ريٽا شھاڻيءَ جي ١٩٩٦ع ۾ لکيل ليک بعد سيا طرفان پروگرامن جو سلسلو جارِي رکندي:

٢٨ جنوري ١٩٩٦ تي شھيد دنيچند ڪالاڻي ايڊيوڪيشن ڪاليج ۾ ١٣ اِنٽر ڪاليج اِنعامي تقرير چٽاڀيٽي رکي ويئي. وشيہ ھئي 'درودرشن پروگرامن جو شاگردن جي پڙھائيءَ ۽ اخلاق تي اثر.' ھن چٽاڀيٽيءَ ۾ شاگردن سرگرم بھرو ورتو، کين ٥ ھزار روپين جي شيلڊ ۽ روڪ اِنعام ۽ سوکڙيون ڏنيون ويون.

٢٧-٢٨ آڪٽوبر ١٩٩٦: نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج بڙودا منسٽري آف ايڊيوڪيشن ڀارت سرڪار جي سھڪار سان لوناوالا ۾ ٻن ڏينھن جو ساھتڪ سيمينار رکيو ويو، جنھن جي وشيہ ھئي 'سنڌين جو ٻين ٻولين ۾ ساھتڪ يوگدان' معيارِي مقالا لکندڙ ھئا، ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، پروفيسر لڇمڻ ھردواڻي، لڇمڻ ڀمڀاڻي ۽ جينت ريلواڻي.

١٢ جنوري ١٩٩٧: سنڌونگر برک ساھتڪار، پترڪار، ڊاڪٽر نارائڻ

۲۵ جون ۱۹۹۵ - 'سنڌين ۾ ايڪتا ۽ سرڪشا' وشيہ تي ساهتڪ سيمينار اُلهاسنگر ۾ رکيو ويو.

مٿي ڏنل سوچيءَ مان پرچار سڀا جي سرگرمين جي پليءَ پٽ جاڻ پوي ٿي تہ ڪيئن سڀا جا بانيڪار پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. هوءَ سنڌي ساهتڪار کي هڪ منچ تي گڏ ڪرڻ ۽ هنن جي ڪلا کي زنده رکڻ جي ڪوشش ۾ سڀ حيلا وسيلا هلائي رهيا آهن. حيات اديبن جي يوگدان تي سيمينار سڏائڻ جي هن وقت پنهنجي اهميت آهي. سنڌي ادب ۾ پاٺڪ عدم موجود آهن. هنن کي پڙهڻ وارا آهن ٻيا ليکڪ. ليکڪ ئي اسان جا پاٺڪ آهن ۽ اُهي ئي ليکڪ پاڻ پنهنجي رچناتمڪ دنيا ۾ مايوس ۽ نراس آهن. جيڪو ليکڪ پاڻ پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هوندو سو ٻين جي پرک ۽ قدر ڇو ۽ ڪيئن ڪندو؟ اِن ڪري اڄ جو ليکڪ فرسٽريشن جو شڪار آهي. هو ٻين مٿان قدرداني نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن قسم جي ردعمل جي اُميد رکي ٿو، پر اِها بہ هن کي نٿي ملي. پاٺڪن جي عدم موجودگيءَ سبب هنجي تخليقي دنيا ۾ هڪ خال آهي، اِهو خال ڪيئن ڀرجي؟ سڀا جي اهڙن سيمينارن جي آيوجن سان اِهو ڪم ڪنهن حد تائين سرانجام ٿي رهيو آهي. ها، ساهتڪارن ۽ پيپر لکندڙ جي چونڊ جو صحيح هجڻ نهايت ئي اهم آهي. اِها چونڊ ڪنهن کي تہ ڪرڻي آهي. اُن وشيہ تي خيالات جو اختلاف ٿي سگهي ٿو، پر اهو اختلاف خود پاڻ ۾ صحت جي نشاني آهي.

هرهڪ کي پنهنجو نظريو ۽ ويچار رکڻ جو حق آهي. پر منهنجي ويچار موجب ليکڪ جو اُتساهہ قائم رکڻ ۽ هن جي ٻيجان رچناتمڪ جيون ۾ جان ڦوڪڻ، هن وقت جي اهم ترين تقاضا آهي، جيڪو ڪم پرچار سڀا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

گنڀير ماحول ۾ جڏهن عالم، ليکڪ جي سامهون سندس رچنائن جي اوک ڊوک ڪن ٿا، ساراهہ جي شبدن سان گڏ نڪتہچيني بہ ڪن ٿا

پيپر پيش ڪندڙ: ڊاڪٽر موتيلعل جوتوائڻي، شيام جئسنگهاڻي، شريمتي اِندرا وا اسوائڻي.

(۴)٦ فيبروري ١٩٩۴ - پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ساهتڪ يوڳدان.

پيپر پيش ڪندڙ: ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ ناڪر چاولا.

(۵) ٢٧ سيپٽمبر ١٩٩۴ - پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو ساهتڪ يوڳدان، بمبئي. پيپر پيش ڪندڙ: ريٽا شهاڻي، شري جڳديش لڇاڻي، لڇمڻ ڀميائي.

(٦) ١١-١٢ مارچ ١٩٩۵ - پريو وفا جو ساهتڪ يوڳدان، لوناوالا. پيپر پيش ڪندڙ: هريِ دلگير، ڊاڪٽر ٻلديو ڳاجرا، واسديو نرمل.

(٧) ١١ جون ١٩٩۵ - ريٽا شهاڻيءَ جو ساهتڪ يوڳدان، احمدآباد. پيپر پيش ڪندڙ: هريِ دلگير، محتاب محبوب، ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي، جينت ريلواڻي.

(٨) ١٠ ڊسمبر ١٩٩۵ - واسديو نرمل جو ساهتڪ يوڳدان، بمبئي. پيپر پيش ڪندڙ: پوپٽي هيرانندڻاڻي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ پريو وفا.

(٩) ٢-٣ مارچ ١٩٩٦ - ارجن حاسد جو ساهتڪ يوڳدان، هردوار. پيپر پيش ڪندڙ: ريٽا شهاڻي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، جينو لعلواڻي.

تنهن کانسواءِ جڏهن جڏهن ٻن ڏينهن جو پروگرام رٿيو ويو، هڪ ٻئي وشيہ تي بہ سيمينار ڪيو ويو. جهڙوڪ:

فيبروري ١٩٩٣ - تعليمي سيمينار، لوناوالا ۾.

آڪٽوبر ١٩٩٣ - آڊيو ويڊيو ڪلچر ۾ ساهت جي ضرورت، اُلهاسنگر.

مارچ ١٩٩۵ ۾ - اخبارنويسيءَ تي سيمينار، لوناوالا.

مارچ ١٩٩٦ ۾ - سنڌي ايڪويهين صديءَ ۾، هردوار.

(٧) ٢٦-٢٧ آگسٽ ١٩٩٠ - پترڪارن جا مسئلا، سيمينار، هردوار.

(٨) ٢٥-٢٦ نومبر ١٩٩٠ - احمدآباد ۾ سيمينار - مشاعرو ۽ ڪلچرل پروگرام - گجرات سنڌي اڪادميءَ جي سهڪار سان.

(٩) ٢٦ جنوري ١٩٩١ - ڪاليجي شاگردن جي اِنعامي چٽاپيٽي - آر. ڪي. تلريجا، اُلهاس نگر.

(١٠) ٢ مارچ ١٩٩١ - سيمينار "سنڌي ساهت ۾ مانائي"، هوٽل پارڪ لين، دادر.

(١١) ٢٥ اپريل ١٩٩١ - ساهتڪارن جي گڏجاڻي - هوٽل پارڪ لين، دادر.

(١٢) ٦-٧ جولاءِ ١٩٩١ - سنڌي ايڪويهين صديءَ ۾، لوناوالا ساهتڪ سيمينار.

(١٣) ٢٩-٣٠ مارچ ١٩٩٢ - 'ٽريڊيشن ائنڊ ماڊرنٽي اِن سنڌي لٽريچر' ناسڪ ۾.

(١٤) ٥ مارچ ١٩٩٢ - اِنٽر ڪاليج اِنعامي چٽاپيٽي، اُلهاسنگر.

فيبروري ١٩٩٣ کان وٺي پرچار سڀا، سنڌي ساهتيڪارن جي ساهتڪ يوگدان کي وٺي سيمينارن جو سلسلو شروع ڪيو آهي، جنهن کي چڱي خاص سڦلتا ملي آهي:

(١) ٢٧-٢٨ فيبروري ١٩٩٣ - ساهتڪ ۽ تعليمي سيمينار، لوناوالا جي موقعي تي ڪوي اِندر پوجواڻي ۽ موهن ڪلپنا جي يوگدان تي پيپر پڙهيا ويا. پيپر پڙهندڙ: هريڪانت ۽ پروفيسر هيرو شيوڪاڻي.

(٢) ٥ سيپٽمبر ١٩٩٣ - پوپٽي هيراننداڻيءَ جو ساهتڪ يوگدان، بمبئي. پيپر پيش ڪندڙ: ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، ريٽا شهاڻي ۽ شري جڳديش لڇاڻي.

(٣) ٣٠-٣١ آڪٽوبر ١٩٩٣ - هري موٽواڻيءَ جو ساهتڪ يوگدان -

ڪيو. هن ڏس ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو پنهنجو اِتهاسڪ يوڳدان رهيو آهي. هوءَ ٽيڪچند مست جي برجستي رهبريءَ ۾ ترقيءَ طرف تڪڙيون وکون وڌائي رهي آهي. ٻرڪ شاعر ارجن شاد جي شبدن ۾ ”جتي ٻيون ساهتڪ سنستائون ٽيهن سالن جي عرصي ۾ ڪم نہ ڪري سگهيون، اتي هن سڀا ڏهن سالن جي ننڍڙي عرصي ۾ گهڻو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي.“ هن سڀا ٻارهان سالن ۾ سورهان سڦل ساهتيڪ سيمينار ڪيا، ڪاليجي شاگردن لاءِ اِنعامي چٽاڀيٽيون رکيون، انيڪ مشاعرن جو آيوجن ڪيو ۽ دوردرشن تي ڪيترا پروگرام پيش ڪيا. ڪين سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ، گجرات ساهت اڪادمي، آڪاشواڻي، دوردرشن وغيره جو وقت بہ وقت ڀرپور ساٿ ملندو پئي رهيو.

گذريل ڏهن سالن ۾ پرچار سڀا جي ڪاريہ ڪرمن (دوردرشن ۽ ريڊيو جي پروگرامن کي ڇڏي) جي روپ ريکا مان پيش ڪري رهيا آهيان، جيڪا سڀا جي ڪاريہ ڪشلتا ۽ اِنتظام تي روشني وجهندي:

(۱) ۲ فيبروري ۱۹۸٦ - سنڌي مشاعرو، احمدآباد- اکل ڀارت سطح تي شاعرن جي شرڪت.

(۲) ۲٦-۲۷ سيپٽمبر ۱۹۸٦ - ساهت سيمينار، لوناوالا- هندستان جي ٦۲ ساهتيڪارن ڀاڱ ورتو.

(۳) ۲۹-۳۰ مارچ ۱۹۸۷ - بمبئيءَ ۽ سنڌو نگر ۾ ساهت سيمينار- سي. ايڇ. ڊي. جي سهڪار سان.

(۴) ۳۰ آگسٽ ۱۹۸۷ - تعليمي ڪانفرنس، پمپري پونا.

(۵) ۱۱ آڪٽوبر ۱۹۸۸ - ”سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو“ اِنعامي چٽاڀيٽي، ماهيم، ممبئي.

(٦) ۱۵-۱٦ اپريل ۱۹۸۹ - سنڌي يونيورسٽيءَ تي سيمينار، لوناوالا - سي. ايڇ. ڊي. جي سهڪار سان.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ پرچار سڀا جو يوگدان

-ريتا شهاڻي

هن صديءَ جي وچ ڌاري سنڌي جاتي، سياست جو ڪجهہ اهڙو شڪار بڻي جو هن لاءِ پنهنجو وجود بچائڻ مشڪل ٿي پيو. ڀارت کي آزادي ملي، سنڌ جي هندن کي پنهنجي جان ۽ عزت بچائڻ خاطر پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو ۽ اِهو اِتهاس جو هڪ دردناڪ واقعو بڻجي پيو. صديءَ جو پهريون اڌ، هنن جو وقت پنهنجي ۽ پنهنجي پريوار کي نئين سِر، نئين ڌرتيءَ ۾ کوڙڻ ۾ وقف ٿي ويو. ظاهر آهي تہ اُن جدوجهد ۾ عام سنڌيءَ جو پنهنجي ٻولي، سنسڪرتيءَ ۽ ساهتيہ طرف ڌيان گهٽ ويو. اِهو بہ سچ آهي تہ پنهنجي زمين تان اُکڙيل جاتيءَ ٿوري عرصي ۾ پنهنجي محنت، ٻڌيءَ ۽ واپار ڪوشل سان جيئڻ ۽ جهڙي ترقي ڪئي، اُهو سنسار ۾ پنهنجي ليکي هڪ مثال بڻجي پيو. اُن دوارن کي ڳاڻ ڳڻيا ذهني اڳوان بہ پيدا ٿيا، جن جو پنهنجي ٻولي ۽ ساهتيہ لاءِ هڏ ڪرکيو. هنن اُن کي بچائڻ خاطر کي يتن ڪيا. حقيقت ۾ سنڌي سماج جو هڪڙو طبقو پنهنجي ٻولي ۽ ساهتيہ سان سچار رهيو. ڪن ساهتيڪارن گڏجي ڪي ثابت قدم کنيا ۽ سنڌي ادب جي جهنڊي کي جهڪڻ نہ ڏنو. ڪي منڊل، سڀائون ۽ سنسٿائون برپا ٿيڻ لڳيون، جن جو ڪاريہ هڪ اِتهاسڪ ڪارنامو بڻجي پيو.

اهڙي پهرين سنسٿا ١٩٥٩ع ۾ سنڌي ساهتيہ منڊل جي نالي سان بمبئيءَ ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ برپا ٿي. ڀارت جي ڀن ڀن جڳهين تي پڻ مڪاني ليول تي اهڙيون سڀائون ٺهڻ لڳيون. پوني، لکنو، دهلي، آگري ۽ ٻين آستانن تي سنڌي ساهتيہ سڀائون ٿيون ۽ پنهنجي نموني سان ڪم ڪرڻ لڳيون. اکل ڀارتي سطح تي جن سنسٿائن جو نرماڻ ٿيو، اُنهن ساهتيہ جي ميدان ۾ اڳتي هلي چرپر آندي ۽ سموري ديش جي ليکڪن ۽ ڪلاڪارن لاءِ هڪ منچ تيار

”وديا ددات وِنيم“ مطلب تہ وديا نئڙت سيکاريندڙ آهي. سنت کنوررام نئڙت جي مورت هو. نئڙت ملنديِ آهي علمي اِدارن مان. تہ پلا اِهائي صورت چو پوئتي رهجي وڃي.

ڀارت ۾ ١١ وديالیہ کولي سنت کنوررام جي نئڙت جو پيغام پهچائڻ جو ڪم سنڌين ڪيو آهي. مهاراشٽر ۾ هڪ، گجرات ۽ مڌيہ پرديش ۾ ٻہ ٻہ، راجستان ۽ اُترپرديش ۾ ٽي ٽي. اِهي ڪهڙي درجي جا آهن پرائيمري، اسڪول يا ڪاليج اِها ڄاڻ حاصل نہ ٿي سگهي آهي.

مهاراشٽر ۾ امراوتي؛ گجرات ۾ پاونگر، آديپور؛ مڌيہ پرديش ۾ ستنا ۽ ڊبرا؛ راجستان ۾ ڪوٽا، اجمير، اُديپور؛ اُترپرديش ۾ رائبريلي، ڪانپور ۽ آگرا ۾ علمي اِدارا هلن پيا.

سنگيت جو آڌار راڳ آهي. راڳ سنت کنوررام جو ضياپو هو. راڳ آهي تہ سنگيت آهي. سنڌي سنگيت جتي آهي، اُتي سنت کنور آهي ئي آهي. کنور جي هڪل ڪوهن، مٿلن ڪان ٻڌي عشق جي سرت پيئڻ لاءِ سنڌ جي ڳوٺن ۾ هندو هجن يا مومن سيئي ديوانن جيان پيٽين ۾ پهچي ويندا هئا.

سنگيت کنور نالي هڪ اِدارو آديپور ۾ آهي، جنهن کي شري لکمي ڪلاڻي سنچالت ڪري ديش ۽ وديش ۾ سنت جو نالو روشن ڪري رهيو آهي.

هوشنگاباد ۾ هڪ مئريج بيورو بہ هلي رهيو آهي.

سڄي ڀارت ۾ ٨٣ شهرن جا ١٠٦ اِدارا ”امر شهيد سنت کنوررام مِشن“ شِوَ شانتي سنت آسودارام آشرم، لکنو سان جڙيا آهن، جن جي سوچنا جي آڌار تي هيءَ ڄاڻ پيش ڪئي ويئي آهي.

- گيان پرڪاش ٽيڪچنداڻي ’سرل‘
١٦/٣ ١، رام نگر ڪالوني، فيض آباد - ١
فون: ٢٣٦٣٢ (٠٥٢٧٨)، موبائيل: ٩٣١٣١١٦٠٩٩

راجستان جي ڪوٽا، بيڪانير، بياور؛ گجرات جي بڙودا ۾ هڪ، مڌيہ پرديش جي اِٽارسيءَ ۾ هڪ، اُترپرديش جي رائبريلي شهر ۾ هڪ پيائو هلي رهيو آهي.

اسپتالون-

بيمارن جي علاج واسطي سنت جي نالي تي سنڌين اِسپتالون بہ گهٽيئي کوليون آهن. راجستان ۽ مهاراشٽر هن سيوا ۾ سڀني کان اڳرا آهن.

راجستان، مهاراشٽر ۾ ٢-٢، مڌيہ پرديش جي اِندور ۽ ڇتيسگڙه جي رائپور ۾ هڪ هڪ اسپتال آهي.

ڌرمشالائون-

ڀارت ۾ سنڌين ڌرمشالائون ٺهرايون آهن. ٥٢ ڌرمشالائون سنت جو نالو روشن ڪري رهيون آهن.

راجستان ۾ ١٦، مهاراشٽر ۾ ١٣، اُتر پرديش ۽ گجرات ۾ ٦-٦، مڌيہ پرديش ۾ ٥، ڇتسيگڙه ۾ ٣، دهليءَ ۽ پشچم بنگال ۾ ١-١.

راجستان ۾ اِهي شهر آهن: ڪوٽا، اجمير، جوڌپور، بيڪانير، ڪشنگڙه، ڀيلواڙا، ڪشنگڙه باس، الوَر، اُديپور، بونديِ، تِجارا، جئپور، پشڪر، بياور، هنومان گڙه ۽ نصيرآباد.

مهاراشٽر ۾ جل گانو، ناگپور، اُلهاس نگر، اڪولا، پمپريِ، اورنگاباد، يوتمال، احمدنگر، ورڌا، هنگڻ گهاٽ، بيڙ ۾ ١-١ ۽ امراوتيءَ ۾ ٢.

اُتر پرديش ۾ لکنو، واراڻسيِ، ڪانپور، فيض آباد، باندا ۽ مئُو.

گجرات ۾ احمدآباد، ڀاونگر، گانڌيڌام، ميهساڻا، بڙودا ۽ نڙياد.

مڌيہ پرديش ۾ ڪٽنيِ، جبلپور، مرار، اِٽارسيِ، گواليار.

ڇتيسگڙه ۾ چڪرڀاٽا، رائگڙه ۾ ١-١ ۽ رائپور ۾ ٢. دهليءَ ۾ ١، پشچم بنگال جي ڪولڪتا ۾ هڪ ڌرمشالا سنت جي نالي کي اوچ تي رسائي رهيون آهن.

مهاراشٽر ۾ ١١، گجرات ۾ ٨، مڌيه پرديش ۾ ٩، راجستان ۾ ٧، اُتر پرديش ۾ ٥، ڇتيسگڙھ، دهلي، پشچم بنگال ۾ هڪ هڪ.

مهاراشٽر صوبي جا شهر آهن: امراوتيِ، ناگپور، جل گانو، اڪولا، گونديا، اورنگاباد، يوتمال، پرڀڻي، جالنا، احمدنگر ۽ بيڙ.

گجرات ۾ احمدآباد، پاونگر، گانڌيڌام، پاليتڻا، جيتپور، بڙودا، جامنگر ۽ ويراول.

راجستان ۾ ڪوٽا، بيڪانير، ڪشنگڙھ باس، تجارا، جئپور، بياور ۽ آبوروڊ.

مڌيه پرديش ۾ اِندور، ستنا، جبلپور، مرار، اِٽارسي، گواليار، دتيا، ڀوپال ۽ بئراگڙھ.

اُترپرديش ۾ لکنو، واراڻاسي، ڪانپور، فيض آباد ۽ مونٺ. اِن ڪانسواءِ ڇتيسگڙھ، دهلي ۽ پشچم بنگال جي ڪولڪتا ۾ هڪ هڪ.

پيائوُ-

اسان سنڌين سنت کي رڳو جينتين، ورسين تائين محدود نه محدود رکيو آهي پر سماج کي اِهو ٻڌايو آهي ته سنت ڪنورام اُجايل اِنسانن جي اُڃ مٽائڻ لاءِ به فڪرمند رهندو هو.

اڄ هندستان ۾ ڪن شهرن، ڳوٺن ۾ سنڌين پاڻيءَ جا عام جڳهين تي مٽ رکيا آهن. پيائو کولايا آهن، ٿڌي پاڻيءَ جون مشينون لڳارايون اٿائون. اِهي سڀ ڪم سنت ڪنورام جي نالي ٻين غير سنڌين جو پنهنجي هن سنت ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا.

ماراشٽر ۾ ٥، راجستان ۾ ٣، گجرات، مڌيه پرديش، اُترپرديش ۾ هڪ هڪ پيائو هلي رهيو آهي. اِئين سنڌيِ پائر پيائو ته گهڻائي هلائين پيا پر جيڪي سنت جي نالي صدقو ڏين، سنت جو نالو روشن ڪن، سي آهن صرف ١١.

مهاراشٽر جي امراوتيِ، پمپريِ، يوتمال، ورڌا ۽ بيڙ ۾.

پٽلا-

ڪل ٣٥ پٽلا هيلتائين سڄي هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ٻيهاريا ويا آهن. اِنهن ۾ اُنهن جي ڳٽپ شامل نہ آهي، جيڪي ڇوڪرن ڪانسواءِ تعليمي اِدارن، ڌرمشالائن وغيره ۾ ٻيهاريا ويا آهن.

مهاراشٽر ۾ سڀني کان وڌيڪ ٨، اُن بعد مڌيہ پرديش ۾ ٧، گجرات ۽ راجستان ۾ ٦-٦، اُترپرديش ۾ ٥، دهلي، ڪلڪتي ۽ ڇتيسڳڙهہ ۾ هڪ هڪ.

مهاراشٽر صوبي ۾ امراوتي، جل گانو، ناگپور، اُلهاس نگر، اڪولا، يوتمال، ڀوساول ۽ هنگن گهاٽ ۾.

اکنڊ مڌيہ پرديش ۾ بہ ٨ پُٽلا هئا، پر ڇتيسڳڙهہ مڌيہ پرديش کان جدا ٿي وڃڻ سبب هاڻي ڇتيسڳڙهہ جي رائپور ۾ هڪ پٽلو وڃڻ سبب مڌيہ پرديش ۾ رهجي ويا ٧ پٽلا. اِهي شهر آهن: ڪٽني، ستنا، اِندور، جبلپور، گواليار، ڀوپال ۽ ٻرا ڳڙهہ.

گجرات صوبي جي احمدآباد، ڀاونگر، گانڌيڌام، پاليتاڻا، ٻڙودا ۽ جامنگر شهرن ۾.

راجستان صوبي ۾ ڪوٽا، جوڌپور، بيڪانير، ڪشنڳڙهہ، ڪشنڳڙهہ باس ۽ بياور ۾ پٽلا آهن.

اُترپرديش جي راڄڌاني لکنو. واپارڪ مرڪز ڪانپور کان سواءِ شِو جي نگري واراڻاسي ۽ تروينڻي جي روپ ۾ وسيل الله‌آباد ۾ بہ پٽلا ٻيهاريا ويا آهن.

دهلي ۽ بنگلا جي ڪلڪتي ۾ هڪ هڪ پٽلو لڳل آهي.

درٻاريون:

سنت ڪنورام جي نالي تي هندستان جي ٨ صوبن ۾ ٤٣ درٻاريون ٺهيل آهن، جنهنجي هيل تائين ڳٽپ ٿي چڪي آهي.

سڀ کان وڌيڪ مڌيہ پرديش ۾ ١٧، تنهن کانپوءِ راجستان ۾ ١١، گجرات ۾ ١٠، مهاراشٽر ۾ ٩، اُترپرديش ۽ ڇتيسگڙھ ۾ ٦-٦، دهليءَ ۾ ٣ ۽ پشچم بنگال ۾ ١.

مڌيہ پرديش جا شهر آهن: ستنا، مرار، اِٽارسي، گواليار، مانڊلا، بالاگهاٽ، دتيا، ڏبرا ۾ ١-١، ڪٽني، اِندور، جبلپور ۾ ٢-٢ ۽ ٻئرا ڳڙھ ۾ ٣ جڳهيون.

راجستان ۾ ڪوٽا، جوڌپور، اجمير، بيڪانير، ڪشنگڙھ، پيلواڙا، ڪشنگڙھ باس، ٽِجارا، جئپور، بياور ۽ آبورود.

گجرات ۾ احمدآباد، ڀاونگر، گانڌيڌام، پاليتاڻا، نوسارِي، ٻڙودا، جهونا ڳڙھ، جامنگر، راجڪوٽ ۽ ويراول.

مهاراشٽر ۾ جل گانو، ناگپور، اُلهاس نگر، اڪولا، پمپرِي، گونديا، احمدنگر، ورڌا ۽ ٽاچورا.

ڇتيسگڙھ ۾ رائپور، ڀاٽاپارا، چڪرڀاٽا، رايگڙھ، تلدا ۽ ڌمترِي.

اُترپرديش ۾ لکنو، ڪانپور، رائبريلِي، فئزآباد، ميرٺ ۽ گورکپور.

دهليءَ ۾ ٣، پشچم بنگال ۽ ڪلڪتي ۾ هڪ.

شراڌ-

شراڌ ڪل ٻن جڳهين تي ڪيا ويندا آهن. ڇتيسگڙھ صوبي جي ڀاٽاپارا شهر ۽ اُترپرديش جي واراڻسِي شهر ۾ هڪ هڪ شراڌ ڪيو ويندو آهي.

جينتيون، ورسيون، شراڌ تہ اُنهن خاص ايراضين ۾ ٿا ٿين، پر پڪو پختو يادگار جو نمونو آهي پنلو. شهرن جي چونڪن تي سنت ڪنوررام جا پتلا بيهاريا وڃن ٿا. پتلن ذريعي نہ رڳو سنڌين کي پنهنجو مهاپرش ڏيان تو چڪائي پر غير سنڌين ۾ جڳياسا پڻ آٽي تو تہ هيءُ پتلو ڪنهنجو آهي ۽ جڳياسو سنت بابت ڄاڻ حاصل ڪري ٿو.

سنت ڪنوَررام جا يادگار

-گيان پرڪاش ٽيڪچنداڻي ’سرل‘

جيڪي اِنسان پنهنجي رهڻي ڪهڻي سان عام ڪان خاص ٿي ويندا آهن، اُهي مهاپرش چوائيندا آهن. اهڙن ستپرشن کي هميشهه ياد رکيو ويندو آهي. سدائين ياد رکڻ لاءِ ”يادگار“ ٺاهيا آهن. ”يادگار“ شخص خاص ۾ يقين، پريم ۽ آستا جي نشاني آهن.

سنت ڪنوَررام سک، سخاوت، سيوا جي صورت ۽ ميلاپ جي مورت هو. ڀڳت ڪنوَررام پنهنجي رهت سان جيڪي آدرشي نمونا پيش ڪيا، سنڌين سنڌ توڙي هند ۾ ڪنوَررام جي ڪيل ڪمن کي گوناگون يادگارن ذريعي پيش ڪري پنهنجي پريم ۽ وشواس جو اِظهار ڪيو آهي.

اهڙين آتمائن کي ڀرين ياد ڪيو تو وڃي، جينتيون، ورسيون ملهائي ۽ شراڌ ڪري.

جينتيون-

ڀارت ۾ ۱۱ جڳهين تي ڪنوَررام جا جنم ڏينهن ملهايا وڃن ٿا. مهاراشٽر ۾ ٦ جڳهين تي، گجرات، مڌيه پرديش ۾ ۲-۲ ۽ راجستان ۾ ٻن جڳهين تي.

مهاراشٽر جا شهر آهن: امراوتي، اڪولا، اورنگاباد، پرڀڻي ۽ بيڙ.

مڌيه پرديش ۾ ڊبرا ۽ گواليار. راجستان ۾ الوَر ۽ اجمير ۾ جنم ڏينهن تو ملهايو وڃي.

ورسيون-

سنڌي جينتين ڪان ورسيون وڌيڪ ٿا ملهائين. سنڌين ۾ ورسين ملهائڻ جو رواج وڌيڪ آهي. ورسيءَ تي مهاپرش جي ڪيل ڪمن کي ياد ڪري ٻين کي پريرت تو ڪيو وڃي. ڀارت ۾ ٦۳ جڳهين تي ڪنوَررام جون ورسيون ملهايون ٿيون وڃن.

پنهنجي نوڪريءَ خاطر مون بہ جاڻ ۽ اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪنور جي نانءُ جو روز بہ پيرا مالها جو داڻو پئي ڦيريو آهي. فرض ادائگي ڪري ڏٺيءَ جي اُن سچي پانديئڙي جو آواز ڪنن ۾ ٻرڻ سان اڻڄاڻ شڪاريءَ جيان سنت جي جيوَن جي جهلڪين جو درشن پئي ڪرايو آهي. شايد اُنجي مهر سان جيوَن روپي وڻ جي ٽاريءَ مان ڪي ٻور جا ڪٽا جهوليءَ ۾ اچي ڪِريا، جو ڪنوررام جي جيوَن جي ماڻڪ موتين جي اٿاهہ ساگر مان ڪو هڪ ماڻڪ موتي هٿ ڪرڻ ممڪن نہ آهي پر تون ڇپر تون ڇانءَ پنهنجي تخليق ۾ هيءُ بہ ٻول اُچارڻ جي سگهہ عطا ٿي. سڏامي جي هيءَ پيٽ شل قبول پوي! اوهانکي بہ جيوَن درشن جي سهڻي سفر ۾ ڪنوَر جي مڌر آواز ۾ ڳايل ڪلام ذريعي همسفر بڻائي رهي آهيان. ٿي سگهي ٿو تہ اوهان جي آڏو بہ آدرشي جيوَن جون ڪي جهلڪيون اُڀري اچن- ڇئو شرِي رام!

(پيٽ ڪنوررام جي سدابهار آواز ۾ ڪلام)

(اکل ڀارت سنڌي ٻولِي ساهت پرچار سڀا سنت ڪنوررام تي سيمينار وارا ڻسي ١١-١٢-١٣ مارچ ٢٠٠٥ع)

-وينا شرنگي
سي-٨٤، اِندرپورِي، نئِي دهلي-١٢
فون: ٢٥٨٢٢٥٦٢ - ٢٥٨٢٦٢٩٧
موبائيل: ٩٨١٠٧٢٨٤٤٠

”معلوم اِئين ٿيندو هو، ڄڻ سندس ٻنهي ڪراين ۾ آزي ۽ عاجزي جون هٿڪڙيون پهريل هيون.“

عاجزي سندس عادت هئي تہ راڳ سندس عبادت هئي. ننڍڙي لاڪو ٻائڻ سان دلي لڳاءُ هيس جو وڏندي وڻ ويڙهي ٿي سندس رڳ رڳ ڪي وڪوڙي منجهيس سمائجي ويو. ٻائڻ ذات آهي جنهن کي ڏاتر ڏئي ڪي پيٽ پوڄا جو وسيلو بڻائين تہ ڪي پاڪيزه سوغات. ڀائي ڪنور آلاپ کي سچي سائينءَ جي سوڪڙِي ڄاڻِي ڪيس ڀڳوان جي ڀڳتيءَ لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڀڳت ۾ پنهنجي آلاپ جي ابتدا سائينءَ جي ساراهہ سان ڪندو هو ۽ هميشهہ پوئين اسُر کان شروع ٿي پرهہ ڦٽيءَ تائين وڄندو نچندو هو. سُر آساواري ۽ پرڀاتي سندس دل پسند سُر هئا. اسُر ويلي اُٿي الک اورڻ جي سواد جو پتو اُنهن کي بخوبي هوندو. ٻائڻ وقت ڪنور جي ڪعفيت ڏسڻ وٽان هوندي هئي. آلاپ کي عروج تي آڻي مست هاٿيءَ جيان پيو نچندو هو جهومندو هو. سندن نيڻن مان نير وهندو هو. ڪنور جي ڀڳت هڪ عوامي ميلي جو ڏيک ڏيندي هئي. (علي احمد بروهي).

جيئن مون شروع ۾ عرض ڪيو هو تہ مذر راڳ جي روپ ۾ ڏٺيءَ جي اُن سچي پانڌيڙي جو درشن ڪيو. اُميد ڪريان ٿي تہ اوهانکي بہ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اُن سنت جي آدرشي جيون جو درشن ٿيو هوندو ۽ شرڌا آهي تہ الڳ الڳ جهلڪين جي روپ ۾ پسڻ وٽان مليو هوندو.

هتي مان هڪ شڪاريءَ جي جيون جي هڪ حادثي جو ذڪر ڪنديس تہ شڪار نہ ملڻ جي حالت ۾ رات ٽيڻ تي ٽڪل ٽُٽل هڪ ٻيل جي وڻ هيٺان سمهي پيو. وڻ هيٺان شِوَ لنگ هو. صبح جو ننڊ مان جڏهن اُٿيو تہ مٿو وڃي ٻيل سان ٽڪرايس، جنهنڪري وڻ جا پن ڇڄي ڪري وڃي شِوَ لنگ جي مٿان ڪِريا. ڀولي ڀنڊاري شِوَ شنڪر شڪاريءَ تي راضي ٿي ويو. ٻئي طرف شڪاريءَ جي من ۾ بہ ڦيرو اچي ويو. شڪار ترڪ ڪري شِوَ ڀڳت بڻجي هن ڀوساگر مان ترِي پار پيو.

وسني واهڻ جهولي ڦهلائي، جو فقير ميلا خوب مچائيندو هو، ٻار ٻڌا! سُر ساز تي سرچائيندو هو - راڳ رنگ سُر آلاپ، جنهن جو گونج بڻجي، ڳوٺ ڳوٺ گونجڻ لڳو.

سو ڪنوَر رُڪ ۾ ڪسجي ويو،
ڀڳت درويش رت ۾ رڱجي ويو،
سُنهاري سنڌ جي شهيدن ۾ تي شريڪ،
هند-سنڌ ۾ امر سو ڪنوَر ٿي ويو. (وينا)

هِز ماسٽر وائز ڪمپنيءَ جا لک ٿورا جن ورهاڱي کان اڳ رڪارڊ ڀري اِن املهہ خزاني کي محفوظ ڪري ڇڏيو. مڌر سدابهار آواز، صحيح تلفظ، ٻولن جي چٽائي. چئلينج اخبار جي ايڊيٽر لڇمڻداس ڪيسواڻي جن ڪنوَر جو درشن ڪيو هو، تن جو چوڻ آهي تہ سکر ۾ جڏهن رڪارڊ ڀريا پئي ويا، تڏهن هز ماسٽر وائيز ڪمپنيءَ وارن هڪ تجربيڪار اِنجنيئر جرمنيءَ مان گهرايو، ڇاڪاڻ جو ڀڳت ڪنوَررام جو آواز ايترو تہ بلند هو جو ڪراچيءَ ۾ ايچ.ايم.وِي. ڪمپنيءَ جي ڪم ڪندڙ شري واڌولعل رڪارڊنگ ڪري نہ پئي سگهيا، جنهن ڪري جرمن جو ماهر گهرايو ويو. ڀڳت ڪنوَررام سا...ري...گ...م...پد... نيسا جي حساب سان ڪونہ ڳائيندا هئا، بلڪ قدرتي ڏات هين، جرمن ماهر قابليت سان رڪارڊنگ جي نيڊل جي بئلنسنگ ڪئي ۽ سندن آواز ٻڌِي کين داد ڏنو.

ڪنوَر جي ڳائڪيءَ جي جادوءَ سنڌ ۾ وڏِي هلچل مچائي. ڀڳتي سنگيت، ڀڳت ۽ لوڪ ورثي کي عروج تي پهچايو. هرهڪ زبان تي ڪنوَر جو نالو ۽ لبن تي واهہ! واهہ!! جنهن مقبوليت ڪنوَر جي جان جو ٻُڪ ورتو. تعصب جي باهہ ڪنوَر جي اِنساني چولي کي تہ ساڙي ڇڏيو پر امرتا مٽائي نہ سگهي. پهرين نومبر ١٩٣٩ع تي شهادت جو جام پيتو. هندو چاهي مسلمان عقيدت سان ياد ڪن ٿا. جن اکين ڏٺو، تن جو چوڻ آهي -

وچن جا پڪا پراڻ جائي پر وچن نہ جائي، جا ڳالهہ سندن هن قدم مان بخوبي جهلڪي ٿي. اِهي ڪي قصا ۽ ڪهاڻيون نہ آهن پر جيون جون سچايون آهن، جي وقت بہ وقت ڪيترن جي زبان تي اينديون رهيون آهن. هڪ وارِي نهال ڳوٺ ۾ پئنچائتن ڪنوَر جو پروگرام رکيو. تن ڏينهن افراتفريءَ جو ماحول هو. ڦريون، ڌاڙا، حالانڪ اُن وقت جي ڳالهہ تہ ڇڏيو اڄ بہ سنڌ سورن ۾ آهي. ڦريون، ڌاڙا، اغوا، دهشتگرديءَ جون ڪاروايون، قتل غارت. جن سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ مان جنم ورتو، تن ڪي ٿي ڌرتيءَ تان بي دخل ڪرڻ جا ڪُڌا ڪرتوت ڪيا پيا وڃن. ها، سو ڳالهہ پئي ڪئي نهال ڳوٺ جي هندن مٿان ڌاڙا ۽ حملا شروع ٿي ويا. بد امنيءَ جو ماحول هو. سنت ڪنوَر جي ڳوٺ وارن نهال ڳوٺ جي پئنچائتين کي منع ڪئي، اهڙي ماحول ۾ پروگرام نہ ڪن. ٻئي طرف ڪنوَررام جي ڌرمپتنيءَ جي طبيعت بہ خراب هئي. نهال ڳوٺ وارن چيو تہ اسين فيصلو ڪنوَررام تي ٿا ڇڏيون، جيئن وڻين تيئن ڪن. ملڪ جي حالتن جي مدي نظر پروگرام مهمل ڪن، پل نہ ڪن. پر سنت ڪنوَر پنهنجي اِرادي تي اٽل رهيا. پئنچن کي فرمايائون- ابا منش کي هڪ زبان مليل آهي، اِنڪري هو زبان مان هڪ دفعو جيڪو وچن ڪڍي اُهو نڀائي، ٻيءَ حالت ۾ بہ زبانو ليکبو. بہ زبانون نانگ کي ٿينديون آهن ۽ اِنسان جو سِر وڃي تہ پل وڃي پر وچن نڀائي. پِراڻ جائي پر وچن نہ جائي.

زندگيءَ جو پڇاڙيءَ وارو پروگرام مانجهند دربار ۾ ڪيائون، جنهن ۾ مارو راڳ ڳاتائون تہ سڀني کي حيراني لڳي تہ اهڙي موقعي تي مارو راڳ! پر درويش ڪنوَر کي پنهنجي انتم سفر جي جاڻ اندر جي روشنيءَ ذريعي پئجي ويئي. اڄ بہ جڏهن سندن مارو راڳ- آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ مونکي تن مارن جي.... ٻڌبو آهي تہ انيڪ درشڪ اکين آڏو رقص ڪرڻ لڳندا.

جو چوڻ هو تہ ميران ديويءَ مخصوص انداز ۾ شرڌا سان سنت ڪنوررام فلم جا گيت ڳاتا آهن. اِن طرح عابده پروين پنهنجي آواز ذريعي ڪلام ۾ صدا بلند ڪندي- نالي الک جي بيڙو تار منهنجو، صدقي ڏٽيءَ جي بيڙو تار منهنجو... ڪيئن ريجھايان توکي ڪيئن پرچايان ڏس کو ڏانوَ... سنت مهاتمائون پنهنجي پروچن ۾، مضمونگار ۽ شاعر پنهنجي پنهنجي ذات ۾ ڏانوَ ذريعي پيا ڪنوَر جو ناءُ ڳنهندا.

شهيد جي ڄُتيءَ جو شان تہ ڏسو-

چون ٿا تہ سنڌ جي سخي ڀڳت ڪنوررام جي ڄُتي سندس اولاد وٽ محفوظ آهي، صفا تازي رکي آهي. شهيد جي ڄُتيءَ جو شان تہ ڏسو. هيءُ اِظهار ادبي ذوق رکندڙ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب- يادگيرين جي سفر ۾ ڪيو آهي. سنت ڪنوَر جي شهادت وارو بوچڻ ۽ ڄُتي جي تصوير هن مضمون ۾ شامل آهي (تصوير ۾ سنت جي شهادت وارو بوچڻ ۽ ڄُتي ٻئي نظر اچن ٿا).

ڪنوَر جي آدرشي جيون ڪارين جي اِتهاس کي محفوظ ڪرڻ لاءِ امر شهيد سنت ڪنوررام مِشن شوَ شانتي سخي بابا آسودارام آشرم جي ذير سايعي روحاني رهبر پوجيہ سنت سائين چاندورام جي آشيرواد سان اُن نيک ڪاريہ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ شيواڌاري سيڪريٽري ستيانند سانولاڻي ۽ ٻيا پريمي اُن سان جڙيِ رهيا آهن. دهليءَ ۾ شري راڌاڪرشن عالمچنداڻي، شري سانولاڻي ۽ ڊاڪٽر سروجنيءَ نہ صرف مارئي تنظيم کي دستوري طور جوڙيو پر آل اِنڊيا ريڊيو تي هلي هند-سنڌ جي سنڌين کي اُن مشن سان ڄُڙڻ جو سڏ بہ ڏنو.

امر شهيد سنت ڪنوررام پنهنجي جيوَن جي واڳ ڏٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏي تہ مالک تون جيئن هلائيندين تيئن هلبو. مالک جا وات ڪنوَر کي ڏيکاري، تنهن کيس امرتا بخشي ڇڏي. رهڙڪيِ ۾ امر شهيد ڪنوَر جي ڏيوڙيِ سماڌيِ آهي.

شوَ شانتي، سنت سکي، بابا آسودارام آشرم آستا جو پرتيڪ (علامت) بڻيل آهي.

سنت ڪنوَر جي آدرشي جيوَن جا ڪيترن موقعن تي نظارا نظر آيا، شوَ شانتي آشرم ۾ سکي بابا آسودارام جي پوتر ياد ۾ ٿيل مهايگيه دوران سنت ڪنوَر جي ناءُ ڳنهڻ تي اٿاهه شرڌالن جي انبوهه طرفان تاڙين جي ڳڙڳڙاهٽ ۽ گونج ۾ نظر آيو. ٻالڪي هرشا جي رهنمائيءَ ۾ نندڙين نينگرين جي اخلاقي قدرن جي مُلهن کي بچائي رکڻ وارن معصوم وچنن ۾ محسوس ڪيو. ١٠ نومبر ٢٠٠٢ع آرتوار تي ڌهليءَ ۾ مارئي طرفان امر شهيد ڀڳت ڪنوَررام جي ياد ۾ تون ڇپر تون چانوَ پروگرام ۾ پوڄيه سنت سائين چاندورام طرفان قرب ڀريا قدم کڻي کهي اچڻ واري اُنهن جي پوتر پاونا ۾ پسڻ وٽان مليا، نند وڏائيءَ جي انا کان ڪنارو ڪري قيمتي وقت سيڙائي سات ڏنو. ڊاڪٽر سروجني، شري ستيانند سانولاڻيءَ جي ڳايل ڀڄن- ”سچو نام ڪنوَر، منو نام ڪنوَر، سنڌ جو سنت مهان سچو نام ڪنوَر“ جي گيت جي گونج ۾ درشن ٿيو.

جيڏو تنهنجو نانءُ ٻاجهه به اوڏيائي مٿانءِ،
۽ ٿنيين، ري ٿوڻين تون ڇپر تون ڇانءَ،
آءُ ڪجاڙو ڪهانءِ توکي معلوم سڀ ڪا. (شاهه)

سنڌي ساهتيه ۾ ڪنوَر جو ذڪر- ڪنوَر جي شخصيت ۽ ناءُ جو ذڪر نه صرف سنڌي ساهتيه بلڪ سنگيت ڪلا ۽ مندرن آستانن، ڀڳت ۽ ميلي ۾ ٿيندو رهندو. پنڊت آسڪرڻ شرما جڏهن ڪنوَر جو ذڪر ڪندو ته ڳايڪيءَ جي پهلوءَ کي کڻي ڪري ڪندو. اِن طرح سورداس ڳائيندڙ فنڪارا ساڌڻيءَ ميران ديويءَ سنت ڪنوَررام فلم جا گيت ڳاتا آهن. موسيقار سي. ارجن ڪنوَررام جي ڳايڪيءَ جي انداز کي کڻي ڪري ميران ديويءَ کان لولي رڪارڊ ڪرائي آهي. موسيقار سي. ارجن

ابدي حيات ماڻيائين، اهڙو مائيءَ جو لال ۽ سنڌڙيءَ جو راءِ ڏياچ هو. پائي ڪنوَر ميرپور ماٿيلي تعلقي جي هڪ واهڻ جروارن جو ڳوناٺو مسڪين فقير منش هٽ واڻيو، سندس علمي لياقت نہ پنجن درجن ۽ هٽڪي اکرن جي سڃاڻپ تائين محدود هئي پر اندر جو سوجهرو اِلاهي هيس، جنهن جو جرڪو سندس پيشانيءَ ۾ پيو بکندو هيس. ڏيک ويک ڪان ڪوهان ڏور ڪپڙي لٽي ۾ سادڙو، ڳالهہ ٻولهہ جو سٻاجهڙو، نماڻو ۽ قربائتو؛ ٻيا، جوان ۽ ٻار تہ ڇڏ اڏ اڳهاڙي پينو فقير سان بہ ٻاهائيندو تہ ٻئي هٿ ٻڌي، ڄڻ هٿ جوڙي معافي وٺي رهيو آهي.

اسين ڪنوَر جي جيوَن جو درشن هن تخليق مان بہ پسي سگهون ٿا. مونکي جون ١٩٩٨ع جو اُهو وقت ياد ٿو اچي جڏهن پهريون پيرو لکنو وڃڻ ٿيو، جتي تعليمدان ۽ سنڌي گلشن جي چيف-ايڊيٽر مانواري سڄڻ شري راڌاڪرشن عالمچنداڻيءَ پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي مونکي شوَ شانتي آشرم جو درشن ڪرائڻ جو جس کٽيو، جتي نہ صرف پوجيہ سائين چانڊورام جا املهہ وچن ريڊيو لاءِ رڪارڊ ڪيا بلڪ ٻارڙن ۽ سڄي ڪٽنب سان بہ گهر جي ڀاتين جيان ملايو، جنهن ڪٽمب ۾ نہ صرف رت جي رشتي جا گهر جا ڀاتي شامل هئا پر ٻيا آشرم ۾ رهندڙ ماتائن جو بہ درشن ڪرايو. مون سنت ڪنوَر جي جيوَن جي اُن وقت جو بہ درشن ڪيو، جڏهن هڪ بزرگ امڙ پنهنجي هيٺي حال ۽ ناچاڪ طبيعت جو حال اورڻ لڳي. جنهن نماڻائي نهٺائي پيار ۽ پاٻوهہ مان پوجيہ سنت سائين چانڊورام جن اُن پيرسن امڙ سان مليا، اُن جي غمگين ۽ مايوس چهري تي خوشيءَ جي لهر شيتل چانڊوڪيءَ جيان ڦهلجي ويئي جا پنهنجي تپ ۽ پيڙا کي ڀلجي ويئي. اُن وقت شرڌا ۽ پريم جي اُن منظر پسڻ تي اکين ۾ نمي ۽ منهنجي شرير ۾ پرسنتا جي لهر ڊوڙي ويئي. تنهن وقت شوَ شانتي آشرم جي اڏاوت جو ڪم هلي رهيو هو، خالي ميدان هو، سنتن جي مهر سان اڄ شاندار

ڪتمب خلقي ٿو، ونش کي اڳتي وڌائي ٿو. اڄ جو اِنسان جڏهن اِنهن پوتر رشتن کي هلڪڙائپ سان ڏسي ٿو ته ڏک ڏولاون ۽ ذهني پيڙا جو سلسلو جڙي وڃي ٿو. من جي شانتيءَ لاءِ بندو ڪٿا ڪيرتن جِي اوٽ وٺندي به پاڻ کي اوپرو پائي ٿو. اِنسان وياڪل گهاري ٿو، ميلي ۾ رهي به پاڻ کي اڪيلو پائي ٿو. من جو سڪون ڪوهان پري پڃي ٿو. مرگهه ترشنا جيان بيابانن ۾ واريءَ جي چمڪندڙ تروڙن کي جل جي ڌارا پائي پرم ۾ ترشنا روپي پياس ٻجهائڻ وڃي پراڻ تياڳي ٿو. اڄ سچ هيٺو ٿيندو پيو وڃي. ڪوڙ ٿلهو متارو.

جي نه سڃاڻن سچ کي ويهه ۾ تنهين وٽ،
املهه کي اڌ ڪري پاڻان هڻندا پٽ،
وڃي مهر پڻ تنهين وٽ جي پارکو پارس جا. (شاه)

اگر اسان کي شرڌا آهي، پيار ۽ محبتا آهي ته اسين آدرشي زندگي ۽ اخلاقي قدرن جو پالنا پڪڙي هلون، جا ئي اسانجي درويش ڪنور لاءِ سچي عقيدت رهندي.

اسانجي سماج ۾ ڳائڻ وڄائڻ وارن کي گهٽ نظر سان ڏٺو ويندو هو، اُنهن کي ڏوڪڙي، ڀٽ، ميراسي، منگتو، منگهار، خيرات گهرندڙ، پر ڪنور سنگيت کي ايشور جي ڀڳتيءَ جي روپ ۾ ڏٺو ۽ پيش ڪيو. پنهنجي ڳائڻ واري ڪلا کي ايشوري ذات، ماتا سرسوتيءَ جي دين پائنين، اُنجي پوجا آراڌنا ڪئي. جا ڳائي جهولي ڦهلائي سا دين دکين جي دک درد دور ڪرڻ لاءِ هئي. ڪنور تي صوفياڻو رنگ واهه جو چڙهيل هو. بيڪس، بيدل، بلي شاه، بهاول فقير، شاهه، سچل، سامي، صوفي شاعرن جا ڪلام ڳاتا.

. سنڌ جو بزرگ دانشور علي احمد بروهي جن چون ٿا- مون نه ٻيجل ٻڌو نه راءِ ڏياچ ڏٺو پر مون هڪ لکن جو رانجهو ضرور ڏٺو ۽ ٻڌو. سُريلو به رس پريو هو، سخي به اهڙو جو ڏيئي نه پڇاري، سو سِر ڏيئي

درويش ڪنور فقير نشڪام شيوا ڪئي، ڦل جي چاهنا ڪڏهن ڪانہ ڪئي، جنهن شيوا جو پڙاڏو مُلڪان مُلڪ پهتو. هندو چاهي مسلمانن ۾ ڪو ڀيد ڪونہ رکيائون. اسانجي سماج ۾ آد جڳاد کان ماناڻن ۽ ڀينرن کي سمان ڏنو ويو آهي. اعليٰ اخلاقي قدر، پيار سان نينهہ نڀائڻ، نوڙت ۽ نياز، ماروئڙن سان مُحبت، وفا ۽ جفا جو درس ڏنو ويو آهي، جيئن لطيف سائين چيو آهي-

ڪانڌ نہ ڪندس ڪو ٻئو ڪتيئڙو ئي خوب
ميرو ئي محبوب اسان مارو من ۾. (شاهہ)

سماجي اخلاقي قدرن زندگيءَ جي آدرشي اُصولن سان نڀاءُ. سنت ڪنوررام جي جيوَن جا اهم پهلو رهيا، جن ڳڻن جو ورنن پنهنجي ڪلام- پتيءَ جي پريم ۾ هردم گذارڻ نار کي گهرجي... ڪنور جي ڪلامن کي ٻڌڻ سان ئي اسانجي زندگيءَ جي رهنمائيءَ لاءِ آدرشي اُصول ملندا. سندن هڪڙو ڪلام- ڪيئن وساريان ورُ اديون منهنجو حال محرم يا منهنجو دل جو محرم يار ڪيئن وساريان ور اديون... ڪلامن ۾ روحانيت جا راز ساڳي وقت عام اِنسانن لاءِ آدرشي جيوَن جا پيغام بہ نظر ايندا. مرد هجي يا عورت ٻنهي لاءِ اُهوئي پيغام اخلاقي قدرن کي جيءَ سان جوڙي رکڻ. جيئن شاهہ سائين فرمايو آهي-

دل جو دلبر هيڪڙو گهڻان تان نہ ڪجن،
دل بہ ڏجي هڪ کي چاهي سئو سڪن،
سي ڇلولا ڇڄن جي در در لائين دوستي. (شاهہ)

اڄ اسانجي سماج مان اخلاقي قدر، زندگيءَ جا مُلهہ ۽ آدرش پلاند ڇڏائيندا پيا وڃن. موجوده دور جي ذهني پيڙا، رشتن ۾ کساءُ ۽ ڇڪتاڻ ۽ ٽُٽڻ اِخلاقي قدرن جي گراوٽ جوئي نتيجو آهن. اگنيءَ کي ساکشي بڻائي رشتن جي اٽوٽ بندنن ۾ ٻڌجڻ جو مُهد تا- زندگي ساٿ نڀائڻ جو وچن، اُن رشتي کي پوترتا بخشي ٿو. ماتا پتا جو رشتو

ٿا ته ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ وِچ جي چمڪاٽ جيان نور ڦهلائي ٿو
ڇڏي. اِن طرح ڪنوَر جي جيوَن جو درشن اسان اڄ به ڪري سگهون
ٿا. مون به ڪيو، شايد اوهانکي وشواس نه اچي، من ۾ ڪئين ويچار
اُڀرن. پنجويهن سالن کان مٿي عرصي کان آل اِنديا ريڊيو جي سنڌي
نشريات نان روزانو ڀڳت ڪنوررام جي سدابهار آواز سان پروگرام جي
شروعات ڪندا آهيون. ڪنوَر جي سُر سنگيت جي مڌر آواز جي گونج
هيانوَ ۾ ڦهلندي پيئي آهي. ڪنهن امرت ويلي اوچتو ڪنن ۾ ٻرڻ
لڳندو آهي - رام سمر پرڀات ميري من... جي جاڳين تون جاڳ تون
ته سمهين اڳيئي گهٽو گهوري نند وڃائي ساڙي ڇڏ سمهڻ کي...
مهرواڻ... (ڪنوَر جي آواز ۾ رام سمر پرڀات گيت جي جهلڪ)

ڪنوَر جي جيوٽي ڇپائيندڙ کيمچند موتيرام جيٽواڻي ڪنوَر
جي ٻاري ۾ شرڌا پيش ڪندي چون ٿا-

امر شهيد ڪنوَر ۾ ٽن اوتارن جا گڻ هئا، ڪلجڳ جي اوتار گرو
نانڪ ديوَ وانگر ڳوٺ ڳوٺ شهر شهر ۾ ڀڳتي ۽ نام جو پرچار ڪيائون،
تريتا يگ جي اوتار مريادا پرشوتم شرِي رامچندر وانگر سائين
ڪنوررام مريادا جا سروپ هئا. مريادا نه ڪو ڪانئن سِکي! گرو ڀڳتي ۽
مريادا منجهن ڀرپور هئي. دواپر يُگ ۾ شرِي ڪرشن جيان مڌر مُرلي
وڄائي گوپين ۽ گوالن جي سڌ ٻڌ ڀلائي ڪين خوشيءَ ۾ مست ڪندو
هو. تيئن سنت ڪنوررام مُک جي مُرليءَ سان هزارن کي ڀڄن ۾ مگڻ
۽ مست ڪندا هئا. سندن آواز ايڏو بلند هو جو ميلن جي فاصلي تي
ٻڌڻ ۾ ايندو هو. پاڻ ڀڄن ۾ ڀڄن روپ ٻڻجي ويندا هئا. گيتا جي
پنجين اڌياءَ جي ڏهين شلوڪ ۾ چيل آهي-

جيڪو ڪرم، ڦل جي اِڇا ڇڏي ڪري، ڪري ٿو ۽ اُنهن ڪرمن
کي برهم جي ارپڻ ڪري ڏئي ٿو ۽ اُن کي جيئن ڪمل پتر کي جل
ڇهي نٿو سگهي، تيئن پاپ ڇهي اسپرش ڪري نٿو سگهي.

ڀرين گهرواريِ ڪاڪابائيِ جنهن مان سنت سائين ڀيسورام جن جنم ورتو، جن اِنساني چولو ڇڏيو آهي. سندن پٽ منوهرلعل، جشن لعل، نندلعل، سروانند ۽ جئہ ڪمار آهن؛ ڌيئر ڀڳونتي ۽ ڪلاوتي امراوتيءَ ۾ آهن.

شريمد ڀڳوت گيتا جي ٽئين اڌياءَ ۾ ڪرم يوگي ڪرشن، ارجن کي گيان ڏيندي شلوڪ چوٿين ۾ چون ٿا-

هي ارجن! رڳو ڪرمن جي نہ ڪرڻ ڪري ڪو اُن ڪان آجو ٿي نٿو سگهي ۽ نہ تہ رڳو سنياس (ڪرمن کي تياڳڻ) ڪري ئي ڪو سڌيءَ کي پائي ٿو.

اِنهيءَ گيتا جي گيان جي پيرويِ ڪنديِ ۽ پنهنجي گروءَ سنت سترامداس جي حڪم سان سنت ڪنوررام ٻيِ شاديِ ڪئي. اُن وقت ڪنور جيِ عمر پنجيتاليهہ (۴۵) سال کن هئي. ٻيِ ڌرمپتني پوجيہ گنگا بائيِ جنهن کي پٽ جو اولاد نہ هو، بہ ڌيئر ڄايون، هڪ سشيلا بائي سندن اولاد راجڪمار، دليپ ڪمار ۽ پرمود ڪمار، راجڪمار دهليءَ ۾ رهن ٿا. پوجيہ گنگا بائيءَ جي ٻيِ نياڻيِ ايشوريِ بائيءَ کي سنيل ڪمار، ارون ڪمار بہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ جيڪا اميريڪا ۾ رهندي آهي. سندن ٻيِ گهر واريءَ جو پنهنجي ڀتار ڪنور سان نون سالن جو ساٿ رهيو. چونجاهہ سالن جي ڄمار ۾ هن فاني جهان کي الوداع ڪيو.

سنت ڪنوررام جي ڪٽنب جي ونشاوليءَ جو وڻ قليل قوليل ۽ الڳ الڳ شهرن ۾ پکڙيل آهي. سنت ڪنور جي نيڪ ڪارين ۽ اُصولن کي شرڌا سان وڌائيندا پيا اچن.

امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جي ناءَ تي ڀارت جي ڪنڊڪڙڇ ۾ آستان، ڌرمشالائون، مندر، ٽڪاڻا، روڊ، ڪالونيون ۽ چونڪن تي مورتيون موجود آهن.

ڪنور جي آواز ۾ سوز، آلاپ ۾ ايشور جو ناءُ- پرماتما جو ڪنهن انت نہ لڌو آهي. ايشور بي انت آهي. اگر سچي من سان آراڌنا ڪيون

سي ڪيئن پرين پسن ڪٺر جن اکين ۾. (شاھ)

ڪنوَر کي تہ پرين پسڻو هو، اِنڪري ذات پات جي ويڇي ۽ ڪٺر کان ڪوهان پري هر خدا جي بندي جي مدد ڪندا هئا. من ۾ سيوا ڀاونا ڀوءِ چاهي مندر ٽڪاڻي جي سيوا هجي يا دين دکي مومنن جي مدد ڪرڻ واري ڳالھہ، جنهن جي گواهي خود مومن بزرگ دانشور علي احمد بروهي ڪنوَر جي جيوَن جهلڪ پيش ڪندي فرمايو آهي تہ محتاجن ۽ مسلمانن جي اڪثيرت هوندي هئي. پنهنجي تحرير ۾ هيءُ فرمائين ٿا.

ڪنوَر جي شاديءَ جي تنت ٻڌي وئي تہ ٽن ڏينهن بعد هڪ شائق ڪنوَر کي ڪنوار لاءِ چار جوڙا ڪپڙن جا پرت پريل هڪ بوسڪيءَ جو ٿان ساڻ ڪري ڪيس نظراني طور ڏيئي ويو. پائي ڪنوَر ڪپڙن جي ڳنڍھ وٺي گهر ۾ رکي ڇڏي. شام ٽاڻي هڪ مسڪين مائي اچي سندس گهر جو ڪڙو کڙڪايو- چي ابا سڀاڻي عيد آهي مونکي ٻچن لاءِ ناهي ڪپڙو نہ لٽو، آئون بيواهي رن زال ڪٿي وڃي در در هٿ ٽنگيان؟ پائي ڪنوَر اندر وڃي ڳنڍھ کڻي اچي ٻڍڙي مائيءَ جي حوالي ڪئي. چي امڙ وٺ پنهنجي امانت، مون صبح کان وٺي سانڍي شڪر ٿيو اصلي مال مالڪن کي مليو. پائي ڪنوَر پلجي بہ پاڻ تي سخاوت جو الزام مڙهجڻ نہ ڏنو. هميشہ چوندو هو پائي مون وٽ آهي ڇا جو ڪنهن کي ڏيان، ڏيڻ وارو ڏئي ٿو ۽ وچ ۾ آئون اچي خواه مخواه ڦاٿو آهيان. چني لڪندڙ هڪڙو، چني وٺندڙ ٻيو، پر سرمانو هميشہ هوندو معرفت ڦري ملي ڦلاٽي کي.

ڪنوَر جي جيوَن جو درشن اهڙين سچاين مان پسي سگهجي ٿو. امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جي ونش جا پاتي ڀارت جي مختلف شهرن- ستنا، امراوتي، دهلي، ممبئي، ڪلڪتي ۽ امريڪا ۾ رهائش پذير آهن. سنت ڪنوررام جي پاءُ جاڙا رام هن فاني دنيا کي الوداع ڪري ايشور جي چرنن ۾ وڃي جاءِ ورتي. ڪنوررام جن بہ شاديون ڪيون.

لائبرري ڪاميٽيءَ جي ان نيڪ ڪاريہ سان وابستہ رهيس، اُنجي ديوناگريءَ واري ڪاريہ ۾ سرڳواسي ڊاڪٽر موهن لعل شرما جزيل هئا.

١٩٤٠ع جي آس پاس ليکڪ تيرٿ بسنت پنهنجي پهرين مضمونن جي ڳٽڪي ''چڻگون'' ۾ ڪنوَر جي جيوَن جو ذڪر ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ اِن ڪتاب کي شاهڪار درجو ڏيئي سال جو بهترين ڪتاب مڃي ليکڪ کي اِنعام ڏيڻ جو اِنهيءَ شرط تي اعلان ڪيو تہ اُن قلم ڏٽيءَ کي پنهنجي ڪتاب ۾ پرچنديءَ جي پير بابت (جيڪي ڀڳت ڪنوَر جي قتل لاءِ جوابدار هئا) تن لاءِ چيل اُنهن ڪجهہ سٽن کي هٽائي. پر اُصول پرست دوست هڪ سٽ تہ ڇا هڪ حرف بہ اُنهيءَ ليک مان هٽائڻ جي ڳالهہ نہ مڃي (حوالو جهمون ڇڳاڻي - ڏات ڏٽي).

ورهاڱي کانپوءِ حيدرآباد جي ديوان دادا هري سندر جي عرض تي ڏات ڏٽي تيرٿ بسنت پارت ۾ اچي امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جي جيونيءَ ڪلا تي ڪتاب لکيو.

پروفيسر ڪنعيالعل تلريجا جي ١٩٧٧ع ۾ شايع ٿيل امر شهيد ڪنوَررام تي لکيل ڪتاب ۾ کي يادگار تصويرون ۽ سنت جا هٿ اکر ڏنل آهن، جيڪي خطن جي روپ ۾ پنهنجي پريمين کي لکيا هئا. جنهن شرڌالو شري کيمچند موتيرام ڇينواڻي ڪتاب ڇپايو، تنهن ڏئي گرمکيءَ ۾ لکيل آهي، ترجمو بہ ڏنو ويو آهي. هٿ خط جو ڪجهہ حصو ۽ (هٿ اکر) فوٽو ڪاپي شامل ڪري رهي آهيان.

پيارا سچي صاحب کي وسارڻو نہ آهي، متان مايا جي موج ۾ اچي پنهنجو ڏٽي وساري وهو. اِها خوشي پلڪ جي آهي، هميشهہ سچي خوشي سائينءَ جي ناءُ ۾ آهي، آخر ۾ غلام ڪنوَر سان خط پورو ڪيو آهي. اُن خط جي جهلڪ مان ڪنوَر جي آدرشي جيوَن جو درشن ڪري سگهجي ٿو. هندو چاهي مسلمان ڪير بہ در تي سوالي ايندو هو تہ ڪنوَر جهولي ڦهلائي اُنهن جا ڏک دور ڪرڻ لاءِ مدد جو هٿ ڊگهيريندا هئا، جن اِنسانن ۾ ساکيات ايشور پسڻ ايندو هين.

کانگا ڏجانءِ کرشن کي پيغام ويندي ويندي
ٻک ۾ مرن ٿيون ڳانيون گهنشام ويندي ويندي
پورو پنهنجو نہ پاڙيئہ انجام ويندي ويندي. (ڪوي پهلاج)

سُر سنگيت ۾ ايشور جي روپ کي پسيو، اُن آراڌنا جو ئي ڦل هو جو ڏٽيءَ جي سچي پانديئڙي ڪنور جي جهوليءَ ۾ جڏهن هڪ دکياريِ ماءُ جسم جي چرپر کان محروم ٻار کي وجهي ممتا جو واسطو ڏنو تہ درويش فقير ڪنور ڏٽيءَ کي ٻاڏائيندي چيو- مالڪ تنهنجي ناءُ تي ٻارڙي کي لولي ٿو ڏيان، مهر ڪجانءِ. ايشور پنهنجي پيارن جي هميشہ پت رکي آهي، ننگي ننگپال جو ناءُ کڻي جڏهن ٻارڙي کي لولي ڏني تہ بيجان ٻار جي شرير ۾ چرپر اچي ويئي. اسين جڏهن بہ ڪنور جي اِها لوليِ ٻڌندا اسين تہ عجيب ڪعفيت تاري ٿي وڃي ٿي. جڏهن ڪنور جي مڌر واڻيءَ مان ٻول نڪرن ٿا- ڪرتا اوڻان اوڻان اوڻان اوڻان... لوليِ ڏيوان لال نو... اکين آڏو ساکيات اُهو درشيہ اچي وڃي ٿو.

هند سنڌ جي برک اديب تيرٿ بسنت درويش ڪنور تي جيڪا رچنا رچي، تنهنجي ادبي معيار ۽ ڪنور جي حياتيءَ جا ورق سچ جا ساکي بڻجي سنڌيِ ساهتيہ جي ادبي تاريخ جو يادگار ۽ عظيم دستاويز بڻيو. ڪنور جي آتم ڪٿا تي ليکڪ تيرٿ بسنت کي سال ١٩٥٩ع ۾ مرڪزي ساهتيہ اڪاڊميءَ جي اِنعام سان نوازيو ويو. اِهو اِنسانيت جي پيغمبر جي آدرشي جيون جو ئي ڪرشمو هو جو پهريون پيرو بهترين رچنا طور سنڌي تخليق کي شامل ڪري تسليميت ڏني. اُن رچنا سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخ ۾ سمانت رچنا طور شڀ آرنڀ ڪيو. ادبي تاريخ ۾ جڏهن بہ ذڪر نڪرندو تہ اُن پهرين معياري ڪتاب جو ناءُ ڳنهبو ويندو. هيءُ ڪتاب دهلي سنڌي اڪاڊميءَ جي لٽرري ڪاميٽيءَ طرفان اِنعام- يافتہ ساهتيہ اڪاڊمي ڪتاب جو ديوناڳريءَ ۾ نئين پيڙهيءَ جي پڙهڻ لاءِ ڇپايو ويو آهي. منهنجو سوڀاڳيہ هو مان

پکين جي ڪائڻ ڪان بچائڻ لاءِ جهار هڪلائڻ لاءِ چوندا هئا. ڪومل هرديہ وارو رحمدل هيءُ ٻالڪ پکين کي گليل هٽي ڪيئن اُڏائي. مان ڪري ايڪانت ۾ ويهي رهندو هو. پکي ڪاڻي پيا موجون ماڻيندا هئا. هڪ ڏهاڙي هڪ فقير الله جي نالي تي صدا بلند ڪندي چيو- مونکي بک لڳي آهي، الله جي نالي مونکي ڪوهر ڏئي، مون وٽ اُنجي عيوض ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ٻالڪ ڪنور سوچ ۾ پئجي ويو، هڪ طرف هو خدا جو خوف تہ ٻئي طرف جيجل ماءُ جي مار جو ڊپ. ٻالڪ ڪنور من ۾ ويچار ڪيو تہ پل تہ امڙ جي مار پوي پر خدا جي بندي جي بک مٽائڻ وارو ثواب جو ڪم ضرور ڪندس. اهڙو هو رحمدل ديالو ٻالڪ ڪنور.

پيءُ ماءُ گروءَ جي شيوا ڪرڻ سندس پرم ڌرم هو. ماتا پتا جو وچن ست وچن ڪري پاليندا هئا. گاين سان ڪرشن ڪنعي واري پريت وانگر مڌر مُرلي وڄائي سيني کي ريجهائي ڇڏيندا هئا. جيئن ڪرشن ڪنعي کي گوال ٻال ۽ گوپيون ورنداون ۾ مڌر مُرليءَ جي تان ٻڌي وڪوڙي ويندا هئا، تيئن ڪنور جي اِردگرد بہ ساٿي سنگي گڏ ٿي ويندا هئا. سنت ڪنور جو مکڻ چور ڪرشن ڪنعي تي ۽ ماتا جسوتا ۽ نندلعل تي ڳايل سنيهہ واري پڃن ۾ سُهڻي انداز ۾ بيان ڪيل آهي.

شري ڪرشن کي ماتا جڳايو آ،
اُٿي ڪري جسوتا راڻيءَ ڪان نندلعل مکڻ ۽ مصري گهرن ٿا.
پـراتهہ سميہ موهن مئيا سي هس ڪر ماکن مانگت هئہ،
ماکن کاءِ، نچي برج موهن مڌر تان سناوت هئہ...... چئو سري رام.

اهڙي مڌر واڻيءَ ۾ چئو سري رام اُچارين ٿا جو ٻُڌندي ئي رڳ رڳ ۾ رام رنگ سمائجي وڃي ٿو. ڏڌ کير مکڻ ڏيڻ وارين پيارين گاين جي سيوا ۽ گئوشالا لاءِ جهولي ڦهلائيندي پڃن ڳائي دان گهرندا هئا. جيو ديا سندن رڳ رڳ ۾ سمايل هئي.

صلاح ڏيندا هئا ته نوڙت نياز ۽ نهنائيءَ جي مالا ڦيرڻ واري جاپ جا وچن ونو.

جان جان پسين پاڻ، تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبر چئو. (شاهه)

نفاق وير ويڇا حقارت کي دفن ڪري پنهنجو وجود وڃائي جهولي ڦهلائي دين دکين جا دک دور ڪرڻ ئي سندن عبادت هئي. دغا، دولاب، تعصب، نفرت مٿان پريم پائيچاري شيوا پاونا جي هٿيار سان انهن وڪارن تي سوڀ پاتي، غريبن جي روپ ۾ پرماتما کي پسيو، پنهنجي ذات، صفت ۽ انا کي دفن ڪري سڄي سماج جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ کي ارپڻ ڪري ڇڏيو. جيستائين هيءَ ڪائنات موجود آهي، تيستائين ڪنور جو نانءُ سچ جي علامت بڻيل رهندو. پنهنجي وجود کي وڃائي اُن رُتبي کي پاتو. دادا هوتچند آڏواڻي شرڌا جا گل ارپڻ ڪندي چون ٿا -

”سندس ڀڳت ڀڳتيءَ سان ڀرپور رهندي هئي، بيشڪ هوُ سنڌ جي سنتن جو سرتاج هو.“

پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪجهه هن طرح اِظهار ڪيو آهي -
”ڪنور اڻ پڙهيل هو، پر حقيقت ۾ هوُ عالمن جو عالم هو.“

ٻال اوستا - ڪنور جي ٻال اوستا جي جيوَن تي نظر ڪنداسين ته ڪئين سچايون سندن آدرشي جيوَن جون ساک ڀرين ٿيون. شانت سڀاءُ، معصوم مرڪندڙ چهري تي نور، اکين ۾ چمڪ، وندي ڪائجي سک پائجي. جن ٻالڪ ڪنور کي ڏنو تن جو چوڻ هو ته جيڪي ڪائڻ لاءِ کين تول ملندا هئا، سي جهرڪين ۽ ڪِولين اڳيان اُڇلائي ڇڏيندا هئا. روٽيءَ ٽڪر جا ننڍڙا ننڍڙا گره ڪانوَن کي کارائي خوش ٿيندا هئا. ننڍڙو ڪنور اينرو ته رحمدل هو جو سندس پتا کي ننڍڙو دڪان هو ۽ ٻنيِ ٻاري جو ٽُڪرُ. ٻالڪ ڪنور کي سندس پتا تيار ٿيل فصل کي

لال ڪنوَ، جنم ورتو. سنت ڪوتارام جي وردان ۽ ڏٺيءَ جي مهر سان ڪنوَر روپي ٻالڪ دنيا ۾ منش جنم جو چولو پهري هن سنسار ۾ پڌاريا.

ڪنوَر جي ٻاهرين شخصيت: ڪنن ۾ ڪُنڊل، ڳلي ۾ مالها، اکين ۾ چمڪ، چهري تي نور، پڳڙي پهريل، ڪاريون گهاٽيون مُڇون، صحتمند قد ڪاٺ، مڌر واڻي اِها هئي سنت ڪنوررام جي ٻاهرين شخصيت.

سنت ساهتيه ۾ ڀڳتي پرمپرا پنهنجي اُن مقالي ۾ ۱۲-۱۴ ڊسمبر ۲۰۰۲ع تي اُڄين ۾ مون هن طرح اِظهار ڪيو هو تہ- امر شهيد سنت ڪنوررام ورهاڱي ڪان اڳ نئين رنگ ڍنگ سان ڀڳت پرمپرا کي چوٽيءَ تي پهچايو. جامعو پهري چير ٻڌِي ڀڳت وجهي ڀڳتي سنگيت جي پرمپرا جي تحريڪ کي جنم ڏنو. سندس ڳايل ڪلامن سنڌ ۾ وڏِي هلچل مچائي ڇڏِي، ٻار ٻڍا عورتون مرد، هندو مسلمانن جي زبان تي ڪنوَر جا ڪلام هئا. اڄ بہ سُليمان جو ڪلام- ڪيئن ريجهايان ڪيئن پرچايان ڏس ڪو ڏانو... هر سنگيت محفل ۽ ميلي ۾ ڳاتو وڃي ٿو يا نالي الڪ جي ٻيڙو تار منهنجو ڀڳتن طرفان ڀڳت جو شيپ آرنڀ ڪلام سان ڪيو ويندو آهي. ڀڳتي سنگيت جي پرمپرا جو مضبوطيءَ سان دامن جهليو بيٺو آهي.

ڪنوَر جي جيوَن جا انيڪ پهلو آهن، جنهن ذريعي جيوَن درشن ڪري سگهجي ٿو. عبادت، وچن جا اٽل، پراڻ جائي پر وچن نہ جائي، سچ جا ساکِي، دين دکين جي سيوا، پريم ڀائيچارو، پوتر پاونا، نيڪ نيتي، هيڻن جا همراهُ، ايمان جي اوڳڻ ڪان مُڪت، پراُپڪاري، هندو مُسلم ايڪتا ۾ اٽوٽ وشواس رکندڙ، سُر سنگيت جا سُرتاج، عالم، سخي اهڙا جو سخاوت ڪندي ۽ دان ڏيندي هڪ هٿ ڏئي تہ ٻئي هٿ کي خبر نہ پوي، ماتائن ڀينرن جو سمان ڪرڻ، ذات جا ڏٽِي، نوڙت نياز، نماڻائي نهٺائيءَ جا مجسم.

نوڙت ۽ نياز تي پاڻ تہ عمل ڪندا هئا پر ٻين کي بہ اِها نيڪ

تون ڇپر تون ڇانءِ

جيوَن درشن

-وينا شرنگي

سُر سنگيت جو سرتاج اِنسانيت جي آستا جو ناءُ آهي ڀڳت ڪنوررام هيٺن جو همراهه، بيواهن جو واهه. پريم ڀائيچاري جو علمبردار، ڏٺيءَ جو سچو پانڌيئڙو ڪرم يوگي شري ڪرشن جي گيتا ۾ ڏيکاريل ڪرم جي راهه تي ڪرم ڪندي جيون گهاريو شريمد ڀڳوت گيتا جي اڌياءَ ٻئين ۾ ايڪونجاهين شلوڪ ۾ ڪرم تي روشني وڌي ويئي آهي-

”جي گياني پُرش ڪرم جو ڦل ڇڏي ڪرم ڪن ٿا، اُهي جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇُٽي دک رهت پد کي پراپت ٿيندا.“

درويش فقير ڪنوَر ڪڏهن بہ ڦل جي چنتا نہ ڪئي، ڪرم ڪري مرڻ جي چڪر کان مُڪت ٿي امرتا حاصل ڪئي، ننڊ کي تلانجلي ڏيئي هٿ هاج ۾ پير ڀنڊ ڪري ڳوٺ ڳوٺ شهر شهر اِهائي سدا بلند ڪئي- وڻجارو ٿي جڳ ۾ آيو آهين، هيءُ شرير ناشوان آهي، سُتا اُٿي جاڳ. ڀٽ ڌڻيءَ فرمايو آهي-

اي ڪم ڪميڻين، جي سُمهن پير ڊگها ڪري (شاهه)
ڏينهن رات آنڌي مانجهي اِهائي وائي وات-

آئو پريتم موهنا پلڪ موند توهي لون،
نا مئن ديکون اور کوءِ نا توهي ديکن دون.

پنهنجي نيڻن ۾ پرميشور کي سمائي رکيو جنهن سچ جي پارکو نظر درويش ڪنوَر کي دنيا جي سچ سان مُنهن مقابل ڪيو. سنڌ جي ٻوتر يومي جروارن جي ڳوٺ ۾ ۱۲ اپريل ۱۸۸۵ع ۾ ٻالڪ ڪنوَر جو جنم ٿيو، ماتا تيرٿ ٻائي پتا تاراچند ڏنيہ آهن، جنهن جي گهر لاڪيٽي

سائين ڪنورام سموري سنڌ، سيني درٻارين، سنڌ جي سرحدي علائقن، پنجاب ۾ پڳتيون وڏيون. سنڌن جي ٽوليءَ سان سدائين ساٿ سهڪار ڏيندڙ هئا ڀائي مانگهنداس، ڀائي هيٽارام، ڀائي نيوندرام، ڀائي بنارام، ڀائي سيتارام نندو (ٻولڻ يا گايڪ) سازيگر سان وڄائيندڙ هئا ڀائي سدورام (ڍوڪڙي)، ڀائي بگلي راءِ (ڍولڪيو)، ڦتو فقير (سارنگيو)، کهيرو فقير (سارنگيو)، جهنڊو فقير، بختيو فقير، ڪالو فقير ۽ اجيتو فقير (سارنگيا).

سنڌي سڀيتا جو سورج، مسلم-هندو ايڪتا جو آلاپ آلاپيندڙ، سنڌي ديش جو سرتاج سنہ ۱۹۳۹ع ۾ شهيد ٿيو ۽ سڄي سنڌ کي روئاريندو ويو.

سنڌِي ڀڳت سائين ڪنورام صاحب جن جي نالي ڪانسواءِ اڌوري آهي.
سنڌِي ڀڳت معنيٰ ڪنوَر - ڪنوَر معنيٰ سنڌِي ڀڳت.
سائين ڪنوَر سنڌين جي دلين، بيتن، شهرن ۾ وسيل آهي.
جت ڪٿ وسين تون - تيرا مڪان واهہ واهہ.
سنڌين ۾، ڀڳتن ۾، ڪنوَر وسي ٿو، وسندو رهندو.

جئہ سنڌ - جيئي سنڌ.

مددي ڪتاب :
سنڌِي لوڪ ناٽڪ - جيٺو لالواڻِي (۱۹۹۶)
سنڌِي ڀڳت شئلي - جيٺو لالواڻِي (۱۹۹۸)
امر شهيد سنت ڪنورام - پرنسيپال ڪنعيالعل تلريجا (۱۹۷۷)
ڪنوَر - شري تيرٿ بسنت (۱۹۵۷)

-ڊاڪٽر جيٺو لالواڻِي
۲/۲۱، نيو جي وارڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد-۴۰
فون: ۲۲۸۱۳۳۱۲

ڪنور جو آواز آتما کي پوتر ڪري ڇڏيندو هو. جڏهن هو جوڳ، ڪوهياري راڳو، پرڀاتي ڳائيندو هو.

ڪنور جي ڀڳت جي شروعات راڳ ڪلياڻ يا راڳ مال ڪنس ”تم ناڪر تم ڀئي ارداس“ سان شروع ٿيندي هئي، بعد ۾ ٻيا راڳ ۽ راڳڻيون پيش ٿينديون هيون.

سائين ڪنوررام راڳ حسيني ۽ راڳ مارو ڳائڻ جا ماهر هئا.

ڪنور جا فيلسوفاڻا خيال، ٻولي ڀوڳڻي، سرل، سادي سوُدي پر مني، دل اُتاريندڙ، قرب سان ڀريل، سچ جي پريرڻا ڏيندڙ، نڊر بڻائيندڙ، نا-اِنصافيءَ اڳيان سِر نه جهڪائڻ ۽ ڪوڙ، اتياچار جو بهادريءَ سان مقابلو ڪندڙ، قدرت لاءِ پريم جو اِظهار ڪندڙ هوندي هئي.

امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب هٿ جوڙي، پلئه پائي آراڌنا ڪندا هئا:

> ”او منهنجا مالڪ، هندو مسلم جو خئر ڪج،
> اڙين- اڏينن جو اجهو ٿيج.“

هندن کان چوائيندو هو ”هري رام“ ۽ مسلمانن کي چوندو هو قرب سان قلمو پڙهو ۽ شروع ڪندو هو ”نالي الک جي بيڙو تار منهنجو.“

ڪنوررام ڀڳت ۾ جيڪي جهوليون کيون، جيڪي ڪجھ هنن کي اُنهن ۾، ڀڳتن ۾ مليو، اُهو اُتي جو اُتي لولن، لنگڙن، فقيرن، ڳ ِرجائن کي ورهائي ڏيندو هو. ڪاريِ ڪوڏيِ به گھر کڻي نه ويندو هو. هن کي جيڪو به ٻڌائ، گھور، ٻول ملندي هئي، اُن مان سماجڪ ڪاريه ڪندا هئا. گھر ۽ ڪٽنب جي آجيوڪا لاءِ پاڻ محنت ۽ پورهئي جي ڪمائي ڪندا هئا.

سان هٿ جوڙي، اکيون بند ڪري مارڙ ڳائي رهيو هو. ٻئي هٿ ٻئي ڪان زور هئا. وقت گذرندو رهيو، ڪنوَر جو آواز وڌيڪ مڌر، سوز پريو، دل کي ڏاريندڙ ۽ بلند ٿيندو رهيو. اِئين لڳي رهيو هو تہ آواز ڪنهن منش جو نہ پر ديوتا جو هو. آخر ۾ پڳت منگهررام اُن بلند اِلاهي آواز اڳيان بيهي نہ سگهيو، هو ڳائي ٿڪجي پيو؛ پر ڪنوَر لڳاتار بنا روڪ ٽوڪ ڳائيندو رهيو.

سائين ڪنوَررام جي ٽوليءَ ۾ هنن جو مکيہ بولڙيو ڀائي رامن هو. هوُ - رچا بہ ڪندو هو، مسخري جو پارٽ ادا ڪري ماڻهن کي خوب کِلائي هنن جو خون وڌائيندو هو. ڀڳت صرف وندر-منورنجن جو ساڌن ڪونہ هو پر سماج سڌار لاءِ پڻ هڪ بامقصد واهڻ هو. ديش ڀڳتي، هندو مسلم اتحاد، آزاديءَ جي هلچل ۾ پڻ ڪنوَررام چڱو پاڻ موکيو. وڏي عمر وارن جون ننڍي عمر جي ڇوڪرين سان شادي، اهڙين بي جوڙ شادين، ڇوت ڇات، ذات پات، پئنچايتن ۾ ايڪتا لاءِ پڻ ڪنوَر صاحب ڀڳتين دوران ڪافي ڪوششون ورتيون. عورتن کي ٻڌايو تہ پتي آهي پرميشور، اِنڪري ناريءَ کي سيتا وانگر پوتر ۽ پتيورتا ٿي رهڻ گهرجي. اِن ڪري ڪنوَر ڳايو:

”پتيءَ جي پريم ۾ هردم،
گذارڻ نار کي گهرجي.“

ڪنوَر سماج مان جوئا تڙي ڪڍڻ لاءِ مهاڀارت مان جوئا ۾ دروپديءَ کي هارائڻ وارو واقعو پُر-سوز نموني ٻڌائي حاضرين جي دلين تي اثر وجهندو هو. شاهہ صاحب جي بيتن ۽ مارئيءَ جي حب الوطنيءَ کي بار بار دهرايو. جنهن جو عوام تي ڪافي اثر پيو.

ڪنوَر ڀڳتين ۾ سنگيت ۽ اِلاهي عشق جي اثر هيٺ سوڪ وارين ايراضين ۾ برسات وسائي. مُٺل ٻار کي جيئرو بہ ڪري انيڪ ڪرامتون ڏيکاريون، دان شيلتا جي چاڻ ڏني.

آسا، تلنگ، دين، سورٺي، ملهار، سارنگ، ڀيروي، سورٺ، لهڻي، مارو وغيره پيش ڪيا.

مارو راڳ اڪثر موت وقت ڳائبو آهي. مانجهندن ۾ جڏهن ڪنور مارو ڳاتو، تڏهن هن کان پڇيو ويو ته ”سائين، توهان مارو ڇوتا ڳايو؟“ تڏهن هن جواب ڏنو، ”منش کي موت جو ڊپ نه ڪرڻ گهرجي، هن کي موت لاءِ هردم تيار رهڻ گهرجي. مرڻ ۾ ڪوبه مهڻو ڪونهي.“

ڪنور سنڌيءَ سان گڏ پنجابي ۽ سرائڪيءَ ۾ به ڳاتو. چاڪاڻ ته هو پنجاب ۽ سنڌ جي سرحدي علائقن ۾ ڀڳت وجهڻ ويندا هئا. هنن جي ڀڳتين ۾ سنڌ جي هندو مسلمان، ملتاني پنجابي وغيره حاضر رهندا هئا ۽ اُنهن کي ڌيان ۾ رکي ڪنور ڪلام، ڀڄن، لوليون ڳائيندا هئا. سائين سترامداس سان گڏ جڏهن ڪنوررام ڀڳت وجهڻ ويندا هئا، تڏهن ڀڳت جي مهڙ ۾ ويهندو هو سائين ستر امداس ۽ پاند ۾ ويهندو هو سائين ڪنوررام. سائين ڪنور سترامداس جي ڏوهيڙن جو جواب ڏوهيڙن ۾، سلوڪن جو جواب سلوڪن ۾ ڏيندو هو. سُر سان سُر ملائيندو هو. راڳ جي آڪاش ۾ ٻنهي ڀڳتين، گرو-چيلي جا آواز ٽڪرجي من موهيندڙ پڙاڏو پيدا ڪندا هئا. ڪنور تصوف، ويدانت سان گڏ ڪلام، ڪافيون، غزل، ڏوهيڙا مذرتا ۽ ميناج سان ڳاتا.

ڪنور ڀڳتن دواران مذهب، ذات پات، ڀاڻا ڀيد کي دور ڪرڻ جو سنديش ڏنو. ٻڌجي ٿو ته ڏهرڪيءَ ۾ هڪ دفعي سائين ڪنور جي هم-وقتي ڀڳت ڀائي منگهررام جيڪو سنڌ جو ڪافي لوڪپريه ڀڳت هو، هن کي پنهنجي ڪلا تي ڪافي ناز هو، اُهو پرڀات ويلي هڪ پاسي ڀڳت وجهي رهيو هو، ٻئي پاسي سائين ڪنوررام چير جو جامو پائي بيٺا هئا. ٻنهي جي آلاپ ۾ سوز، مذرتا ۽ ميناج هو. غميءَ جو موقعو هو، ٻنهي دردي سوز مان مارو ڳايو. ٻڌندڙن جي اکين ۾ آب هو. ڀڳت منگهررام مستيءَ سان ڳائي رهيو هو. سائين ڪنوررام نمرتا ۽ نماڻائيءَ

سائين ڪرشن ڀڳت سان گڏ گگو ڀڳت پڻ هئا. هنن گگوشالائن جي وڪاس ۽ واڌاري لاءِ ڀڳتين ۾ انيڪ رقمون ڪنيون ڪري گگوشالائون هلائيندڙن کي ڏنيون.

سائين ڪنوررام درياخان جو هيءُ ڪلام راڳ تِلنگ ۾ اڪثر ڳائيندا هئا:

''عشق جي مڪتب ۾ ويهي، ڪر درد جو دل ۾ درڪ،
ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهين، هن هن آهي وڏو فرق،
اڪرن ۾ جيڪي اڙيا، سي عشق چاڙهي نا چڙهيا،
ڪنهن جي مڃين تا ڪين ڪي، آهن وڏا ساڙي سڙيا،
جن کي حرف حاديءَ جو، ويڙهي ڇڏيائون سڀ ورق.''

سائين ڪنوررام جي هيءَ لولي ڏسو:

''لولي ديوان لال نو، نڪي جهڙي ٻال نو،
لوليان لولي، لولي ڏيوان لال نو.''

سائين ڪنوررام ڀڳتن دوارا ڀارت ڀر جي صوفين جي امرت واڻيءَ سان گڏ ميران، ڪبير، سورداس، تلسيداس، گرونانڪ، شيخ فريد، بُلي شاهه، آغا، عميد علي، شاهه عبداللطيف، بهاول، سامي، سچل سرمست، بيدل، بيڪس وغيره جي ڪلامن، ڀڄنن، ڏوهيڙن جي گونج هر گهر ۾ گونجي. ڪنوررام ڀڳتن ۾ راجا وڪرمادتيه، راجا هرشچندر، ڀڳت ڌروُ، ڀڳت پرهلاد وغيره جون ڪٿائون، گروُ گرنٿ صاحب جي ٻاڻيءَ سان گڏ ڀاڳوت ۽ ٻين ڌارمڪ گرنٿن جا انيڪ درشٽانت پيش ڪري ستيه، اهنسا، قومي ايڪتا، هندو-مسلم ميلاپ، اِنساني پريم، مانوتا، شانتي، وشو ڀائيچاري، نئتڪتا، اوچ جيون ماڻڻ، سادگيءَ، سيوا، پروپڪار، اِنساني ڌرم، اِنسانيت ۽ هڪجهڙائيءَ جو سنديش ڏنو.

سائين ڪنوررام راڳ راڳڻين ۾ ڀڄنين ۾ پرياتي ڪوهياري،

سائين ڪن تي هٿ رکي چوندو هو:

”ڏڏ ٿي ڏان گهريم، تون ڇڏ وڃا وڃائي
سڀ رات سنباها تازي تولائي
جو ڇاٽي نہ ڀائي، تنهن سان بيلي ڏٽيءَ ٻاجهہ ڪئي.“
”آءِ ڪانگا ڪر ڳالهہ مونکي تن ماروئڙن جي
ماروئڙن جي سانگيئڙي جي، آءِ ڪانگا ڪر ڳالهہ.“

”رام سِمر پريات ميري من“، ”ڪئن ريجهايان توکي ڪئن پرچايان“، ”نالي الک جي بيڙو تار منهنجو“ وغيره اڄ بہ چت کي چوري، مستيءَ ۾ ٻوڙي، هردي ۾ ڦرن پيا ٿا. ڪنن ۾ ڪنڊل، مٿي تي پيلي پڳڙي، هٿ ۾ لڪڙي کڻي ڪري ڪرشن جو ڀڄن ”گئيان چريندا ڪان“ جڏهن ڳائيندا هئا، ڳانين کي هڪل ڏيندا هئا، تڏهن ساکيات ڪرشن روپ جو درشن ٿيندو هو. ڀڄن جا ٻول آهن:

گئيان چريندا ڪان بن بن ۾
هڪل هور ها ها، ڪئہ ڪئہ
چلو گئيان چريندا ڪان، بن بن ۾
ڪان بجائي بنسي ڌُن ڌُن ۾
چلو ري گئيان گهر ڪو، گهر ڪو، گهر ڪو
دم دم ۾، گئيان چريندا ڪان.... (راڳ پهاڙِي)

ڀڳوان ڪرشن جي اُستتيءَ ۾ ڳائيندا هئا:

”برنداون وارِي راس رچائي، مڌر بنسي وڄائي،
پرتهہ سمي موهن مئيا سي، هس ڪر ماکن مانگت هئہ
جهپٽ داءِ پٽ لي، ڪرل ڪر، مُک سي مُرلي بجاوت هئہ.“

يا ڳائيندا:

ڪانگا ڏجانءِ ڪرشن کي پيغام ويندي ويندي،
بک ۾ مرن ٿيون ڳانيون، گهنشام ويندي ويندي. (راڳ پرياتي)

جن ۾ مکيه هئا سروَ شري ڀائي رامن رام، ڀائي سيتارام تلريجا، ڀائي پريمارام، ڀائي تلوڪرام، ڀائي سڪرامداس ۽ ڀائي ڪرمون رام (ٻولڙيا- ڳايڪ).

سازينداڙ هئا: ڀائي ڀلاجراءِ (ڍوڪڙي) ابن فقير (سارنگيو)، ڀائي دريانومل (ڍولڪيو)، ڀائي سياڳيو (ڍولڪيو) ۽ ڪالو فقير.

اِئين تہ ڪنوَر جمندي جام هو. سوز، مٺرتا ۽ ميناج سان پرپور هو. سنگيت جي ذات مليل هئس. هو جيئن جيئن ڳائيندو هو، هن جو آواز وڌيڪ بلند ۽ مٺر ٿيندو ويندو هو. هوُ ڪڏهن بہ ٿڪجندا ڪونہ هئا. جيئن دير، تيئن هنن جو آواز وڌيڪ مٺر، بلند ۽ من موهڪ ٿيندو ويندو هو. ڳائڻ وقت ڳايڪن جي پيشانيءَ تي گهنج ۽ ڳلي جي نسن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي آهي پر سائين ڪنوَررام جي پيشانيءَ ۾ ايشوري ڀڳتيءَ جو پرڪاش، تيج تجلا ڏيندو هو. هوُ راڳ ڳائڻ وقت ڪنڌ هيٺ جهڪيل ۽ اکيون بند رکندا هئا. هوُ پنهنجي دل ربا دلدار کي ريجهائڻ لاءِ من روپي مندر ۾ تن روپي تنبورو وڄائي آلاپ آلاپيندو هو ۽ سنگيت ۾ کوهجي ويندو هو.

ڪنوَر اکيون پوري ڳائيندي ڳائيندي راڳ جي مستيءَ ۾ اچي نچندا، جهمريون هڻندا هئا، جهولندا ۽ جهومندا هئا. هنن کي سنگيت جي مستيءَ ۾ آڻيندو هو ڦتن ميراثي سارنگيو. هوُ سنڌي سارنگيءَ دوران راڳڻين جا اهڙا تہ نوان نوان سُر ۽ اُنهن جون نيون طرزون وڄائيندو هو جو ڪنوَر ساز جي آواز تي وجد ۾ اچي آلاپ آلاپيندو رهندو هو. اهڙو ئي سائين ڪنوَر جو هڪ مشهور ۽ مخمور ڪنڌڙ گيت آهي:

”مان جن لئہ ٿي جاڳان، اُهي شال ايندا،
مبارڪان مڙيئي ڏسڻ ساڻ ڏيندا،
جن لئہ ٿي جيءَ ۾ جايون سنواريان،
آڱڻ کي اکين سان ٻهاريو، ٻهاريان.“ (سرِي رام ڪلي)

ڪنورام جي پڳت واري هنڌ- جڳهه ڏانهن ويندو هو. ماڻهو وٽن، ڪڏن، جدا جدا واهڻن جي مٿان ويهي پڳت ٻڌڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا.

اِئين تہ فنڪار ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا ميراثي ۽ ٻيا عطائي. ميراثي اُهي آهن، جن جا وڏا خانداني فنڪار هوندا آهن. عطائي اُهي، جن کي رَبُ پاڻ کي فن عطا ٿيو آهي. سائين ڪنوَر ذات ڏٽي هئا. ذات ۽ ڏانوَ جي آڌار تي هوُ اڳتي ۽ اڳتي وڌندا رهيا. ننڍپڻ کان ئي ڪنوَر کي ڳائڻ جو شونق هو. پر روحاني امانت سائين سترامداس جيڪا پنهنجي پتا سائين ڪوتارام وٽان حاصل ڪئي، سا ڪنوَر جي حوالي ڪئي.

سنت ڪوتارام جن کي پتافن جي دربار ۾ سنت تنسڪرام پنهنجن هٿن سان چير جامو ڏيئي پڳت بڻايو. پنهنجا سازيندڙ ڏنا ۽ پڳت ٽولي ٺاهي. سنت ڪوتارام اُها ذات پنهنجي ننڍي پٽ سترامداس کي ڏني، جيڪي رهڙڪيءَ ۾ پڳت چونڪي ڪندا هئا. پتا سان گڏ پڳتن تي ويندا هئا، پڳت وجهندا هئا، مني، من موهيندڙ ۽ بلند آواز ۾ ڳائيندا هئا. ساڳئي نموني سائين سترامداس ننڍي ڪنور کي پاڻ سان گڏ پڳتن ۾ وٺي ويندا هئا. سائين ڪنوَر ننڍي هوندي ئي قلات، ٽل، رهڙڪي، مائي سيوڙيءَ جي ڳوٺ، قاسم جي ڳوٺ ۽ ٻين هنڌ سائين سترامداس سان پڳتن ۾ شامل ٿيو ۽ ڳاين جي سکيا حاصل ڪئي. جڏهن سائين سترامداس جو آخرين وقت آيو، تڏهن هن ڪنوَر کي سڏي، چير جامون ڏيندي چيو، ”ٻچا ڪنوَر، هيءَ چير، جامون ۽ پڳ وٺ. اسان توکي پنهنجي امانت ڏيون ٿا، قابو رکجانءِ.“

۽ سازيندڙن کي گهرائي چيو هئائين: ”ڪنوَر اسانجي روحاني امانت اٿوَ. اُن کي ساٿ ڏجو ۽ اُن کي سنڀالجو.“

سائين سترامداس پنهنجي ٽوليءَ جا ٻولڙيا، سازيندڙ، سنگيتڪار، سارنگيا، ٺوڪڙي، ڊولڪيا، ربابي ڏنا. جن ڪنوَر سان پڳتن ۾ سنگ ڪبو.

ڪنور محبت جي صورت، سنڌ جي شمع، پيار جو پتلو، ڀڳتي رس سان ڀرپور لاثاني ڳايڪ، نرموهڪ درويش، سچو عاشق، اِلاهي روح ۾ رتل، روحاني رهبر، سماج سُڌارڪ ۽ مهان ڪرم يوڳي هو. جنهنجي آواز ۾ ڪشش، جادو، لرزش، روحاني آواز ۽ ايشوري آلاپ هو. هوُ ڀڳتن جو ڀوتار ۽ سنگيتڪارن جو سردار، سنڌي موسيقيءَ جو سمراٽ، سنڌين جو تانسين، سنڌ جو ٻئجوُ باورا هو.

سائين ڪنور جي ڇيرين جي ڇمڪار، پائل جي جهنڪار، مصري ماڪيءَ کان به مٺڙو سُر، آڪاس سان ٽڪر کائيندڙ آواز اڄ به سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، هر شهر ۾ گونجي رهيو آهي. هن جا ڳاتل گيت اڄ به سنڌين، سنڌ جي ڪنن ۾ ٻرن، چت ۾ چڙن پيا ٿا.

سنت ڪنوررام ڏهرڪيءَ، سموري سنڌ جو مهان، لوڪپريه، سيني ڀڳتن جو مهان شرومڻي ڀڳت هو. هوُ سرمور ڀڳت هو. هن جي ڀڳت ٻڌڻ لاءِ ڏورانهن شهرن مان ماڻهو کهي ايندا هئا. مٺي سُر آلاپ جي لاهين- چاڙهين جي هنکي ڏات مليل هئي. هوُ سنڌي سيتا جو مجسم روپ هو.

ڀڳت ڪنوررام صاحب ڇير، جامو، مٿي تي پيلي پڳڙي، ڪنن ۾ ڪنڊل پهري، نرڙ تي تلڪ لڳائي امرت ويلي صبح جو ڇئين بجي ڀڄن ۾ وهندا هئا. جيڪو پندرهان سورهان ڪلاڪ به هلندو هو. هوُ ڳائڻ ۾ ايترا ته محوُ، لين هوندا هئا جو هنن کان کاڌو، پيتو، ننڊ به وسري ويندي هئي. ساڻ گڏ ٻڌندڙ پڻ سُڌ- ٻڌ کوهي، هڪ هنڌ جم کائي وينا هوندا هئا. هنن کان اُڃ بک به وسري ويندي هئي. گرمي، سرديءَ جو ڪوبه اثر نه، اکين مان ننڊ گم، صرف سائين ڪنوررام جي راڳن، ڀڄنن، ڪٿائن جو جادوئي اثر هنن مٿان حاوي هوندو هو. ڀڳت ڪنور ڪنهن به ڳوٺ، شهر ۾ هجي معنيٰ اُتي خود به خود ڪرفيو لڳي ويندو هو. گهرن کي تالا لڳي ويندا هئا. سيني جو رستو صرف سائين

ڀڳت لفظ جي معنيٰ ”ڀڄ“ يعني پوڄا آهي. ”ڀڳت“ وڄهندڙ شخص کي ڀڳت يعني پوڄاري پڻ سڏيو ويندو آهي پر هتي اسانجو واسطو ڀڳت ”ڀڳت باز“ يعني خاص انداز سان نقل ۽ نغما ڳائيندڙن سان آهي. سنڌي ڀڳت شڌ سنڌي انداز آهي، جنهن کي پنهنجي علحدي سڃاڻپ ۽ نرالپ آهي.

ڀڳت جا مکيہ تنتو هن ريت آهن-

ڀ : ڀاوَن جو اِظهار، جدا جدا شاريرڪ ڪِريائن، ڇهري جي حاون ڀاون، مدرائن جي اِظهار دواران آنند منورنجن جي محسوسات ڪرائڻ.

ڳ: گيتن جي گايڪيءَ جي هڪ خاص شئلي سنڌي لوڪ گيتن، لوڪ ڪٿائن کي ڀاوَ پرڌان بڻائڻ جو انداز، اُتساهہ، رچناتمڪ ڀاوَن جي اِظهار دواران هڪ نئين آنند سرشٽي رچڻ.

ت: تال جنهن ۾ لوڪ نرتيہ، لوڪ سنگيت ۽ لوڪ ساز شامل آهن.

يعني تہ ڀڳت سنڌي فن جو اعليٰ نمونو هڪ ستسنگ، راڳ جي محفل، پريوءَ جي اُپاسنا، روح جي راحت، سڌارو وادِي ڀاونا ۽ وندر جو بهترين وسيلو آهي، جيڪا اسانجي اعليٰ ترين تهذيب جا درشن ڪرائي ٿي ۽ ايامن کان وٺي سنڌ واسين، سنڌ جي دلين کي باغ بهار بڻائيندي پئي رهي آهي.

هن ليک جو واسطو ’ڀڳت‘ جا آهي سان گڏ امر شهيد سنت ڪنوَررام صاحبن جي ڀڳت پرمپرا سان پڻ آهي.

اِئين تہ سنڌ هند ۾ انيڪ لوڪ پريہ، ماهر ڀڳت ٿي گذريا آهن پر ڀڳتن جو سرتاج، امر شهيد سائين ڪنوَررام صاحب جن هئا. سنڌي ڀڳت يعني سائين ڀڳت ڪنوَررام صاحب. سائين ڪنوَررام صاحب سنڌي قوم ۽ سنڌي تهذيب جو هڪ روشن منار رهيا.

ڀڳت ۽ سائين ڪنوررام

-ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي

سنڌي موسيقيءَ ۾ اسان کي ڪافيءَ جي گائڪي، نغمن، ترانن واري گائڪي، مرثيہ خواني، اُهر خواني، ملتان وارين درگاهن جي گائڪي، ڀٽ شاهہ جي راڳ جو انداز، پيرن گناتن پڙهڻ جو انداز، درگاهن جي سُنگ وارو انداز جنهن ۾ فقير هڪ ٽوليءَ جي صورت ۾ گڏجي هڪ ڪلام ڳائيندا آهن. فقيراڻو انداز، سماع جي گائڪي، پڇنن جي گائڪي، صوفي انداز ۽ ڀڳت واري گائڪي، ڀڳتاڻو انداز ملي ٿو.

ڀڳت نج سنڌي موسيقي فن آهي. ڀڳت سنگيت، راڳ، ساز، لوڪ نرتيہ ۽ لوڪ ناٽڪ تتوَ جو مرڪب آهي. سنڌي سنگيت، راڳ، تال، نرتيہ جي آڌار تي ڪنهن ڪٿا، لوڪ ڪٿا، درشٽانت جي پيشڪش کي ڀڳت سڏيو وڃي ٿو. ڀڳت آکاڻي - لوڪ ڪهاڻي ڪٿڻ جو هڪ انداز آهي. جنهن ۾ راڳڻين، سُرن، گيتن جي اُٽت ڪيل هوندي آهي، جيڪو ڀاواتمڪ ماحول ڪڙو ڪرڻ ۾ سازگار، مددگار ثابت ٿيندو آهي ۽ عوام جي ڪشش جو باعث بڻجي ٿو.

سنڌي ڀڳت جو واسطو ڀڳتي يُگ (ڀڳتي ڪال) سان ڪونهي پر اُن فن سان آهي، جيڪو راڳ، تال، ناچ جو مرڪب آهي ۽ اُنهن گايڪ ٽولين سان آهي جيڪي سنڌ جي ڳوٺ-ڳوٺ، شهر-شهر ۾ وڃي عوام جو منورنجن ڪنديون هيون. البت ڀڳت ۾ ڀڳتيءَ جي پرمپرا شامل آهي ۽ روحاني شڪتين واري راڳ جي روايت پڻ آهي. سنڌ ۾ جيڪي مسلمان ٽوليون هونديون هيون، اُنهن کي ”ناچُو“ ۽ هندن جي ٽولين کي ”ڀڳت“ سڏيو ويندو هو. ڀڳت اڪثر ڪري ڌارمڪ ڏڻن، ورسين، اُتسوَن، آنند واڌي ۽ خوشيءَ جي موقعن تي وڏي ويندي آهي. ڀڳت ڪيرتن جو روپ سنگيت آهي، جنهن ۾ جدا جدا ويس پڻ ڌارڻ ڪيا ويندا آهن، جنهن کي ”سانگ“ سڏيو ويندو آهي.

وياڪل ڪندڙ آواز منهنجي ننڊ چورائي ڇڏي. اوپر مان اوپر جي درويش جي آلاپ ’نالي الک جي‘ تي چڪور مثل چنڊ ڏانهن ڇڪبو وڃي اُتي پهتس. پورڻماسيءَ جي رات ڇوليون ساريندڙ سمنڊ مثل ماڻهو مستانا بڻجي ڪيس ٻڌي رهيا هئا. گئوشالا جي چوڌاري مسلمانن جا گهر هئا. گهرن جي چوٽ تي پردو ڪندڙ مسلم زالن جا جهنڊ ۽ ٻارن جي فوج ننڊ کي الوداع چئي روحاني رس حاصل ڪرڻ لاءِ وياڪل هئا.

ظاهر آهي ڪنور جي ڪلا تي هندو مسلم ٻئي فِدا هئا. اجا تہ مونکي اُتان جو اينرو ادبي سرمايو حاصل نہ ٿي سگهيو آهي. جيڪو هٿ لڳو، اُن مان چوند ٽڪرا پيش ڪيا اٿم.

هٿ انگريزيءَ ۾ لکيل جيونين جي بہ اُپٽار نٿي ڪريان. باقي هڪ خواهش هئي ڪنور جي جيون تي تيار ٿيل ٽيلي اِسڪرپٽ هٿ لڳي ليڪن باوجود ڪوشش جي نہ اِسڪرپ نٿي ويڊيو ڪئسيٽ ملي جو ڪجهہ لکي سگهان.

آخر ۾ اِهوئي تہ ڪنوَر جهڙي شخص تي گهٽ لکيو ويو آهي پر معياري ۽ اثرائتو. هاڻي جيئن سائين چاندورام هي ڪم مشن روپ ۾ ڪنيو آهي، سو اُميد ڪجي ٿي تہ ساهتيہ ۾ نئون سرجڻ بہ ٿيندو ناٽڪ منڊليون ناٽڪ ڪنديون، ڊئريڪٽر پروڊيوسر نئين سر فلم نرماڻ ڪندا. انهن شڀ ڪامنائن سان مان پنهنجي جڳهہ وٺان ٿي.

جئہ سنتون ڪي. جئہ سنت ڪنوَررام جي.

-ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي
اي-۲، نهرو نگر، سومل پور روڊ،
سائين بابا مندر پرسان، اجمير-۳۰۵۰۰۳
فون: ۲۶۹۱۳۲۶
موبائيل: ۹۳۱۳۲۲۰۳۷۰

نہ پچاري. ايتري قدر جو سر ڏيئي ابدِي حياتي ماڻيائين. اهڙو مائيءَ جو لعل ۽ سنڌڙيءَ جو راءِ ڏياچ هو يائي ڪنور.''

سنڌ جي ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب يادگيرين جي سفر ۾ ڪنور جي بوچڻ ۽ مُجتيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. پاڪستان ۾ 'جيئي سنڌ آندولن' شروع ڪندڙ جناب جي. ايم. سعيد پنهنجي ڪتاب 'جنم گذاريم جنين سان' ۾ ڪنور کي وڏي سڪ شرڌا سان ياد ڪندي لکيو- ''ڀڳت صاحد صورت جو سُهڻو، رونقدار نيڻ، آواز ۾ حد درجي جو سوز ۽ ميٺاج هو. سندس ڀڳت جي جاءِ ملندي ئي هزارن جي تعداد ۾ هندو مسلم اُتي پهچي ويندا هئا. اڪثر رات جو ٻارهين بجي بعد ڳائيندو هو ۽ پرڀات ٿيڻ تائين ڳائيندو رهندو هو. اڄ به ريڊيو تي سندس آواز ٻڌندي ئي اُن ۾ لين ٿي ويندو آهيان. ڪاڏو پيتو، لکڻ پڙهڻ سڀ اڏ ۾ ڇڏي ڪنور جي آواز سان ايڪاڪار ٿي ويندو آهيان.''

پاڪستان جو مشهور اديب ۽ اخبار نويس جناب شيخ عزيز پنهنجي ڪتاب 'ڀڳت قديم سنڌي انداز موسيقي' ۾ لکي ٿو:

سنڌ ۾ ڀڳت ڳائيندڙن کي آشائن جو ديپڪ، شانتي دوت ۽ نئين سوچ اِنساني هردي تائين پهچائڻ جو ذريعو مڃيو ويندو هو ۽ ڀڳت ڪنور اُنهن سيني ۾ پهرئين صفحي ۾ شُمارجي ٿو. جن سموري حياتي سنگيت جي سُرن ۾ گذاري. سُرن جي سهاري آدرش جي جوت هرهنڌ جڳائيندو رهيو. تاعمر عوام ۽ دين دکين جي شيوا ڪندي منجهن پريم جو خزانو لُٽائيندو رهيو.

هڪ ٻئي مسلم عالم قريم بخش خالد پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي-

اُن رات شيوا منڊليءَ سامهون گئوشالا ويجهو ڪنوررام جي ڀڳت جو پروگرام هو. رات جو هڪ بجي اوچتو منهنجي اک کُلي. هڪ

جي قابليت ۱۰. ميلن جو مور ڪنوَر ۱۱. پائي پيشورام جو وواهه ۱۲. بليدان ۱۳. ڀڳتي ۽ ايڪتا ۱۴. تياڳ ۱۵. سادگي ۱۶. اُدارتا ۱۷. ڪميا.

لڳي ٿو تيرٿ ڪي هيءَ جيوني هٿ نه لڳي آ نه ته ذڪر اوس ڪري ها. فوٽن سان گڏ هن ۾ خود ٿي ليڪ پنهنجا گيت به لکيا آهن ۽ ٻيا مثال به جهجها ڏنا اٿس. ڪن پئرائن جي ساڳي پاشا عجب ۾ وجهي ٿي. صفحه ۸-۹.

ٻوليءَ ۾ ساهتيڪ هڳاءُ آهي، رواني آهي، شيريني آهي پر سڀ کان وڌي خوبي جا نظر آئي، سا اِها ته ڪنوَر جي نه رڳو گڻن پر مڪمل شخصيت جو چِٽ به چِٽيو ويو آهي، جا ڳالهه عوام لاءِ پريرڻادائي بڻجي ٿي. جيئن ڪنوَر جو ٻي شادي ڪرڻ، ماس کائڻ، شراب پيئڻ بابت اثرائتي نموني لکڻ ۾ ليڪ بيشڪ ڪامياب ويو آهي. شراب واري گهٽنا جو ذڪر ڪرڻ بعد لکي ٿو: ڪيئن به هجي ليڪ ڏرم جي انگن جي اُپٽار ڪرڻ لاءِ ۽ اُنهن جي هيٺ مٿاهينءَ لاءِ قلم کي هٿ ۾ ڪنيو ڪونهي. هنجو پريوجن آهي ڪنوَر جي جيون جي مکيه واقعن جو ورڻن ڪرڻ.

رهڙڪيءَ صاحب ۾ ڏوڙئي جو ميلو جن اکئين ڏٺو هوندو، تن کي خبر هوندي. رنگين پاڻيءَ سان پريل پچڪارين جي پيئي مٿس اوت ٿيندي هئي. ڪمل اوڏي مهل ٿيندو هو ڪرشن ۽ ٻيا ڀڳت بالڪا سکيون جهڙا انيڪ ذڪر لائق مثال جيونيءَ ۾ آهن.

مُسلم عالم-

اسان لاءِ اِها واڏو فخر جي ڳالهه آهي جو ڪنوَر تي هندن ئي نه مسلم عالمن به قلم هلايو آهي. سنڌ جو بزرگ عالم علي احمد بروهي لکي ٿو:

''مون نه ٻيجل ٻڌو نه راءِ ڏياچ ڏٺو پر مون هڪ لکن جو رانجهو ضرور ڏٺو ۽ ٻڌو. سُريلو به هو ته رس ڀريو به هو. سخي به اهڙو، جو ڏيئي

جيئن مرضيءَ مطابق اها لڏڻ اُنان لنگهي وڃي. ڪيڏو نه ڏيرج هو هن پراڻي ماتر سان پيار ڪندڙ شيوڪ کي.

ڪنوَر گردوارن ۽ گئوشالائن لاءِ به پيسا گڏ ڪندو هو. هڪ دفعي بواهل پور ۾ گئوشالا جي سهائتا لاءِ ٽوليءَ سميت پڳت وڃڻ ويو. چوندا آهن بواهل پور جي ڪتي به سُر سان ڳائيندي آهي، اُتي ڪنوَر گروءَ جو ڏيان ذري اکيون پوري ڳائڻ شروع ڪيو ته ماڻهو دنگ رهجي ويا.

ڳائيندو جهول ۾ دان وٺندو ويو. ماڻهو موج ۾ اچي ويا. زالن زيور لاهي ڏنا. ڪُٽپ ۾ پتو پيو ته ارڙهن هزار روڪڙ ۽ سو ڳوٽيون ڏارو پنجاهه تولا سونا زيور مليا. هي ته هڪ مثال آهي. ڪنور جتي به ويندو هو، سندس جهول پرجي ويندي هئي ۽ ڪني ٿيل رقم سُڪرت جي ڪمن ۾ اندن مَندِن محتاجن نياڻين جي مدد ۾ لڳندي هئي.

تيرٿ جو لوڪ گيتن وارو ته هوند سڄو باب ڏيان پر ديگ جي هڪ چانور مان ئي پرک ٿي ويندي آهي ته ديگ جا سمورا چانور اجا ڪچا آهن يا پچي رڌجي راس ٿي ويا.

تيرٿ جي ڪتاب ڪان به اول ۱۹۴۳ع ۾ ڇپيل هيءَ جيوني مونکي پوءِ هٿ آئي. اُنجي بيان بنا هي مقالو اڌورو ئي رهندو.

جيون ڪٿا - امر شهيد سنت ڪنوَررام صاحب

ليکڪ - تلسي ر. تلريجا

مونکي ڪتاب جو ٻيون ڇاپو سال ۱۹۶۵ع ۾ ڇپيل هٿ آيو، جنهن ۾ ۱۳۵ صفحه آهن. ڪيترا ناياب چتر آهن، جيڪي موجود هجن ته ڪمپيوٽر ذريعي نئين سر تيار ڪرائجن. ٻئين ڇاپي ۾ اٽڪل سو صفحن ۾ ڀائي پيشورام صاحب جي جيوني پڻ شامل آهي پر مان فقط ڀڳت ڪنوررام بابت ئي ذڪر ڪندس. ڪتاب جا باب آهن - ۱. جنم ۲. ڪمار اوسٿا ۳. وديا ۴. قدرت جو چڪر ۵. وواهه ۶. سائين سترامداس صاحب جو ديهانت ۷. ٻي چوٽ ۸. نامار نئنان دي نير ۹. راجنيتيءَ

تہ جھاڳي رھڙڪيءَ جي نندڙي ڳوٺ مٿان مھر جو ميگھ وسائڻ خاطر اچي ڳاھٽ ٿيا ھئا. سيتل ھير پي لڳيءَ تازي ڳاھ جي سُڳنڌ آس پاس جي سرسبز کيتن تان کڻي ٿي آئي. اھڙي وقت پائي ڪوتارام جي چنل چني ۾ ھڪ نھايت سندر ٻالڪ جو جنم ٿيو. سنھي سنھي بوند جي وسڪار، بادل جي مانڌي دٻيل ڳجڪار، سيتل ھير جي سُرھي ھسڪار تي سندس ھنئون پٺي وسيو. اھڙي سپاڳي سُرھي سمي پٽ جمندو ڏسي ٺھري آيس تہ انھيءَ ٻالڪ تي ڏٺيءَ جي خاص مھر آھي.

ڪنور جي نمرتا-

ڪنور جي عادت ھوندي ھئي تہ ماڻھن جي ھشام وچ ۾ راڳ ڳائيندي جيڪڏھن ڪو ويجھو ايندو ھوس تہ ٽڪ اڻ پوري ڇڏي يڪدم اُنجي پيرن تي ھٿ رکي پاڪر پائيندو ھوس. اھو پاڪري پيڙو ڪرڻ اسان سنڌين جي قربائتي رسم آھي. جنھن ۾ اسانجو طبعي خلوص يڪسانگيءَ پاٽپي ٿي بڪي. ٻيا ھٿ مِلائن، ھٿ جوڙين، سلام ڪن. ٻہ ٽي دفعا گوڏن تي ھٿ رکي نمن، يا فقط ڪنڌ ھيٺ پروڪن پر ڇاتيءَ سان ڇاتي ملائڻ ۾ جو قرب آھي، سو اسان سنڌين جوئي ڳڻ آھي. ٻار سال پڇاڻان ماتا جي گود ڇڏي ٿو پر اسين ٻنا ڄاڻ اھا گود سانڍيندا ٿا اچون ۽ پاڪر پائي پيا پاڻ کي خواھ ٻين کي لطف وٺايون.

مٿين مثالن مان نہ رڳو تيرٿ جي پيشڪش جي خوبين جي ڄاڻ ملي ٿي پر جيونيءَ جي ٻھاني ڄاتيءَ جا ڳڻ بہ واضح ڪريو ڇڏي.

شيوا ڀاؤ-

ڪنور ڪڏھن گيڙو نہ پاتو پر سڄي عمر نرليپ نرموھي ٿي رھيو. دکي اِنسانن جي شيوا سندس ڌرم جو مول انگ ھو. رھڙڪيءَ ۾ اَنڌن مَندن جي دوا درمل پاڻ ڪندو ھو، بلڪ سندن ٿوڙو پيشاب بہ پاڻ ميڙيندو ھو. سندس ھمدردي ماڻھوءَ تائين محدود نہ ھئي. اِتفاق سان ڪا ڪِئلي ڪاغذ ني اچي وبندي ھئي تہ قلم کڻي روڪيندو ھو

ڪشور اوستا ٦ يڳتي مارگ ٧. وچن پالنا ٨. نمرتا ٩. ڪرت ڪار ١٠. جيون سکيا ١١. لوڪ گيت ١٢. قلم تازو ١٣. ديوستا پرش ١٤. رڪارڊ.

سچ پچ تيرت جي ڪنور جو جيڪو صفحو کول، جيڪا پئرا پڙهه، اندر کي انوکو آنند عطا ٿيو وجي. ٻئو کي مثال-

ڪوهر وڪڻڻ- ڪشور اوستا ۾ ڪنوَر ڪوهر به وڪڻندو هو ۽ ڪڏهن ماڻس پڪوڙا تري وڪري لاءِ پڻ ڏينديِ هئس. ڪنوَر ڪوهر وڪڻندي هوڪا ڏيندو هئو-

چڻا وٺو منهنجا لال، کائي ٿيو خوشحال،
آهي لاشڪ عمدو مال، چڻا چور گرم پيار.

هوڪو ڏيندي اچانڪ گلي مان ڪو ڏوهيڙو يا ڪلام به وهي ويندو هوس. سندس ٻول اهڙو ته سباجهو ۽ آواز سُريلو هو، جو ماتائون قلڪو اڏ ويليل چڪلي تي ڇڏي ۽ ڪنيائون پرت سُئي سڳي سان انڪيل ڪٽي باهرئين در جي چائنٺ وٽ بيهي کيس تڪينديون هيون ۽ ٻالڪ ڊُمڪ ڊُمڪ ڪندا، ٿڙندا ٿاٻڙندا، مٽيءَ ۾ ريڙهيون پائيندا ۽ ڪي خوشيءَ مان نينگ ڏيندا نچندا ٽپندا وٽس جهرمٽ لڳائي بيهندا هئا. سندس جيڏا سرتا ته جُهمريون پائي ڪن تي هٿ رکي اهل پڻ ڪندا هئا ۽ پاءُ پلڪ ۾ کومچو خالي ٿي ويندو هو. اهڙو هو تاثير ڪشور ڪنوَر جي آلاپ ۾، جنهن نر ناريِ، ٻار ٻڍا، لنبو لنگها، مير پير مَست ڪري وڌا. ڪنوَر هو عطائي جو ٻنا چاڻ ويو ٿي وائکي ڪندو ۽ سوپياوان ۽ ڪلاونت هئڻ ڪري دليون گهائڻ اکن چڪن ڪرڻ سندس سياويڪ ڪرت ٿي پيئي هئي.

سوامي سترامداس جو جنم-

امرت ويلي جڏهن وشو ساگر شانت هوندو آهي ۽ ڪاري رات ڪر موڙي، ڇڳون ڇوڙي خماري نيڻ ڪٽي، اُرهه ۾ آس رکي پورب مان نڪتل پرڪاش جو اوسيڙو ڪنديِ آهي، تڏهن بادل دور دراز، جر

پر سڀ کان اهم ۽ جيوني ڪلا جو شاندار مثال آهي تيرٿ وسنت جو لکيل 'ڪنوَر' پسنڪ جو ٥٦-٥٧ ۾ ڇپيو جنهن لاءِ لعل سنگهه اجواڻيءَ سُهڻو مُهاڳ لکيو آهي، جنهنکي ساهتيه اڪادميءَ جو ڀهريون آبرودار اِنعام عطا ٿيو ۽ جنهنجو ديوناگريِ الٿو ڪري ڊاڪٽر موهن لعل شرما ١٩٩٦ ۾ دهليِ سنڌيِ اڪادميءَ جي ماليِ امداد سان ڇپارايو. ١٨٢ صفحن جي هن ڪتاب ۾ جيوني ڪلا ۾ مٿي بيان ڪيل سموريون خوبيون موجود آهن. پستڪ جدا جدا ١٤ بابن ۾ ورهايل سهڻي عبارت، وڻندڙ پيشڪش سلوڪن ۽ ڪلامن سان سجايل آهي، جو سچي جو سچو هر سنڌيءَ کي پڙهڻ ۽ سانڍڻ جڳائي. ليڪڪ خود اِها دعويٰ ڪئي آهي ته پوءِ جيڪي به چوپڙيون ڇپيون، سي سندس ڪتاب جي آڌار تي. لکي ٿو-

”هاڻي ٻڌو سوريتي سور، توهين به لاشڪ سورن واريون آهيو. ڳرپ ٿيو اَٿوَ يا نه، سو پاڻ کان پڇو. آئون ته سدائين ڳريوتي آهيان. ڳرڇ ٻار ڪو ورلي جمي ۽ جي جمي ٿو ته اُن کي جهول ۾ وجهو گهمان. چاڪاڻ ته لوڪن کي پنهنجا ئي گهڻا آهن، جنهنڪري منهنجي ٻار کي پُڇڪارڻ جيِ ضرورت ئي ڪانه اٿس. پر هڪ دفعي اهڙو سُهڻو سُلڇڻو پٽ ڄڻيم جو الاجي ڪيئن ماڻهن کي وڻي ويو. ڏٺم ته هرڪو پيو چُميس، ڇٽيس، بلڪ منهنجي موڪل بنا پنهنجي گود ۾ کنيو گهمائيس. اهو نورچشم هو ڪنوَر، جنهن تي مضمون سندس شهادت کان به تي مهنا پوءِ لکيو هوم ۽ سنڌو ۾ شايع ڪيو هوم. تنهن پڄاڻا اڻ ڳڻيون چوپڙيون نڪتيون آهن، جن ۾ ڪن انهيءَ ٻچي کي ڳِيا ڳِيا ڪري پنهنجو ٻوڙ تيار ڪيو آهي ته ڪن اُن کي ڪاڙهي شوروو ٺاهيو آهي. عجب ناهي جو اهي دم پخت ۽ شوروو مونکي پانءِ نه پوندا هجن، پلا ماءُ ڪيئن پنهنجي ٻچي جو پچڻ کامڻ سهيِ سگهنديِ. آئون ڪا ماٽيلي ماءُ ڪانه هئيمانس، جو چوان ماريو مئو پلو آهي.“ ١٤ باب آهن- ١. پرڪاشڪ ٢. مُهاڳ ٣. جنم ساکيِ ٤. سوامي سترامداس ٥.

هجڻ ڪري اسانجي نئين ٽهي توڙي غير سنڌيِ هن ڪتاب جي مدد سان پڳت ۽ سنت ڪنوررام بابت ڄاڻ حاصل ڪري فخر محسوسي سگهن ٿا. سپون رسالي (٢١) ۾ پڳت تي ٿيل قومي سيمينار ۾ پيش ڪيل مقالا شامل آهن، جيڪي پڻ بيحد عالماڻي ڍنگ سان پيش ڪيل آهن. حقيقت ۾ اُنهن جو پڻ هندي ترجمو ڪري عوام آڏو آڻڻ گهرجن.

ڊاڪٽر ديال آشا جا پڻ سنڌيِ سماج سان وڏا وڙ ليکبا، جنهن ''سنڌ جا سنت'' ڪتاب ۾ عام فهم ٻوليءَ ۾ سيني مهان شخصيتن جو بيان ڪيو آهي. سياويڪ اُن ۾ سنت ڪنوَر جي جيونيِ پڻ شامل آهي، جنهن مان مختصر ڄاڻ ملي ٿي.

تازو ٦ فبروري ٢٠٠٥ تي هم لوگ سرڪل اُلهاس نگر-۴ پاران ڪوناپل سنت ڪنوررام صاحِب سيمينار جي موقعي تي ٽن ڀينرن- مينا گوپ روپچنداڻي، پروفيسر سريتا ديويداس شرما ۽ پروفيسر آشا رنگواڻيءَ پنهنجي سليس اثرائتي ڀاشا ۾ جيڪي مقالا پيش ڪيا، تن کي سرڪل پاران ڇپارايو پڻ ويو آهي. ٽنهي مقالن ۾ گاگر ۾ ساگر ڀرڻ جي ڪوشش ۾ ڀينرن ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. مينا لکي ٿي- ''هڪ پير ۾ ادائي ادائي سوَ گهنگهرو ٻڌيِ ڪنوَر سانده نچي ۽ ڳائي سگهندو هو، باقي نہ تہ عام ماڻهن وانگر ڏوتي، نونن ٻٽڻن سان خميص، ڪُنڊل ۽ ڳوناڻي ٻہ سير وزن واريِ جتي پائيندو هو.'' اِندرلعل سوماڻي ويراڳيءَ جي انمول موتين جي مالها جو هڪ جرڪندڙ موتي سنت ڪنوررام پڻ آهي، جنهن ۾ ڪنوَر جي جيوني، پڳت ۽ شهيديءَ تي ١٠-٩ صفحن جو مضمون سهڻي عبارت ۾ لکيل آهي.

اجمير جي رٽائر ماستر ٿانورداس جو لکيل سنت ڪنوَر جيِ جيونيِ (سنڌ جا سنت پستڪ) اٽڪل سو صفحن ۾ مورتن، ڀڄنن، ڪلامن، سلوڪن سان سجيل سال ١٩٨۴ ۾ ڇپيو آهي، جيڪو ڇڱو ڌيان ڇڪائي ٿو.

جي انوکي شخصيت ۾ جيڪي رنگ ترنگ واس ڏوپ آهن، سي نکري نروار ٿين. جيوني هڪ عمدي باغ مثل ٿي پوي، جنهنجي ترتيب وار پوکيل بوٽن ۾ ڀانت ڀانت جا گل ٽڙن، ڦر جهلن، ڦوهارا نچن، ساوڪون ٻهڪن، پکي لنوَن، جوان ڪلن ۽ ٻڍا وشرام وٺن، ڀلي ڀلائي ٻه اِهو سندر باغ پشو شالا نہ بڻجي."

مٿيون خوبيون رواجي جيونين ۾ نظر اچڻ جو سوال ئي ڪونهي.

پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ "سنڌ ۽ سنڌي" ڪتاب جي آخرين باب ۾ ڀائي ڪنوررام جي ڀڳت تي مضمون لکيو آهي، جيڪو آگسٽ ١٩٣٦ ۾ سنڌ ۾ ڇپيو. اُن ۾ ڀڳت جي جهلڪ ئي آهي، پيشڪش وڻندڙ آهي. دوارڪاداس سنتاڻيءَ جي سنڌو سنسڪرتيءَ جي سگند ۾ "ڪنوررام جيئن مون ڏٺو" سِري سان مضمون ۾ شهيديءَ واري گهٽنا سان مضمون شروع ڪيل آهي ۽ ڪنوَر جي تاج بادشاه، ايڪتا جو علمبردار، عوامي ڀڳت وغيره گڻن جو ذڪر ڪيو اٿس. پر جيڪي سچايون اکين ڏٺيون ڳالهيون سنتاڻيءَ لکيون آهن، سي سچ پچ جوڳو ڌيان ڇڪائين ٿيون. انن صفحن جو هي مضمون جيوني ساهتيہ ۾ اِضافو آهي.

ڪجهہ ڪتابن بابت ڄاڻ اٿم پر اُهي مونکي باوجود گهڻي ڪوشش جي ملي نہ سگهيا، بيشڪ اُهي جيوني ساهت ۾ اِضافو آهن.

(١) جنم ساکي سنت ڪنوررام صاحب جي - (تيار ڪيل: اُتمچند شاستري)

(٢) امر شهيد سنت ڪنوررام - (پرنسيپال ڪنهيالعل تلريجا)

(٣) سنڌ جون يادگيريون (گلاب گدواڻي)

(٤) امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب جو جيوَن چرتر (ليکڪ ڄيٺانند لعلواڻي)

ڊاڪٽر جيٺي لعلواڻيءَ جي سنڌي ڀڳت شيلي نالي ڪتاب ۾ ڪوجناتمڪ ڄاڻ عام فهم ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي. وري ڪتاب هنديءَ ۾

بقول نيرت بسنت، جيوني محض نوس حقيقتن جي فهرست نہ آهي پر انترڏيان دڱارن يا يادگيريءَ جي سطح تي جيون جاڳرت ڪرڻ ۽ مانسڪ خواهہ شاريرڪ گهٽنائن جو ورڻن ڪرڻ واجب آهي. ڳالهہ ڪي وت ڏيئي سچ سان ڪچ ملائبو تہ جيوني ڪسي تي پوندي. معاملن جي چوڪي چڪاس ۽ سچي ياونا سان چونڊ ئي جيوني ڪلا جو اُتم ڪرتب آهي. دلي سچائي ۽ قلب جي اوجلتا هن ڪاريہ لاءِ تمام ضروري آهي. ڪامياب جيوني ڪار ۾ منووگياني درشٽيءَ سان گڏ انتر سوجهہ ۽ ڪلپنا شڪتي گهرجي، جا ڪردار جون سوڪيم ۽ تڇ ياونائون ظاهر ڪري. ذهني جنبش ۽ طرز بيان جي ڏات تہ ضروري آهي ئي، گڏوگڏ وشيہ سان منماني نہ ڪري وفاداري رکڻي آهي، جو سندس پير جڪڙيل آهن. هوُ آزاد ناهي. هنڪي نہ رڳو حقيقتون سچائيءَ سان پيش ڪرڻيون آهن، پر ڪلاتمڪتا سان پيش ڪرڻيون آهن. هوُ جيڪي ڏسي ٻڌي، تنهن سان پنهنجي وجود کي هم ساز، هم آواز بڻائي لفظن جو قالب ٿو گهڙي. ڪيس واسطيدار شخص جي ذهنيت ۽ ان-ذهنيت جي آڳي پيڇي جي ڄاڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهوءَ جي من ورتيءَ جو سندس جم، نيپاج ۽ سماجڪ پريويش ۾ اوسر سان سنبنڌ آهي. حياتيءَ سان تعلق رکندڙ هر معاملي جي وچور هٿ ڪرڻي اٿس، جنهن لاءِ جاکوڙ کپي جو اُنهن مان نڪرندڙ نتيجا سندس دل دماغ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ تي اثر انداز ٿين ٿا. موزونيت ۽ مناسبت بہ بيان جا اهم انگ آهن، سلسلو تہ گهربل آهي ئي. گڏوگڏ سادگي، صداقت، رواني، ترتيب ۽ سپ کان اهم آهي روشن تز ۽ عام فهم عبارت. ٻولي ڪو رانديڪو ناهي، جنهن سان جيئن وڻي تيئن کيلجي. لفظ ۽ اُنهن مان جڙيل جملن جي رچنا آهي ٻولي، جنهن سان اِظهار ٿئي ٿو. هرهڪ لفظ ۾ جان آهي ۽ اُن جان جو اِتهاس آهي. لفظ جو تز استعمال ئي تہ لکڻ جو فن آهي، ٻيءَ حالت ۾ رچنا لچڪندڙ ماس جهڙي يا رڳو هڏيون ئي هڏيون ياسندي. مطلب واسطيدار شخص ۽ جيوني ڪار

کنوَر تہ هو هڪ زنده سنستا
ڇا سندس ڪمن جي ڪجي ڪٿا
مٽر ڪنٺ جو هو مالڪ مگر ڏٺيءَ در هو سالڪ.

- - -

سڄيءَ سنڌ ۾ جو ماتم ٿيو اُنجو مثال ڪونهي ڪو ٻيو،
ٻار ٻڍا سڀ نر ۽ ناريون، رُنا درد مان زارون زارون.

- - -

امر شهيد هئو ڪنوَررام ميلا جنهن تي لڳن ٿا جام،
شل ٿورو ڪجهہ ڪٽي ڪنوَر مان ٻار پئون پڪ جڳت ۾ نور مان.

مٿين مثالن مان توهان بخوبي اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ روپ ڪمار گهايل هِي مهاڪاويہ رچي نہ رڳو ڪنوررام کي سچي شرڌانجلي ڏني آهي، پر سنڌي ساهتيہ ۾ بہ هڪ طرف مهاڪاويہ صنف سلامت رکڻ جو اُدم ڪيو آهي. ٻئي طرف سنڌيت قائم رکڻ جو فرض نڀائي ماتر ڀاشا جو قرض چڪايو اٿس. مان نہ سنيران تہ ڪنهن ٻئي ڪوِيءَ مهاڪاويہ تہ ڇڏيو ڪو کنڊ ڪاويہ ئي لکيو هجي. ضرورت آهي هنکي نرتيہ ناٽڪا جو روپ ڏيئي منچ تي پيش ڪري عوام ۾ مقبول ڪرڻ جي. گوورڌن ڀارتي سرگرم هجي ها تہ اُهو اُدم اوس ڪري ها. شل منهنجو هِي سڏ پڙاڏو ٻڌي ڪلاڪارن تائين پهچي. سنت ڪنوَررام کي نئين ٽهيءَ تائين بہ پهچائي ۽ پيارو بڻائي.

ناٽڪ چيپيل نظر نہ آيو البت فلم ضرور ٺهي آهي. ڪي. ٽي. اين. ٽي بہ آيل آهي.

جيونيِ -

جدا جدا شهرن جي سمارڪائن، ساليانن رسالن، اخبارن ۾ ڪنوَر جي مختصر جيونيِ ڇپبي رهي آهي. اها بہ عوام جي ڄاڻ ۽ پرچار لاءِ نهايت ضروري آهي. پر سچ پچ جيونيِ لکڻ ڪو ٻاراٽو مضمون لکڻ ڪونهي پر تمام اهم ڪلا آهي.

هائيڪو - ٻالڪ جو چهرو / سلي سيڻ ڪي تو / ارت سدا گهرو،
هائي ڪنور جي شادي طئہ ٿي، گرو گهوٽ ٿيڻ چوڏر جئہ ٿي،
شاديءَ بعد بہ نرموهي هو، نرليپ نہ ڪو جهڙو هي هو.

مهاڪاويہ ۾ سڀي جيوني، گڻ، ڪويتا جون صنفون، قدرتي نظارا، اهم گهٽنائون جنهن اثرائتي ڀاشا ۾ بيان آهن، تنهن مان ظاهر آهي تہ گهايل نہ رڳو جيونيءَ جو گهرو اڀياس ڪيو آهي، پر ڪنوَر جي جيون سان ايڪاڪار ٿي سهڻي نموني مهاڪاويہ جي رچنا ڪئي آهي. محدودگيءَ ڪري مان ڪيترا عمدا مثال ڏيڻ کان بہ خود کي روڪي رهي آهيان. ڪي چونڊ مثال ئي ڏيان ٿي.

قدرت جو بيان-

تو بن ڌرتي وياڪل آهي سائي چادر اوڍڻ چاهي،
ساوڪ سندو خرار ڪٽي اچ پيارا ميگهہ ملهار.

سکر ۾ گانڌيءَ جي اچڻ تي سيا ۾ ڏاڍو گوڙ هو، نيتائن جي اپيلن جو اثر نہ ٿيو، تڏهن ڪنوَر جو جادو هيئن ٿيو-

ڪنوَر رام جيئن سامهون آيو
ءِ هن منڙي سُر ۾ ڳايو،
ڪن ۾ جڻ ڪو جادو ٿي ويو
گوڙ سمورو غائب ٿي ويو.

گرو گرنٿ صاحب جي آرتيءَ جي جهلڪ هنن سٽن ۾ آهي-

سج چنڊ روپي ڏس ڏيئا اُپ ٿالهہ ۾،
شب روز ٿيندي ٿي رهي هيءَ آرتي.

گهايل نہ رڳو ڪنوَر بابت پر ڪنوَر جا ڳاتل گيت ڪلام بہ سهڻي نموني مهاڪاويہ ۾ نهڪايا آهن، جيئن نالي الک جي لولي ڏيوان نڪي جهڙي ٻال نون وغيره.

به ساراهه جون سُرڪيون پريون آهن. هن ۾ ٻارهن باب آهن- اول ا. (اَ) ارپڻ (ب) نويدن (ث) وندن ٢. ٻچپن ۽ جواني ٣. گرو ڀڳتي ۴. ڪنور ڪلاونت ۵. لوڪ گائڪ ٦. پرمارٿي ٧. داسن جو داس ٨. ايڪتا جو حامي ٩. شاهي سنستا ١٠. لاڪيڻو لال ١١. ڀهتل شخص ١٢. امر شهيد.

گهايل صاحب مهاڪاويه جون جيڪي ١٠ خصوصيتون ٻڌايون آهن، سي هن ۾ موجود آهن، جيئن-

(١) ڀڳت ڪنور جهڙي مهان هستيءَ جي جيون جو مُڪمل چِٽ.

(٢) هر باب جي شروعات ديوي ديوتا يا ڪوتا مهما سان آهي.

(٣) نائڪ اوچ گهراڻو گڻوان ۽ تواريخي شخص آهي.

(۴) گهٽ ۾ گهٽ اٺ سرگ هجن، هن ۾ ١٢ آهن.

(۵) هڪ مقرر ڇند هجي. ٻين ڇندن جو به سندر اِستعمال هجي.

(٦) هر سرگ ۾ اُستتيءَ بعد حاصل مطلب نڪري ٿو.

(٧) ويِر سينگار ۽ شانت رس حاصل ٿين ٿا.

(٨) پڇاڙيءَ جي سٽن ۾ ايندڙ باب جي موضوع جي ڄاڻ پوي ٿي.

(٩) قدرتي نظارن جو ذڪر آهي.

(١٠) گيتن جو سياويڪ اِستعمال آهي.

وندن

جامو ڇير ڪُنڊل پائي، ڪيئن ڪنوَر ڏس ڀيو ڳائي
مصريءَ ڪان وڌ منڙو سُر، صاحب جو نت مڃي شُڪر
جا به ڀڳت مان رقم ڪمائي، اُنهيءَ گهڙيءَ سا دان ڏئي
جهولي خالي ڪري اُٿي، اهڙو ناهي مثال ڪٿي.

- - -

قدرتي دلڪش ماحول ۾ ضلع سکر ڳوٺ جروار ۾،
ٻار جو جنم وڏو ڪرشمو، پنا لاءِ هو خوشيءَ جو سمو.

- - -

سنگت کيو سوال سائين کو مارو ٻڌايو،
مارو ڳائڻ سان محبوب جي آب اکين ۾ آيو.

٦. ڇهين رات جو ڇڪجي، هليو رهڙڪيءَ ۾ راڻو،
وسڻ سائينءَ جي ورسيءَ تي سنپاريو سوڍل سياڻو،
بس گولي هٽي گهوٽ کي، ڪيو گهايل گهراڻو،
ڳاڙهو پرجي ويو رت سان، سڄو هنڌ وهاڻو.

٧. ستين رات سنت کي، ڪٽي سکر ۾ آيا،
درشن خاطر دلدار جو ڪئين عالم آيا.

پروفيسر رام پنجواڻي ته پاڻ ڀڳت ڪنور بڻجي پيلي پڳڙي جامو پائي چير چمڪائي، جڏهن ورسيءَ تي اچي پروگرام ڏيندو هو ته مٿس ماڻهو مفتون ٿي پوندا هئا. ڳائڪ ڪلاڪارن سان گڏ هو ڪوي ۽ ليکڪ به هو. سندس هڪ رچنا جو مثال ڏيان ٿي.

سنڌڙيءَ جا او سنت سونهارا ڪنوررام پيارا،
هرهنڌ تنهنجا ميلا لڳن ٿا، پيلي پڳڙيءَ وارا،
منڙا منڙا راڳ تو ڳائي رانول کي ريجهايو،
يار ڪنوَر تنهنجا ٻول ٻڌڻ لاءِ هرڪو ڀڄندو آيو،
عشق سندو آواز اِلاهي برهه سندا وسڪارا،
آهي سڀ ۾ سانئيو ساڃن، سڪ سان تو سمجهايو،
اوچ نيچ جو ڀيد ڀلائي سڀ کي گلي لڳايو،
تنهنجو نينهن نيارو جڳ ۾، تنهنجا رنگ نيارا.

ڪويتا ۾ سڀ کان اهم ڪتاب جنهن ڏانهن سنڌي جاتيءَ جو ڌيان نه ڏنو آهي، سو آهي روپ ڪمار گهايل جو مهاڪاويه ”لاکيڻو لال“ جنهن ۾ سڄي جيوني ڪويتا ۾ رچيل آهي. سنڌيءَ ۾ مهاڪاويه لکندڙ هِيءُ ئي ڪوِي آهي، جنهنکي هنديءَ ۾ به مهارت ۽ تعليمي لياقت ڪري نيم معلوم آهن. پنج ڇهه مهاڪاويه لکيا اٿس. مذڪور ڪتاب مهاڪاويه ۾ ڪل ٨١ صفحه آهن. ١٩٩٤ع ۾ ڇپيل هن ڪتاب تي عالمن

آرتي

اوم جئه ڪنور رام پيارا، سوامي جئه ڪنور رام پيارا،
نس ڏِن توکي ڏيايون پل پل درشن پايون شڌ هردي وارا. اوم....
ڪنور ڪرشن جو روپ ڀُئين تون ڀڳتن جو پيارا،
پريم جي مرلي ڪير ٻڌائيندو ڀڪين جا سهارا. اوم....

ظاهر آهي مٿين گيتن جو ساهتيڪ معيار ايترو تلسيءَ بخش نه هوندو، پر ساز ۽ آواز سان ٻڌندڙن جي من جي سڪ ۽ شرڌا ماحول کي ڪنور مئه بڻائي ڇڏيندا آهن.

ڪنور جو راتيون ڪنهن کان ڳجهيون آهن؟ برابر اڄ جي ٿهيءَ کي اِهي ٻُڌڻ لاءِ نٿيون ملن، نه چاهه اٿن، پر مان اُنهن ڀاڳ وارن مان آهيان، جنهن راتيون ٻُڌِي ماڻي روئِي، سنت تي شرڌا جا گل چاڙهيا آهن. ڪجهه مثال سنت ڀهلاج جي رچنا مان-

راتيون

١. ڀهرين رات پرڀات جو، هلبو ريل چڙهي راٺو،
رهڙڪي ڇڏي مانجهاندن ۾، لٿو سوڊل سياڻو،
٢. ٻيءَ رات ڀهڪندو جو، اُٿيو هوت هينئين جو نار،
چير ٻڌائين پير ۾، پائي جامو زريدار،
پيلي پڳڙي مٿي تي، وار سهڻا گهنڊيدار،
ڪرشن وانگر ڪنن ۾، هيا ڪنڊل ڪيمياندار.
٣. ٽينءَ رات جو ٽائيم سان، ڪئي سانول تياري،
سيا لڳي لکن جي، آئي ڪنور جي واري.
٤. چوٿين رات چاهه مان، مُرڪيا ماڻهن جا هشام،
ڇم ڇم پائي چير سان، ڪڍيو سُر منو سننام.
٥. پنجين رات پنگت سان، سنت دادوءَ ۾ آيو،
ملي سيڻي صبح جو پرڀاتي ڳايو،

ڪيترو غم ڀريل منظر جو ڏياريءَ جي ڏيڻ واري ڏڻ سنڌين کي هيءُ خوني هوليءَ جو دردِي نظارو ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو. سنڌين جي سيني تي اِهو زخم اڄ بہ تازو آهي. سال ٢٠٠٢ ۾ سنڌين سنڌ ۾ آندولن ڪيو تہ رُڪ اسٽيشن جو نالو بدلائي ڀڳت ڪنوَر رکيو وڃي. ورسيءَ جي موقعي تي هزارين ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيا. اسان سڀ چاڻون ٿا تہ هر سال ڪنوَر جي ميلي تي هر شهر ۾ ڳائڻا فلمي طرزن تي گيت جوڙي ڳائيندا آهن.

چيناننند گل جو ڇم ڇم ڪري تون سائين
بي بقا جو او سنڌڙيءَ جا سردار ڪنوَر
او جر وارن جا جانب ڪنوَر.

ساڌ موتي رام سائل جا-

سنڌڙيءَ جو سردار ڪنوَر ويو راس رچائي.

ءُ

صدقي صدقي يار ڪنوَر تان ڇونہ وڃان ٻلهار ڪنوَر تان
ڪانگا ڏجان ڪنوَر کي پيغام روئي روئي.

ڀڳت پرماننند جو-

اسانجو ڪنوَر ڀڳت اوتار آ جنهنجو ٻار ٻڌي سان پيار آ
کهڙِي مهما ڪريان درويش جي ساري سنڌڙيءَ جو سردار آ
مونکي تاريندو تارڻ وارو، منهنجو سائين ڪنوَررام پيارو.

جهڙا جهجها گيت ملندا.

پائي روڙا رام (پائٽيو سنت سترامداس) جي رچيل هيءَ آرتِي تہ هر پريميءَ کي ياد هوندِي.

٦. رام نام جا اکر کنيائين، ويو ولائت وڻجارو،
سِک جا سودا ڪري سوداگر پرينءَ کي پهتو پيارو.

٧. جر وارن جو جان جگر هو سنڌ سچيءَ جو ساهه،
گلن اندر هو گل تہ گلابي تارن ۾ هو ماهه.

سنت ڪنور جي جهونيءَ ۾ انيڪ گيت جدا جدا گهٽنائن سان واسطيدار تُلسيو-ر-تلريجا لکيا آهن، جنهنجا پڻ ڪجهہ مثال ڏيڻ ضروري ٿي سمجهيان. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ١١ نومبر ١٩٣٩ درج آهي.

ڪيئن ڪري اُپما سگهي، هيءَ داس تلسي جي زبان،
سنت مالا جو مڻيو، منا هو سائين ڪنور.

- - -

هو مڌر آلاپ تنهنجو ۽ مني واڻي،
پڻ ٻڌي پرڀوڌ تنهنجو ٿيا پٿر پاڻي،
هڪ دفعو موئي سنگت کي موج ڪا تہ وناءِ.

- - -

ادا جي لال ٿا گهر ۾ املهہ اولاد جا چمڪن،
سڄوئي تنهن لڳي تلسيا دنيا ۽ مان جو آنند.

- - -

سائين سترام جي سرڳواس ٿيڻ تي لکي ٿو-

ڦهرِي ڪال اچانک آيو ڪٽي سنت بہ سيس نوايو،
ويو پنهنجو پاڻ سمائي ڪين ٻڌائي،
سهڻو شير يڳت جنگ جاني، جنهنجو مٽ نہ ٻيو ڪو ثاني،
اهڙو ڪير بلند ٻيو ڳائي ساز ملائي.

تلسيي جيونيءَ ۾ ١٣ گيت رچيا آهن، ڪويتا جو اپياس اٿس، چند جي جاڻ اٿس. گهايل وانگر تُلسيو بہ ڪنور ۾ ايترو ايڪاڪار هو جو ڪوشش ڪري ها تہ مهاڪاويہ لکڻ ۾ بہ ڪامياب وڃي ها.

جنهن رُڪ جي جنڪشن کي قتل گاهه بڻايو ۽ پاڻ ڇپايو
تنهنجي به ڳجهارت تي ذرا ڌيان لڳايو، آرام ڦٽايو
هن سنت جو هو وير ۽ ونجوڳ نه ڪنهن سان، هٽ جوڙ مڙين سان
هو رام ۽ رحمان ٻنهي جو هو اُپايو، آرام ڦٽايو
ڀڳتين ۾ پيري جهول غريبن کي ڏنائين ذاتيون نه ڏنائين
هندو ۽ مسلمان جو هن ڀيد ڀُلايو، آرام ڦٽايو.

ڪوِتا ۾ بيوس جي سڄاڳ اک، سنويدنا، ساماجڪ واسطيداري ساڀيان تي ٻيٺي آهي.

ساڳي ڳالهه پرسرام ضيا جي هن نظم ۾ موجود آهي، جنهن ۾ عرش فرش تي آهون دانهون ٿيڻ، اپلائن جو آليون اکيون، وڏوائن جا ورلاپ، لکن هزارن ڪُلهن تي ڪنور جو سرير هجڻ جهڙا منظر ساڀيان بڻايا آهن.

نر به رُنو تي نار رُنو تي، ٻُڍي رُنو تي ٻار رُنو تي،
جوڳا ماندا مُحب ٻنا سڀ هندو مومن زار رُنو،

١. پتي ڪديائين پار پرينءَ سلڪن تي ماتام ڪيو،
عرش فرش تي آهون داهون ڪنوَر تي عام ڪيو.

٢. ويراڳي ته وماں ۾ ويهي، ويهي دلبر تي ويو دور،
ڏڏڪا پهتا دل وارن کي، ورهه ڪيو وهلور.

٣. اکڙيون آليون اپلائن جون وڏوائن ورلاپ ڪيا،
نير وهائن نياڻيون نماڻيون، آهه پريا آلاپ ٿيا.

٤. لکن هزارن ڪنڌن تي سنت جو آهي سرير،
شان سان ارٿي اچي رهي آهه، دليون سڀئي دلگير.

٥. دُعا وني درويش ڪان خونين ڇوهه مان هنئي توکي گولي،
ڳهاوَ سهي گولين جا تن تي هوت ملهائي خون جي هولي.

هر سنڌيءَ جي دلين تي راڄ ڪندڙ دلاري، پروپڪاري، سوز ڀريل مٺڙي آواز جي مالڪ، نسوارڻ نينهن جي ساگر، ڀڳت ڪنورام کي سنڌي ساهت ۾ ڪهڙو مُقام حاصل آهي؟ هتي مان ورسين ميلن تي ٿيندڙ پروگرامن، نظم، سائين چاندورام يا ٻين پاران ٿيندڙ پرچار بابت ٻه ڪجهه نه چئي، فقط ساهت سان واسطيدار ڄاڻ جي اُپٽار ڪندس.

نظم

اِهو هڪ عجب ۾ وجهندڙ سچ آهي ته دنيا جي هرهڪ ٻوليءَ جي ادب جي شروعات شعر سان ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته شاعرِي اندر جي چوهه مان پئدا ٿئي ٿي ٻيوَس جي-

”اندريون جي اُڇل ڏيندو، ٻاهريون نه سَٽ جهليندو“ مثل اِن حساب سان ڪنهنجي ساراهه ۾، وڇوڙي جي غم ۾ لکيل رچنائن جو رواجي طرح ساهتڪ معيار ٻه رواجي سمجهيو ويندو آهي. اُنهن ۾ عالمگيري، لازمان، لامڪان واري خوبيءَ جي اُميد گهٽ رکي ويندي آهي. پر ڪي شخصيتون رچناڪار جي دل دماغ ۾ ايترو ولولو پيدا ڪن جو هوُ واسطيدار شخصيت سان ايڪاڪار ٿي وڃي. سندس قلم خود ٻه خود ڪلڪراني ڪري ته اُهي سنيون ساهتيڪ رچنائون بڻجي پونديون آهن. مون ڇنڊڇاڻ ڪندي ڏٺو ته اڄ جي مشهور ساهتيڪارن ڀڳت ڪنوَر تي قلم لڳ ڀڳ نه هلايو آهي، جيتوڻيڪ ڪنهن قوم لاءِ اِها ڳالهه ڏکوئيندڙ ئي چئبي. ڪنوَر جهڙِي شخصيت جيڪڏهن فنڪار کي لوڏي نه ٿي، ته سچ پچ ”اسان مريءَ متجي ٻه ملهه نه سڃاتو“ کي ساپيان ڪنداسين. پر اِهو ڏسي فخر ڳاڏڙ خوشي ٿي ته سنڌي ڪويتا جي نئين دور جي باني ڪوِي ٻيوس ڪنوَر جي شهادت تي ڪرُڻ رس سان ڀرپور ڪويتا لکي آهي.

قتلام ڪنوَر رام جي ماتام مچايو، آرام ڦٽايو
جا سنڌ ۾ جا هند ۾ جولان جڳايو، آرام ڦٽايو

مقالو

سنڌي ساهتيه ۾ ڀڳت ڪنوررام

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي-

”ادب سان قوم جي سونهن سُڃاڻ
سچو ساهتيه روشن مينار
پڙهڻ سان اوچا ٿين ويچار
خزانو سچو قوم جو جاڻ
ادب سان قوم جي سونهن سُڃاڻ.“

سنڌڙي آ يومي سنتن ۽ درويشن جي، ساڌن پيرن جي، الله لوڪ فقيرن جي.

سنڌ جي ڀاڳن واري ڀلاري ڀونءِ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ سچ پچ اها مٽي سڀاڳي آهي. اُهو پٽ پاڪ آهي، جتي جي ذري ذري ۾ مهان آتمائن پاڻ پسايو. اُهي ڪوي هجن يا ليکڪ، سنت مهاتمائون يا پير فقير، ڀڳت يا سنت، ڳائڻا سازندا يا سنگيتڪار. مطلب اڻ ڳڻين امر آتمائن پنهنجا پير گهمائي نه رڳو پنهنجي ڀونءِ جو مان مٿاهون ڪيو، پر ٻين هنڌن ڪي به پنهنجي خوشبوءِ سان واسي ڇڏيو. اهڙين ئي اوچ هستين مان هڪ اهم ترين نالو آهي امر شهيد سنت ڪنوررام.

جيئن ته هن سيمينار ۾ ڀڳت صاحب جي جيون تي جدا ڪوجناتمڪ مقالو پيش ٿيڻو آهي، اِنڪري مان پنهنجي طرفان اهو دوهراءُ اجايو ٿي سمجهان. عالمن جي هن سيمينار ۾ ساهت چاهي؟ سنڌي ساهت جي اوسر وغيره جي اُپٽار ڪان به پاڻ بچائيندي يونيورسٽيز ۾ سنت ڪنور چيئر برپا ڪرڻ جي ڪوشش جي ڄاڻ هوندي به مان خود کي ڏنل وشئه تائين ئي محدود رکان ٿي. ساهت جون ٻه اهم شاخون آهن نثر ۽ نظم. نثر ۾ جدا جدا ڪي ويهارو صنفون شامل آهن ۽ اُن کان وڌيڪ گهاڙيتا وري نظم ۾ به آهن. اچو ته ڏسون اسانجي پياري

سيمينار جي ٻئين بيٺڪ ۾ ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻيءَ جو لکيل ''سنت ڪنورام ۽ ڀڳت'' وشيه تي مقالو هن جي نه اچڻ سبب شري پدم شرما پيش ڪيو. مقالي ۾ ڀڳت جي ٽيڪنڪ ۽ سنت ڪنورام جو ڀڳت سان نياهڻ، ڀڳت جي پرمپرا قائم رکڻ لاءِ مڪمل ڄاڻ ڏني. ڪارروائي گورڌن شرما هلائيندي، ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻيءَ جي ڄاڻ ڏني. ٻئنڪ جي صدارت ڪندڙ شري دوارڪي سنناڻي پڙهيل پيپر بابت پنهنجا رايا پيش ڪيا.

چوٿين ساهتڪ ٻئنڪ ۾ شري سرل گياپرٿي هند ۾ سنت ڪنورام جا يادگار وشيه تي پيپر پڙهندي ٻڌايو ته سنت ڪنورام جي نالي هندستان جي گهڻن ئي پرانتن ۾ ڪالونيون، اسڪول، ڪاليج، ڌرمشالائون، پيائو ۽ پتلن جي ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو ته سوَ کان به مٿي سنت ڪنورام لاءِ ڪاريه ڪندڙ سنسٿائون، لکنوءَ جي امر شهيد سنت ڪنورام مشن سان جڙيل آهن. ڪارروائي هلائيندي شري ٽيڪچند مست شري سرل گياپرٿي طرفان ساهت اڪادمي، پترڪاري ۽ مشن سان جڙيل ڪاريه جي ڄاڻ ڏني. صدارت ڪندي سائين موهنلال سيني آيلن تي آسيس جي ورکا ڪئي.

سنت ڪنورام جي جيون ۽ ڪاريه جي ڄاڻ، سنسٿائن، پئنچايتن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ لئبررين ذريعي پرچار ڪرڻ لاءِ سنت شرومڻي سائين موهنلال کي عرض ڪيو ويو ته سيمينار ۾ پڙهيل مقالا ۽ رپورٽ امر شهيد سنت ڪنورام مشن طرفان شري سرل گياپرٿي جي سهڪار سان ڇپايا وڃن. سائين موهنلال اِهو عرض قبول ڪندي چيو ته اِهي مقالا ڇپايا ويندا. شام جو پوڄ پئنچايت وارائسيءَ پاران گنگا نديءَ ۾ ٻيڙيءَ جي سئر جو پروگرام رٿيو ويو. گنگا ماتا جي آرتيءَ ۾ شريڪ ڪيو ويو. ٽن ڏينهن جو هيءُ سنت ڪنورام صاحب تي ٿيل سيمينار حد ڪامياب ويو ۽ يادگار ٿي رهندو.

راڌاڪرشن عالمچندائي، سرل گياپرتي، سندر ڏنگواڻي، لڇمڻ ڪيسواڻي، نيڪم آفتاب، دوارڪاداس سنتاڻي، گورڌن شرما گهايل، گيانچند شهدادپوري، گنگارام اُتمچنداڻي، تيجوجا پريمي، نندلال سچديو، وشن لال روپاڻي ڀاڳ وتي، سنت ڪنورام جي ڪاريه ۽ پرچار لاءِ پنهنجا رايا پيش ڪيا. ڪارروائي ٽيڪچند مست هلائي.

سنڌي هندي مشاعرو: رات جو شري موهن لال ڪٽر جي صدارت هيٺ سنڌي ۽ هندي مشاعرو پيش ڪيو ويو. جنهن ۾ سروَ شري سانڊ بنارسي، رياض بنارسي، مارڪنڊي ترويدي، راجيندر گپتا، اشوڪ تلريجا، وشن لال روپاڻيءَ هنديءَ ۾ ۽ شري بلو چوئٿاڻي، گنگارام اُتمچنداڻي، دوارڪاداس سنتاڻي، گيان شهدادپوري، تيجوجا پريمي، لڇمڻ ڪيسواڻي، ساجنداس ڪندناڻي، امرت لال دهلاڻي، ماڌو چيتواڻي، گورڌن شرما گهايل، شريمتي نيلم چاٻڙيا، اِندومتي شهدادپوري، شالني ساگر، ڪماري وينا شرنگي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي بزم-سخن ۾ موج مچائي. سنڌي هندي شاعريءَ جي پلٽ پلٽان ڪندي مشاعري جي ڪارروائي شري ٽيڪچند مست هلائي. مشاعرو نهايت ئي ڪامياب رهيو.

سيمينار جي ٻين بئٺڪ: ١٣ مارچ ٢٠٠٥ تي ڪماري وينا شرنگيءَ سنت ڪنورام جي جيوني ”تون چپر تون چانوَ“ نهايت ئي قابلاڻي انداز ۾ معياري مقالو پيش ڪيو، جنهن ۾ سنت ڪنورام جي جيون جا باب نهايت ئي دلچسپ نموني پيش ڪيا. نندپڻ ڪان شهادت تائين هن جي جيونيءَ بابت مقالي ۾ هر گهربل جاڻ ڏنل هئي. شري لڇمڻ ڪيسواڻي ڪارروائي هلائيندي وينا شرنگيءَ جي ساهتڪ ۽ ڪلا کيتر ۾ ڪيل ڪاريه جي جاڻ ڏني. اُتيل بحث ۾ وينا شرنگي سڀني کي سٺي جاڻ ڏني. صدارت ڪندي شري ٽيڪم آفتاب پيپر جي معياري ۽ هلندڙ بحث لاءِ خوشي ظاهر ڪئي.

دادا روچيرام ٿاواڻي، شري سرل گياپرتي، شري لال ٿڌاڻي، نندلال سچيديو، موهنلعل ڪٽر، سنت ڪنوررام ۽ سڀا جي ڪاريہ تي پنهنجا وچار پيش ڪيا. سنت شرومڻي سائين موهنلعل سيمينار جي ڪاميابيءَ لاءِ آسيس ڪندي چيو تہ سنت ڪنوررام جي جيوني ۽ ڪاريہ کي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ ضروري آهن. سڀا جي سيڪريٽري جنرل ٽيڪچند مست پوج سنڌي سينٽرل پئنچايت جي بانيڪارن طرفان مهمانوازي، رهائشي بندوبست، آيل سڀني ڊيليگيٽن جي سنمان لاءِ شڪرانا مڃيا. هن آيل ساهتڪارن، پترڪارن، دوردرشن جي بانيڪارن ۽ هنديِ پترڪارن جا بہ شڪرانا مڃيا، جن مهورتي اِجلاس جي ڪارروائيءَ جي رڪارڊنگ ڪئي ۽ اخبارن لاءِ خبرون ۽ اِنٽرويو ورتا.

پهرين ساهتڪ بيٺڪ ۾ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ ”سنڌي ساهت ۾ سنت ڪنوررام جو ذڪر“ وشيہ تي کوجناتمڪ مقالو پيش ڪيو، جنهن ۾ هن سنڌ ۽ هند ۾ سنت ڪنوررام تي ڇپيل ساهت ۽ آرتيءَ جو ذڪر ڪندي اِن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ اسڪولي درسي ڪتابن ۾ سنت ڪنوررام صاحب تي ليک شايع ٿيڻ گهرجن، جيئن نئين ٽهيءَ کي ڄاڻ پوي تہ سنت ڪنوررام جو غريبن، محتاجن لاءِ ڪيترو نہ هڏ ڪرڪندو هو، هن جي ڳلي ۾ ڪيترو نہ ميٺاج هو. هن ڀڳت جي پرمپرا سان ڪيئن نڀاهيو. هن بئٺڪ جيِ شروعاتي ڪارروائي هلائيندي شريمتي شالني ساڳر، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ جي ساهتڪ يوگدان جي واقفيت ڏني. صدارت ڪندي شري پدم شرما، بحث ۾ ڀاڱ وٺندڙ ساهتڪارن جي شنڪائن کي دور ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ جا تسليءَ بخش جواب ڏيڻ جو ذڪر ڪندي، پنهنجا بہ رايا پيش ڪيا. شڪرگذاري لتا ٺهلياڻيءَ مڃي.

ڪُليل اِجلاس: پهرين ساهتڪ بيٺڪ بعد ڪليل اِجلاس رکيو ويو، جنهن ۾ سڀ شري نانڪرام ليکواڻي، دادا روچيرام ٿاواڻي، شري

موهن لعل صاحب جي هٿان سيمينار جو مهورت ٿيو. سڀا جي سيڪريٽري ڊاڪٽر لنا ٿهلياڻي، امر شهيد سنت ڪنوررام تي سڀا طرفان ٿيندڙ ۴۰ سيمينار ۾ آيلن جي آجيان ڪئي ۽ معزز مهمانن کي عرض ڪيو ته اسٽيج تي اچڻ جي عنايت ڪن. سنت شرومڻي سائين موهن لعل، سوامي هري هرداس مکيه مهمان دادا روچيرام ٿاواڻي، موقعي جي صدر ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، سروَ شري پدم شرما، سرل گيا پرتي ۽ سڀا جي سيڪريٽري جنرل ٽيڪچند مست سان گڏ پوج سنڌي سينٽرل پئنچات جو پريزيڊنٽ شري ايس.ڪمار، سيڪريٽري شري رميش لالواڻي، ايم.ايل.سي. شري موهن لعل ڪٽر به اسٽيج تي براجمان ٿيا. مهورتي اِجلاس جي ڪارروائي هلائيندي سيمينار جي ڪنوينر شري وشنلال روپاڻي، اسٽيج تي وينلن جي واقفيت ڏني. سائين ڪنوررام جي آدم قد مورت اڳيان سائين موهن لعل ۽ مهمانن جوت جلائي. ڪارروائي هلائيندي شري وشنلال روپاڻي، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا طرفان، اکل ڀارت سطح تي سنت ڪنوررام صاحب تي ڀهريون دفعو سيمينار ڪرڻ لاءِ چيو ته هيءُ سنت ڪنوررام تي ٿيندڙ سيمينار هن جي جيوَن ۽ ڪاريه کي عام اڳيان آڻڻ لاءِ اهميت ڀريو قدم آهي. هن سڀا طرفان ساهت، ٻوليِ، تعليم ۽ ڪلا جي خاطر ورتل ڪوشش جيِ ساراهه ڪئي. پئنچايت جي باني ڪارن طرفان اسٽيج تي وينل مهمانن جو سنمان گلن جي هارن ۽ شالن سان ڪيو ويو. آيل ڊيليگيٽن جو سواگت گلن جي هارن، مومينٽو ۽ سوکڙين سان ڪيو ويو. موقعي جي صدر ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ سڀا طرفان گذريل ۲۰ سالن جي ڪارين تي روشني وجهندي چيو ته سڀا، ساهت، تعليم ۽ ڪلا سان گڏ انوکين ۽ علحدين وشين تي به سيمينار ڪري رهي آهي. اُجين ۾ سنت ساهتيه تي، ورنداون ۾ شري ڪرشن ڀڳوان جو سنڌي ساهت ۾ ذڪر ۽ هاڻي سنت ڪنوررام تي اکل ڀارت سطح تي سيمينار ڪري ساهت کيتر ۾ نواڻ آنديِ آهي. مهورتي اِجلاس ۾ مکيه مهمان

۴۰ سيمينار جي رپورٽ

امر شهيد سنت ڪنوررام

-ٽيڪچند مست

١١ مارچ ٢٠٠٥، صبوح جو سوير، چئين بجي ڪان، پوڄ سنڌي سينٽرل پئنچايت وارائسيءَ جا بانيڪار هٿن ۾ گلن جا هار کڻي، هر ايندڙ ٽرين مان لهندڙ ساهتڪارن جو سنمان ڪرڻ لاءِ، اچي اسٽيشن تي حاضر ٿيا. موقعو هئو اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ساهت پرچار سڀا طرفان مندرن جي شهر، پراچين اِتهاسڪ، گنگا نديءَ جي ڪنارن تي وسيل بنارس شهر ۾، امر شهيد سنت ڪنوررام صاحب تي رٿيل سيمينار جو. ٽرين مان هر لهندڙ جو گلن جي هارن سان سواگت ڪندي جئه جهوليلعل جا نعرا هڻندي، موٽرن جي قافلي ۾، سڀني ساهتيڪارن کي جسلوڪ هوٽل ۾ آندو ويو. آرام ديهه ڪمرا، دلپسند ناشتو ۽ اُتي جي شهر واسين جو پيار پائي، سڀني جا ٿڪ دور ٿي ويا. ناشتو ڪرڻ بعد وري بہ آيل ٥٠ ساهتيڪارن کي الڳ الڳ موٽرن ۾ ويهاري، پئنچايت جا بانيڪار ڪاشيءَ جو درشن ڪرائڻ لاءِ صبح جو ٣٠-١١ نڪتا. ٻڌرم جو اِتهاسڪ شهر سارنات، انيڪ مندر جا درشن ڪرائيندي ٣٠-١ بجي منجهند جو وري اچي هوٽل پهتا. رسوئي ڪارائي وري بہ موٽرن جو قافلو برلا مندر، درگا مندر، مانس مندر، سنڪٽ موچن، ڪاشي وشوَ وديالیہ وغيره جو درشن ڪندي، ساهتڪار جسلوڪ هوٽل پهتا، جتي چانهہ جي چسڪي چاڙهي، تازهہ توانا ٿي ٻئجي وري گهمڻ نڪتا. گنگا ماتا جي آرتيءَ سڀني جي دلين کي موهي ڇڏيو. وشوناٿ مندر ۾ سڀني سيس جهڪائي آسيس ورتي. بنارس جي مشهور ليمن چانهہ جو لطف ماڻي، سڀني کي هوٽل ۾ آندو ويو.

سنت شرومڻي سائين چانڊورام صاحب (لکنو) جي آسيس سان، ١٢ مارچ ٢٠٠٥ صبوح جو ٻارهين بجي جهولي لعل مندر ۾ جهولڻ اکيان سيس نوائي، شاهي شاميانيءَ ۾ شاندار اسٽيج تي سنت سائين

ॐ

Shiv Shanti, Sant Asudaram Ashram
शिव शान्ति, सन्त आसूदाराम आश्रम
स्नेह नगर, वी.आई.पी. रोड, आलमबाग, लखनऊ (उ.प्र)(0522) 2457573, 9415102017
Website : www.shivsakhi.com, Email id: ssa01@sufy.com, scrsheaven@hotmail.com

سنديش

پياري ڀيڻ ڪملا گوڪلاڻي،

سنڌ جي سرتاج، ڀڳتن جي ڀڳوان، جروارن جي جوان امر شهيد سنت ڪنورام صاحب تي واراڻسي شهر ۾ سنڌي اديبن جو هڪ سيمينار ”سنڌ ساهتيه ۾ سنت ڪنورام“ نالي سان ٿيو. اديبن پاران پيش ڪيل مقالن کي گڏ ڪري اوهين شايع ڪري رهيا آهيو، اِن لاءِ اوهان کي شڀ ڪامنائون.

سنت ڪنورام صاحب جن پنهنجي ستگروءَ کي ايشور جو روپ سمجهي سيوا ڪئي ۽ ايشور سان وچي مليا.

امر شهيد سائين جن ايشور ڀڳتي ڪري عوام کي هڪ مُٺ ٿي پيار ۽ ڀائيچاري سان رهڻ جي سکيا ڏنائون. پنهنجي سنگيت ميه، آڌياتمڪ ڀڳتي جي دواران ڳوٺ ڳوٺ ۾ پنهنجي پيارن کي ايشور ۾ جوڙي رکيائون.

پريو چرڻن ۾ اِهائي نماڻي وينتي آهي تہ اوهان کي هن ڪوشش ۾ سڦلتا ملي ۽ شرڌالن کي اُنهن جي آدرش مان پريرڻا ملي.

داسن داس

سنت بابا آسودارام جو شش
داسن جو داس چاندو

(چانڊو)

سنڌي ساهتيہ ۾ سنت ڪنوررام

40 ساهتيڪ سيمينار ۾ پڙهيل مقالا

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ پرچار سڀا
301، شِلپا اَپارٽمينٽ، اُلهاس نگر - 421003

مهوُرت ڪندڙ

سائين موهن لعل سُپٽر سوامي چانڊورام جي

مرتب ۽ ديوناگري اُلٿو ڪندڙ
ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

سهڪار

ٽيڪچند مست
ڊاڪٽر لتا ٺهلياڻي

ڇپائيندڙ

اَمر شهيد سنت ڪنوررام مِشن

شِوَ شانتي، سنت آسودارام آشرم
وِي. آءِ. پي. روڊ، عالم باغ، لکنو (اُترپرديش)
فون: 2457573
اِي-ميل: ssaol@silfy.com





ڪيڪ ڪٽيندي سائين موهن لعل، ٽيڪچند مست، سرل گياپرٽي ۽ ٻيا.
۽ ڊاڪٽر ڪملا ڳوڪلاڻي، ”ڪبير“ (سنڌي پستڪ) سائين جن کي ڀيٽ ڪندي

سنڌي ساهتيه ۾

سنت ڪنوَررام



چپائيندڙ

اَمر شهيد سنت ڪنوَررام مِشن

”شِوَ شانتي، سنت آسودارام آشرم“

وي. آءِ. پي. روڊ، عالم باغ، لکنو (اُترپرديش)